الجزء ٣ وقف لازم

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ م مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ
وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ط وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ
بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ
مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ
كَفَرَ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا قف وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ع ﴿٢٥٣﴾ ع ٣٣ / ٥

هنن رسولن مان اسان بعض کي بعض تي فضيلت عطا ڪئي آهي. انهن ۾ اهي بہ آهن، جن سان الله ڪلام ڪيو ۽ بعض جا مرتبا (ڪنهن خاص عنايت سبب) مٿانهان ڪيا. اسان عيسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَامُ) کي چٽا چٽا معجزا (نشانيون) عطا ڪيون ۽ اسان پاڪيزه روح (روح القدس) جي ذريعي ان جي مدد ڪرڻ فرمائي. جيڪڏهن الله جو قانونِ مشيت گهري ها تہ واضح تعليمات (آيات) اچڻ بعد هو لڙائي جهڳڙو نہ ڪن، تہ الله ائين ڪري سگهيو پئي، پر هنن پنهنجا اختيار استعمال ڪندي، پاڻ ۾ اختلاف ڪيا پوءِ انهن مان ڪو مشرف باسلام ٿيو تہ ڪو وري ڪفر تي قائم رهيو. جيڪڏهن الله گهري ها تہ هو پاڻ ۾ ڪونہ وڙهن ها ۽ الله اهوئي ڪري ٿو، جيڪا هن جي مشيت آهي. (253)

قرآن حڪيم ۾ 15 انبياء ۽ مرسلين جو ذڪر آهي، انهن جي صحيح تعداد ۾ اختلاف آهي. هي سمورا رسول رسالت جي منصب جي اعتبار سان تہ هڪ ئي جماعت جا فرد آهن، جن ۾ ڪا تفريق ناهي. (البقره: 285/2) پر پنهنجي پنهنجي خصوصيتن ۽ تبليغ جي دائره ڪار، وقت ۽ حالتن جي لحاظ سان انهن مان ڪجھ کي ڪجھ مٿان فضيلت حاصل آهي. وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ اسان ڪجھ نبين کي ڪجھ نبين تي فضيلت ڏني آهي. ڪنهن نبيءَ کي ڪهڙي تہ ڪنهن نبيءَ کي ڪهڙي فضيلت عنايت ٿيل آهي، اها حقيقت آهي. (الانعام: 165/6-132، الرعد: 4/13، بني اسرائيل: 55/17

الزخرف: 32/43) پر نبي ڪريم ﷺ جو اهو فرمان ته ”لَا تُخَيِّرُوْنِيْ مِنْ بَيْنِ الْاَنْبِيَآءِ“ (صحيح بخاري و مسلم) اوهان مون کي ٻين نبين ۾ پلو نه سمجهو جنهن جو مفهوم آهي ته منهنجي فضيلت بيان ڪندي ڪنهن به نبي جي شان ۾ گستاخي يا گهٽتائي جو تاثر پيدا نه ٿئي. صحيح بخاري جي حديث آهي: ”اَلْاَنْبِيَآءُ اَوْلَادُ عَلَّاتٍ اُمَّهَاتُهُمْ شَتّٰى وَ دِيْنُهُمْ وَاحِدٌ“ حضور ﷺ فرمايو ته تمام انبياءَ عليهم السلام جي جماعت پيءُ شريڪ اولاد (اولاد علات) آهي، انهن جون مائرون الڳ الڳ آهن، پر سندن دين هڪ آهي. انهن انبيا ڪرام ۾ اهي به آهن، جن سان الله (جبرئيل جي واسطي بنا) سڌو ڪلام ڪيو، جيئن حضرت موسىٰ عليه السلام سان رب پاڪ ڪلام ڪيو. (القصص: 30/28، طٰهٰ: 20/12-11، الشورىٰ: 51/42) ڪجهه جا وري (ٻين معاملن ۾) درجا بلند ڪيا. تو ڪان اڳ انهن ۾ عيسىٰ عليه السلام جيڪو بيبي مريم عليها السلام جو پٽ آهي، جنهن کي روشن ۽ چٽا دليل عطا ڪيا. (آل عمران: 49/3، المائده 110/5) ۽ روح القدس (يعني وحي) جي تائيد ۽ تقويت سان سرفراز ڪيو. پر حضور اڪرم ﷺ کي انهن سمورين صفتن ۽ خوبين سان سرفراز ڪيو، جن مان هر نبي ڪنهن خاص صفت سان موصوف هيو.

حُسنِ یوسف، یدِ بیضا، دمِ عیسیٰ داری
ہر چہ ہمہ خوباں دارند، تو تنہاداری

(علامہ جامی رحمۃ اللہ علیہ)

عجب جهڙي آهه حقيقت حبيب جي
نڪي چئبو سو ڏٺي، نڪي مخلوقا
شفق جي ساڃاهه جا ملي ليل و نهار کي.

(سلطان الاولياء مخدوم محمد زمان رحمة الله عليه - لنواري)

جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها ۽ ائين ڪرڻ گهري ها ته جيڪي ماڻهو پيغمبرن جي چٽي ۽ روشن هدايت ۽ رهنمائي بعد اختلاف ۽ جنگ و جدال ۾ نه پون ته ائين ڪرڻ هن جي قدرت لاءِ ناممڪن نه هو. پر انسان کي ڪنهن به هڪ حالت تي مجبور نه ڪيو ويو ۽ ڪيس ارادي ۽ عمل جو اختيار ڏنو ويو. هاڻي مرضي آهي ته هو ڪفر جي راهه

اختيار ڪري يا اسلام جو دامن پڪڙي. ان ڪان پوءِ ماڻهو اختلاف جو شڪار ٿي ويا، ڪجهہ ماڻهن ايمان جو رستو اختيار ڪيو تہ وري ڪجهہ ماڻهن ڪفر ۽ انڪار جي واٽ ورتي. ايمان وارن کي ان جو صلو ملندو ۽ ڪفر وارن کي ڪفر جو انجام ڏسڻو پوندو. (الڪهف: 29/18، الدهر 3/76، الشمس 9-10/91) پر جيڪڏهن الله جي مشيت ۾ جبر جو قانون هجي ها تہ انسان کي بس هڪ راهہ تي ئي رهڻو آهي تہ پوءِ ڪڏهن بہ هنن ۾ لڙائي جهڳڙو نہ ٿئي ها. پر الله جيڪي بهتر سمجهي ٿو اهو ئي ڪري ٿو. مخلوق مان ڪو بہ سندس حڪمت ۽ مصلحتن جو احاطو ڪري نٿو سگهي.

هيءَ دنيا انسانن جي باهمي اختلاف سبب لڙائي جهڳڙي ۽ جنگ وجدل جي دنيا آهي. جنهن کي امن وسڪون جو جهان ناهڻ ۽ زندگيءَ ۾ خوشگوار ۽ پرمسرت لمحن کي واپس آڻڻ ۾ نظام خداوندي جو سهارو وٺڻو پوندو. جنهن ۾ جهاد في سبيل الله جو حڪم تاقيامت آهي. ”لَنْ يَّبْرَحَ هٰذَا الدِّيْنُ قَآئِمًا يُّقَاتِلُ عَلَيْهِ عُصَابَةٌ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ حَتّٰى تَقُوْمَ السَّاعَةُ“(صحيح مسلم) هي دين قائم رهندو ۽ قيامت تائين مسلمانن جي هڪ جماعت لڙندي رهندي. حديث شريف ۾ آهي: ”اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ“(صحيح بخاري) پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو تہ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ جيستائين ماڻهو الله جي شهادت نہ ڏين ۽ محمد رسول الله خاتم النبيين ﷺ کي رسول ڪري نہ مڃين، تيستائين مان انهن سان جنگ ڪريان. ان ڪري جهاد سان گڏوگڏ راهہ خدا ۾ انسانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مالي قرباني کان بہ دريغ ناهي رکڻو، اهو ان ڏينهن کان اڳ ڪريو، جنهن ڏينهن نہ ڏيتي ليتي يا خريدو فروخت ڪري نجات حاصل ڪري سگهبي، نہ ڪنهن جي دوستي ڪم ايندي، جو ان جي نالي تي پنهنجين ڪوتاهين جو ازالو ڪري سگهجي ۽ نہ وري ڪنهن جي سفارش سان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهبو. (تفصيل ڏسو: البقره: 48-254/2) ان ڪري جو ڪجهہ ڪرڻو آهي اهو هتي ئي ڪرڻو آهي. ”اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْاٰخِرَةِ“ هتي جو پوکبو، اهو ئي اتي لڻبو. جيڪي ماڻهو بہ هن چٽي حقيقت جا انڪاري آهن، هي اهي انسان آهن، جيڪي نظام خداوندي کي ترڪ ڪري پنهنجو ئي نقصان ڪري رهيا آهن.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۵۴﴾

**اي مؤمنؤ! جيڪو اوهان کي اسان عطا ڪيو آهي، ان مان ان ڏينهن جي اچڻ ڪان اڳ خرچ ڪريو، جنهن ڏينهن نہ ڪا خريد و فروخت ٿيندي ۽ نہ ڪا دوستي ڪم ايندي ۽ نہ وري ڪا سفارش هلي سگهندي ۽ انڪار ڪرڻ وارا (ڪافر) ظالم آهن. (254)**

هن ڪان اڳ تقريبًا ٻن رڪوع برابر طالوت ۽ جالوت جي جنگ جا واقعا پڙهي آيا آهيون. هاڻي هتي جهاد جي زندگيءَ لاءِ هدايات اچي رهيون آهن. گويا غزوه بدر لاءِ ذهني ۽ نفسياتي تياري ٿي رهي آهي. غزوات لاءِ جيتري جان نثاريءَ جي ضرورت آهي، اتي مالي امداد ۽ انفاق بہ ناگزير آهي. تنهنڪري انفاق مال طرف توجه ڏياريو ٿو وڃي. ياد رهي تہ سورة البقره جي آخري اڌ حصي ۾ انفاق مال، قتال، عبادات ۽ معاملات جو بيان آهي. هاڻي انفاق مال جو ذڪر آهي. مسلمانؤ! گذشتہ قومن ۽ انبياءَ ڪرام عليهم السلام جا بيان انهيءَ ڪري پيش ڪيا وڃن ٿا تہ اوهان انهن مان نصيحت حاصل ڪريو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۽ معاشري کي خوشگوار بنائڻ لاءِ خدا جي نعمتن جو عملي طور شڪر ادا ڪريو. مومنؤ! هي مال متاع ۽ ڌن دولت جيڪا اسان طرفان اوهان کي ملي آهي، اها صرف پنهنجي ذاتي زندگي جي عياشي تي خرچ نہ ڪريو، پر الله جي ٻڌايل طريقي موجب الله جي راهہ ۾ خلق خدا تي خرچ ڪريو. هن ڪان اڳ جو زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿي وڃن ۽ اهڙو ڏينهن آڏو اچي، جنهن ڏينهن اوهان هن دنيا وانگر نہ ڏيتي ليتي ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهو، نہ وري ڪنهن جي دوستيءَ جي سهاري ڏوهہ بخشرائي سگهو ۽ نہ وري ڪنهن جي سفارش جي وسيلي پاڻ بچائي سگهو، جنهن جو انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. (البقره: 48-254/2)

”پر انڪار ڪرڻ وارا ظالم آهن“ هت ”ڪافر“ مان مراد اصطلاحي ڪافر نہ آهي، پر لغوي (معنوي) ڪافر يعني جيڪو شخص خدا جي هن انفاق في سبيل الله تي عمل

نٿو ڪري، يعني هن حقيت کان انڪار ڪرڻ وارو پاڻ سان ظلم ڪري ٿو. (البقره: 48/2، 123، 254، ابراهيم: 31/14، طٰـهٰ: 109/20، لقمان: 34/33/31، فاطر: 18/35، الشوريٰ: 47/42، الانفطار: 18/82) ياد رکو ته جانور پنهنجو پيٽ ڀري راحت محسوس ڪندو آهي، پر انسان ٻين ماڻهن کي ڏئي يا کارائي خوشي محسوس ڪندو آهي. انسان جيڪڏهن پنهنجي پيٽ ڀرڻ جو اونو ڪندو ۽ خلقِ خدا جي حاجت روائي ۽ مدد نه ڪندو ته هو به هڪ جانور ئي چئبو.

نیم نانے گر خورد مرد خدا　　　　بذل درویشان کند نیمے دگر
ہفت اقلیم ار بگیرد بادشاہ　　　　ہمچناں در بند اقلیم دگر

(شیخ سعدی رحمۃ اللہ علیہ)

الله جي مؤمن ٻانهن کي جيڪڏهن هڪ نان به ملندو ته اڌ پاڻ کائيندو ۽ اڌ ٻين کي ڏيندو، پر بادشاهه کي ست ولايتون (رياستون) ملي وڃن ته به اٺين رياست جو خواهشمند هوندو.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ ۬ۚ لَا تَاۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوۡمٌ ؕ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ یَعۡلَمُ مَا بَیۡنَ اَیۡدِیۡهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ ۚ وَلَا یُحِیۡطُوۡنَ بِشَیۡءٍ مِّنۡ عِلۡمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرۡسِیُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ ۚ وَلَا یَـُٔوۡدُهٗ حِفۡظُهُمَا ۚ وَهُوَ الۡعَلِیُّ الۡعَظِیۡمُ ﴿۲۵۵﴾

الله اهو معبود برحق آهي، جنهن کان سواءِ ڪو به معبود ناهي. هو سدا حيات (زنده) خوديرو آهي ۽ سڀ کي قائم رکڻ وارو آهي. هن کي ڀنڪي (خمار، اونگهه) يا ننڊ نه ايندي آهي، جيڪو ڪجهه زمين ۽ آسمان ۾ آهي، اهو سڀ ڪجهه انهيءَ جو آهي. اهو ڪير آهي، جو هن وٽ سندس اجازت کان سواءِ ڪنهن جي سفارش ڪري سگهي هو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، جيڪو ڪجهه مخلوقات جي سامهون ٿي رهيو آهي يا ٿي چڪو آهي ۽ جو ڪجهه هن کان پوءِ

**ٿيڻ وارو آهي، ان سڀ جي هن کي ڄاڻ آهي ۽ هو (پوري ڪائنات) الله جي علم جي ذرا ڀر احاطو ڪري نٿا سگهن، سواءِ هن جي تہ الله جنهن کي جيترو گهري، ڏئي. هن جي ڪرسي (سلطنت، قدرت، حڪومت) سمورن آسمانن ۽ زمين کي محيط آهي ۽ انهن ٻنهي جي حفاظت هن کي ڀاري نٿي پوي. هو بلند بالا مرتبي ۽ عظمت وارو آهي. (255)**

هاڻي آية الڪرسيءَ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ هن آيت کي عظيم ترين آيت چيو آهي. هي توحيد جي خزانن مان آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جو ارشاد گرامي آهي: "لِكُلِّ شَيْءٍ سَنَامٌ وَّاِنَّ سَنَامَ الْقُرْاٰنِ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ وَفِيْهَا اٰيَةٌ هِيَ سَيِّدَةُ اٰيِ الْقُرْاٰنِ هِيَ اٰيَةُ الْكُرْسِيِّ" هر شيءِ جي هڪ چوٽي (انتهائي بلندي) آهي. قرآن جي چوٽي سورة البقره آهي، ان ۾ هڪ آيت آهي، اها قرآني آيتن جي سردار آهي ۽ اها آية الڪرسي آهي. هن ۾ الله تبارڪ وتعالىٰ جون ڏهہ عظيم صفتن جو ذڪر آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ ڄاڻن بعد هر ذي شعور اهو چوڻ لاءِ تيار آهي تہ هن ۾ ڪا ڪسر ناهي. ڪبريائي ۽ لامحدوديت خدا جو شان آهي. هن ڪائنات جو سارو نظام ان الله جي قدرت ۽ ڪمال جو مظهر آهي، جنهن ڪانسواءِ نہ ڪو صاحب اختيار آهي ۽ نہ وري اطاعت ۽ عبادت جي لائق آهي. اهوئي هڪ الله عبادت ۽ اطاعت لائق آهي ۽ اهوئي ازلي آهي. اهو ئي زندگيءَ عطا ڪري ٿو، پر پاڻ پنهنجي وجود لاءِ ڪنهن جو محتاج ناهي. (آل عمران: 3/ 2) هن کي فنا ۽ زوال ناهي، هر شيءِ جو قيام ۽ توازن هن جي حڪم سان قائم آهي، پر هو پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جي سهاري جو محتاج ناهي.

"اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ" آهي. اَلْحَيُّ اهڙي هستي، جنهن ۾ ڪائي ڪمزوري يا احتياج نہ هجي. هو پاڻ پرو آهي. پنهنجو پاڻ زنده جاويد هستي آهي، باقي هر شيءِ جو وجود ان جي حڪم سان آهي. اَلْقَيُّوْمُ آهي. هن جي اذن بغير ڪابہ شيءِ قائم ناهي. سورة الاخلاص ۾ "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ اَللّٰهُ الصَّمَدُ" آيو آهي. يعني الله جي ذات اقدس پنهنجي ذات ۾ "اَلْاَحَدُ" آهي. اول کان بعد ثاني هوندو آهي، پر اَحَدُ کان بعد ڪوبہ انگ نہ آهي، باقي ڪائنات لاءِ "اَلصَّمَدُ" آهي. اهڙي طرح الله پاڻ "اَلْحَيُّ" آهي ۽ ٻين لاءِ "اَلْقَيُّوْمُ" آهي. اَلْحَيُّ ۽ اَلْقَيُّوْمُ جون

صفتون صرف الله وحده لاشريڪ له لاءِ آهن، فرشتن، جنن، انسانن ۽ جاندارن ۾ بہ ناهن، تہ پوءِ پٿر جي بتن، ديوين ۽ ديوتائن ۾ ڪٿان هونديون. ”لَا تَأۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوۡمٌ“ نہ هن کي اکين جو خمار يا جهوٽو اچي ٿو ۽ نہ ننڊ اچي ٿي. هن ۾ ننڊ جي ابتدا ۽ انتها ٻنهي جو انڪار آهي. ننڊ غفلت جي علامت آهي. الله تعالىٰ ان کان پاڪ آهي. جيڪو ننڊ ڪندو، اهو هن ڪائنات جو نظام ڪيئن هلائيندو، جو هو ڪائنات جي حفاظت کان غافل ۽ بيخبر ٿي وڃي. آسمان ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي، انهيءَ جي ملڪيت، حڪومت ۽ حڪمرانيءَ ۾ آهي. ڪير بہ ناهي جو ان جي اجازت ۽ مشيت بنا هن جي آڏو ڪنهن جي سفارش ڪري سگهي. الله عزوجل جي اجازت بنا ڪنهن جي سفارش جو تصور ڪرڻ الله جلال، ڪبريائي ۽ حاڪميت کان لاعلميءَ جي نشاني آهي. (الزمر:39/ 44، سبا: 23/34) جو ڪجهہ هن ڪائنات ۾ سامهون يا ظاهر نظر اچي ٿو، ان جو ان کي علم آهي ۽ جو ڪجهہ پردي پويان لڪل آهي، ان جي بہ پوري خبر رکي ٿو. هن جي وسيع ۽ بي پايان علم جو مخلوق مان ڪوبہ احاطو ڪري نٿو سگهي، تہ پوءِ ڪهڙي شيءِ جو هن کي علم ناهي، جو ڪو ماڻهو سفارش ڪري، هن کي آگاهہ ڪري. هن جي وسيع ۽ بي پايان علم جو مخلوق مان ڪوبہ احاطو ڪري نٿو سگهي، مگر جيترو بہ علم مان وحيءَ جي ذريعي هو پنهنجي قانون مشيت موجب جنهن کي ڪجهہ عطا ڪري هن جي قدرت، حڪومت ۽ اختيار آسمانن ۽ زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪارفرما آهي. ان جي نگراني سار سنڀال ۽ حفاظت ۾ هن کي ڪا بہ ٿڪاوٽ نٿي ٿئي ۽ ان کي بوجهہ محسوس نٿو ٿئي. هن جو علم ۽ اقتدار غلبو ۽ تسلط هر هنڌ موجود آهي ۽ هو وڏي بلند بالا مقام جو مالڪ آهي. لهٰذا هن جي علم ۽ قدرت محدود پيماني سان ماپي نٿو سگهجي. پنهنجي باري ۾ جو الله تعالىٰ فرمائي ٿو، اهوئي مڃڻو پوندو. عقل نارسا کي اهڙي بي پايان بحث ۾ الجهائڻ، بي روح فلسفي، شرڪ ۽ بدعت کي دعوت ڏيڻ آهي.

صحيح حديثن مطابق آية الڪرسي قرآن ڪريم جي عظيم آيت آهي. هن جي پڙهڻ سان رات جو شيطاني قوتن جي شر کان تحفظ ملي ٿو ۽ هر فرض نماز بعد هن جي پڙهڻ ۾ وڏي فضيلت آهي. هن آيت سڳوريءَ ۾ الله عزوجل جي ڪامل قدرت، وحدت، علم ۽ حڪمت سميت سندن لامحدود اختيار، اقتدار ۽ ڪائنات جي نظام جي بي مثال

اهتمام جو ذڪر آهي، جنهن ۾ ڪافرن جي الله بابت سمورن سوالن ۽ شڪ شبهن جو
تسلي بخش جواب موجود آهي ته هو وحده لا شريڪ له آهي. خود حياتِ جاويد جو مالڪ ۽
دائم قائم آهي. ٻين کي زندگي ۽ تقويت عطا ڪري ٿو. ننڊ ۽ غنودگيءَ کان پاڪ ۽ پوري
ڪائنات جو منتظم آهي. هن آڏو سندس اجازت کان سواءِ ڪنهن جي نٿي هلي ۽ نه وري
ڪائنات جي حڪمرانيءَ ۾ ڪنهن جو محتاج آهي.

لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ
وَيُؤْمِنْ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۤ لَا انْفِصَامَ لَهَا ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ
عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ۬
وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰۗـــُٔــهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ۭ
اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾ ع ٣٤ ٢

(ايڏي وڏي قدرت ۽ قوت جي مالڪ نوع انسان کي باقي ڪائنات وانگر
مجبور نه، پر مختار هجڻ جو اختيار ڏنو آهي، ان ڪري) دين ۾ ڪوبه جبر نه
آهي. بيشڪ هدايت گمراهيءَ کان چٽي ٿي چڪي، جيڪو به باطل معبود جو
انڪار ڪري ٿو ۽ الله تي ايمان آڻي ٿو ته (گويا) هن هڪ اهڙي مضبوط ڪڙي
(سهاري) کي پڪڙي رکيو آهي، جنهن جي ٽٽڻ جو ڪو خطرو ناهي ۽ الله خوب
ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻ رکڻ وارو آهي. (256) الله مؤمنن جو ولي (دوست، ڪارساز)
آهي. هو انهن کي اونداهين مان ڪڍي نور (روشنيءَ) طرف آڻي ٿو، پر جيڪي
ماڻهو ڪافر آهن، انهن جا اولياء (سرپرست، دوست، ڪارساز) طاغوت
(غيرالله، باطل معبود) آهن. اهي هنن کي حق جي روشنيءَ کان ڪڍي (باطل
جي) اونداهين طرف وٺي وڃن ٿا. اهي ماڻهو ئي جهنمي آهن ۽ هو ان ۾
هميشه رهندا. (257)

آية الڪرسيءَ ۾ حق تعالىٰ جي وحدايت، احديت، قدرت، علم، عظمت ۽ حڪمت جو ذڪر اهڙيءَ طرح آهي، جو هر ذي شعور ۽ فهم و استعداد وارو توحيد خداونديءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. ان ڪري ان جي حڪمن کي قبول ڪرڻ ۽ اطاعت ڪرڻ، هر انسان تي لازم آهي. اهڙي قوت قدرت واري الله کي ڪافرن ۽ مشرڪن کي دين اسلام لاءِ مجبور ڪرڻ مشڪل نہ هيو، پر حق ۽ سچ جي پرک لاءِ انسان کي ارادي ۽ اختيار جو مالڪ بنايو ويو ۽ ان کي آزاد ڇڏيو ويو آهي تہ هو دين حق کي قبول ڪري يا ان جو انڪار ڪري هن تي ڪو زور زبر، جبر ۽ اڪراھ نہ آهي، اهو خدا جي حڪمت خلاف آهي. هن سان ابتلاء ۽ آزمائش واري مصلحت موجود آهي. (الدهر: 3/76، الشمس: 91: 10-8) ايمان تہ قلبي ٿيندو آهي، جنهن ۾ اڪراه ناهي، پر اڪراه واري ايمان تي ڪهڙو يقين. اهڙو بااختيار مالڪ حقيقي، جنهن انسان ڪانسواءِ باقي ڪائنات لاءِ هڪ خاص طريقو مقرر ڪري هن کي اختيار ۽ ارادي ڪان محروم رکيو آهي. اهو انسان کي بہ ڪنهن هڪ حالت جو پابند ڪري سگهيو ٿي، پر هن انسان کي اختيار ۽ ارادي جو مالڪ بڻائي، وحيءَ جي ذريعي هدايت کي گمراهيءَ ڪان صاف ظاهر ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي ان کي پنهنجي لاءِ ڀاڻ ڀلي بري جي تميز ڪرڻ ۽ چونڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني، ڪيس باقي جهان وانگر مجبور نہ رکيو آهي. ان ڪري دين اسلام قبول ڪرڻ ۾ بہ ڪو جبر يا زور زبردستي ناهي. (الجاثيه: 14/45) دين دلي اعتقاد جو ثمر آهي، جنهن تي ڪنهن جو بہ زور نٿو هلي سگهي. (يونس: 99/10)

بلاشڪ هدايت جو رستو گمراهيءَ جي واٽ ڪان الڳ ۽ چٽو بيان ڪيو ويو آهي. ٻئي رستا ماڻهن جي آڏو آهن. ڪين اختيار آهي، جهڙي بہ رستي جو انتخاب ڪن. پوءِ جو عقلمند بہ طاغوت جو انڪار ڪري سرڪشي، گمراهي ۽ ظلم و زيادتي جي باطل قوتن ڪان بيزاري اختيار ڪري ٿو ۽ سچي دل سان الله تي ايمان آڻي ان جي ٻڌايل رستي تي زندگي اختيار ڪري ٿو تہ هن اهڙو مضبوط سهارو پڪڙيو آهي، جو هرگز ٽٽڻ وارو نہ آهي. جنهن بہ ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو تہ اهو هر خطري، نقصان ۽ آزار ڪان بچي ويو. (لقمان: 22/31) حضور خاتم النبيين ﷺ جي هڪ خطبي ۾ آهي: ”وَ اَوْثَقُ الْعُرٰى كَلِمَةُ التَّقْوٰى“ سڀ ڪان مضبوط سهارو تقوىٰ آهي. هي امن ۽ سلامتي وارو نظام زندگي ان مهربان ۽

باجهاري الله جي طرفان عنايت ڪيو ويو آهي، جيڪو انسانن جي هر قول جو ٻڌندڙ ۽ هر فعل جو ڄاڻندڙ آهي ۽ هن کان ڪا به شيءِ ڳجهي يا لڪل ناهي.

”لَنۡ يَّبۡرَحَ هٰذَا الدِّيۡنُ قَآئِمًا يُقَاتِلُ عَلَيۡهِ عُصَابَةٌ مِّنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ حَتّٰى تَقُوۡمَ السَّاعَةُ“ (صحيح مسلم) هيءُ دين قائم رهندو ۽ قيامت برپا ٿيڻ تائين مسلمانن جي هڪ جماعت ان لاءِ لڙندي رهندي. خود پاڻ ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيۡن ﷺ جن ڪافرن سان جهاد ڪيو آهي. ”اُمِرۡتُ اَنۡ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشۡهَدُوۡا اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰهِ“ (صحيح بخاري) مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته مان ماڻهن سان تيستائين جهاد ڪريان، جيستائين هو ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ“ جو اقرار نٿا ڪن. ياد رهي ته اسلام ۾ جهاد ۽ جنگ ماڻهن کي ايمان لاءِ مجبور ڪرڻ ناهي، پر ظلم و تشدد ۽ فتني فساد کان نوع انسان کي آزاد ڪرڻ آهي ۽ ”لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ“ جو اقرار ڪرائڻ مان به مراد الله جو امن ۽ سلامتيءَ وارو دين آڻڻ آهي. يعني نظامِ باطل خلاف جهاد اڪراه نه آهي، فرض فرض عين آهي.

وہ اک سجدہ، جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات (علامہ اقبال)

***

وحده لاشريڪ له اي هيڪڙائي حق
ٻيائيءَ کي ٻڪ جن وڌو سي ورسيا. (شاهه)

جهاد جي بيان بعد ”لَآ اِكۡرَاهَ فِى الدِّيۡنِ“ جو ذڪر ڪرڻ مان مطلوب آهي ته اسلام ۾ جهاد جي اجازت رڳو ظلم ۽ تشدد جي روڪٿام لاءِ ڏني وئي آهي، ڪنهن کي هٿيارن جي زور تي دين قبول ڪرائڻ لاءِ نه آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ امن و امان ۽ عدل و انصاف جو راڄ آهي ته اتي مسلمانن جو مثالي ڪردار ۽ تبليغ ئي دين جي اشاعت ۽ عروج جو ذريعو آهي. سچائي بذات خود وڏي روشني آهي، جتي جتي به روشنيءَ جي لاٽ هوندي ته اتي اونداهيءَ جو نام و نشان به نه هوندو. اونداهي دراصل روشني جو نه هجڻ آهي. دين اسلام روشني جو مينار آهي. الله به انهن جو ساٿ ڏيندڙ معاون ۽ مددگار آهي، جيڪي صدق دل سان ايمان اختيار ڪن. انهن کي الله گمراهين جي اونداهين مان ڪڍي فلاح ۽

ڪاميابيءَ واري روشن راهه تي گامزن ڪري ٿو. (الحجرات: 7/49) ايمان وارن سان الله تعاليٰ محبت ڪري ٿو، انهن جو ڪارساز، رفيق ۽ مددگار ٿئي ٿو. جهالت، ڪفر ۽ شرڪ جي انڌيرن مان ڪڍي نورِ حق جي روشني سان روشناس ڪري ٿو. ”مَنْ اَصْلَحَ فِيْمَا بَيْنَهٗ فَاَصْلَحَ اللّٰهُ فِيْمَا بَيْنَهٗ وَ بَيْنَ الْخَلْقِ“ الله تعاليٰ فرشتن کي چوي ٿو ته مان فلاڻي شخص سان محبت ڪريان ٿو.... پر جن ماڻهن حق ۽ سچائي جي ايمان واري راهه ڇڏي، ڪفر ۽ انڪار جي واٽ ورتي ته ان جي مدد ۽ همت افزائي ڪرڻ واريون باطل ۽ طاغوتي طاقتون هونديون. طاغوت اولياء بيشمار آهن. ”طاغوت“ معنيٰ سرڪشي، غرور ۽ تڪبر ڪرڻ آهي. اها شيطان جي صفت آهي، ان ڪري طاغوت شيطان جي برادري آهي. جيڪي انسان کي روشنيءَ جي صراط مستقيم کان ٿيڙي، اونداهين جي گمراهه رستن تي پٽڪائين ٿيون. ”يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ“ ۾ ”نور“ واحد آهي، پر ظلمات ۽ تاريڪيءَ جا ڪيترائي قسم آهن. ”وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ“ هر ظلمت رات جي اونداهيءَ وانگر آهي، جنهن کان بچڻ گهرجي. اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن ۽ اهي ئي انهيءَ دوزخ جي پڙڪندڙ باهه ۾ هميشه هميشه لاءِ هوندا. (البقره: 2/ 217، آل عمران: 3/68-122، المائده: 5/56، ابراهيم: 5/14، النحل: 16/106، الاحزاب: 33/43، الحديد: 57/9، الممتحنه: 60/1، الطلاق: 65/11) جيڪو به ماڻهو الله جي حدودِ بندگي کان تجاوز ڪري ٿو، اهو طاغوت آهي. غيرالله جي حاڪميت هيٺ ڪم ڪندڙ سمورا ادارا طاغوت آهن. اها طغياني درياءَ جي حدن کان ٻاهر نڪرڻ واري طغيانيءَ وانگر آهي.

دريا کو اپنی موج کی طغیانیوں سے کام
کشتی کسی کی پار ہو یا درمیاں رہے

* * *

## واٽون ويهه ٿيون ڪه ڄاڻان ڪيهي ويا

هدايت ۽ ضلالت جو مطلب آهي مؤمن ٻانهو پنهنجي رب ڪريم جو دامن پڪڙي ٿو ته حق تعاليٰ ان جو مددگار، والي، وارث ۽ ڪارساز ٿئي ٿو. ڪيس ڪفر، شرڪ، فسق وفجور جي اونداهين مان ڪڍي ايمان ڪامل ۽ توحيد جي روشن راهه تي آڻي ٿو، پر

جيڪو الله تعاليٰ کان منهن موڙي، طاغوت جو تابعدار، فرمانبردار ۽ اطاعت گذار ٿئي ٿو تہ اهو شيطان ۽ ان جي ذريّات جي هٿ چڙهي وڃي ٿو، تنهن ڪري هر عقل، فهم و فراست، فڪر ۽ عمل کان محروم ٿي، گمراهيءَ جي کڏ ۾ ڪري ٿو، جتان نڪرڻ ممڪن ناهي. قرآن ۾ جتي بہ نور ۽ ظلمات آيو آهي، اتي مراد ايمان ۽ ڪفر آهي، پر سورة الانعام ۾ آيت "وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَالنُّوْرَ" ۾ رات ۽ ڏينهن مراد آهي. پاڻ ڪريم خاتم النبيين ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي: "كُلُّ مَوْلُوْدٍ يُوْلَدُ عَلَى الْفِطْرَةِ فَاَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهٖ وَيُنَصِّرَانِهٖ" (صحيح بخاري) هر ٻار فطرت اسلام تي پيدا ٿئي ٿو، ان کان پوءِ ڪيس والدين يهودي ۽ نصاريٰ ناهين ٿا.

وقف لازم

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖٓ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ
اِبْرٰهٖمُ رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَاُمِيْتُ ۭ قَالَ اِبْرٰهٖمُ
فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ
الَّذِيْ كَفَرَ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۚ﴿٢٥٨﴾

(نظامِ خداوندي قائم ڪرڻ لاءِ مستقل مزاجي ۽ يقين سان ڪم ڪرڻو ٿو پوي، جنهن جي نشانيءَ لاءِ بہ مثال پيش آهن. اي حبيبِ خدا خاتم النبيين ﷺ!) ڇا توکي ان شخص جي خبر ناهي، جنهن کي الله سلطنت ڏني هئي ۽ هو ابراهيم (عليه السلام) سان پنهنجي پروردگار جي باري ۾ حجت بازي (تڪرار) ڪري رهيو هيو. جڏهن ابراهيم (عليه السلام) ڪيس چيو تہ منهنجو پالڻهار اهو آهي، جيڪو زندگي بخشي ٿو ۽ موت ڏئي ٿو. تہ (ان جي جواب ۾) هن (بادشاهہ) چيو تہ مان بہ زندهہ ڪيان ٿو ۽ موت بہ ڏيان ٿو. ابراهيم (عليه السلام) چيو تہ الله سج کي مشرق کان اوياري ٿو ۽ تون (خدا آهين تہ) مغرب کان اوياري ڏيکار. جنهن تي هو (بادشاهہ) هڪوبڪو ٿي ويو. الله ظالم قوم کي حق جي راهہ نہ ڏيکاريندو آهي. (258)

گذريل آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ مؤمنن کي الله تعاليٰ جي نصرت ۽ حمايت سان

نورِ هدايت حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪافرن کي شيطان جهالت ۽ ضلالت جي تاريڪي ۾ ڀٽڪائيندا ۽ راهِ حق کان گمراهه ڪندا آهن. انهيءَ مضمون جي تائيد ۽ ثبوت ۾ ٽي قصا بيان ٿي رهيا آهن. پهريون قصو حضرت ابراهيم ﷷ ۽ ان وقت جي مغرور ۽ متڪبر بادشاهه نمرود جو آهي. قرآن حڪيم ۾ اهڙا قصا تفصيلي ڪهاڻيءَ طور پيش نه ڪيا آهن، پر اصل موضوع، توحيد ۽ احڪام الاهيءَ جي ثبوت ۾ سَنَدَ طور آيا آهن. هت به نمرود نالي بادشاهه جو ذڪر آهي، جنهن حضرت ابراهيم ﷷ سان دعوتِ توحيد جي مخالفت ۾ تڪرار ڪيو. ياد رهي ته خدا جي هن نظام کي رائج ڪرڻ ۽ انسانن کي گمراهيءَ جي رستن کان روشن راهن تي وٺي اچڻ آسان ڪم ته نه آهي، ان ۾ مشڪلاتون ته پيش اچن ٿيون، پر ناممڪن ناهي. تاريخ گواهه آهي ته خدا جي نيڪ بندن ان ۾ هميشه ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، ان جو هڪ مثال هي آهي ته اي پيغمبر عليه التحية والسلام! توکي معلوم هئڻ گهرجي ته هڪ شخص (نمرود) ابراهيم ﷷ سان الله جي وحدانيت ۽ ڪبريائيءَ تي تڪرار ڪيو، انهيءَ ڪري جو الله هن کي بادشاهيءَ سان نوازيو هو. هو بادشاهيءَ جي گهمنڊ ۾ اچي پاڻ کي الله سمجهي رهيو هو. هن جي غلط سوچ سبب اقتدار هن لاءِ فتنو بڻجي ويو. ۽ ابراهيم ﷷ کي چيائين ته تون ڪهڙي الله جي ڳالهه ڪري رهيو آهين. ابراهيم ﷷ وراڻيو ته منهنجو الله اهو آهي، جيڪو جياري به ٿو ته ماري به اهوئي ٿو يعني موت و حيات جو اهو مالڪ آهي. (الانفال: 42/8) جنهن تي هن چيو ته ڪنهن کي زنده رکڻ يا ماري ڇڏڻ ته مان به ڪيان ٿو. اهو جواب ٻڌي ابراهيم ﷷ چيو ته منهنجي الله جي مقرر ڪيل نظام ۾ سج اوڀر کان اڀري ٿو(اولهه ۾ لهي ٿو) تون ان کي اولهه کان اڀاري ڏيکار. اهو جواب ٻڌي ڪافر بادشاهه هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ ابراهيم ﷷ جي خلاف وڌيڪ بحث مباحثي ڪرڻ کان هٽي ويو. الله جو اهو قانون آهي ته هو ظالمن کي هدايت ۽ ڪاميابي جي راهه تي نه هلائيندو آهي. اهي هميشه گمراهي جي دلدل ۾ ڦاٿل هوندا آهن.

حضرت ابراهيم ﷷ سان بحث ڪرڻ وارو عراق جو بادشاهه نمرود هيو، جيڪو وسيع حڪومت۽ اقتدار جي نشي ۾مالڪِ حقيقيءَ کي وساري وينو ۽ پاڻ کي خدا سمجهڻ لڳو. جڏهن حضرت ابراهيم ﷷ بتن جي پوڄا جي مخالفت ڪري صرف الله

جل شانه جي عبادت ۽ اطاعت جو چيو ته نمرود بحث ڪرڻ لڳو. نمرود بت پرست هيو، هو سج جي پوڄا ڪندو هيو. سج سندس وڏي مان وڏو معبود هيو ۽ نمرود پاڻ کي ان جو اوتار سمجهندو هيو ۽ خدائيءَ جي دعويٰ ڪندو هو. حضرت ابراهيم عليه السلام سج جي لهڻ ۽ اڀرڻ جو مثال ڏئي نمرود کي پيغام ڏنو ته تنهنجو معبود منهنجي الله عزوجل جي دستِ قدرت جو اطاعت گذار، حڪم بردار ۽ فرمانبردار آهي. جڏهن تنهنجو پروردگار مخلوق آهي ته تون به الله جي مخلوق آهين. تنهنجو موت و حيات به الله جي هٿ ۾ آهي. اهڙيءَ طرح هر ذي جان کي موت جو مزو چکڻو آهي. هن قصي ۾ به اهو مقصود آهي ته ابراهيم عليه السلام کي نورِ هدايت عطا ٿيو ۽ نمرود کي گمراهيءَ گرفتار ڪري ڇڏيو.

اَوْ كَالَّذِیْ مَرَّ عَلٰى قَرْیَةٍ وَّ هِیَ خَاوِیَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى یُحْیٖ هٰذِهِ
اللّٰهُ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ؕ
قَالَ لَبِثْتُ یَوْمًا اَوْ بَعْضَ یَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ مِائَةَ عَامٍ فَانْظُرْ اِلٰى
طَعَامِكَ وَ شَرَابِكَ لَمْ یَتَسَنَّهْ ۚ وَ انْظُرْ اِلٰى حِمَارِكَ وَ لِنَجْعَلَكَ اٰیَةً لِّلنَّاسِ
وَ انْظُرْ اِلَى الْعِظَامِ كَیْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ فَلَمَّا تَبَیَّنَ لَهٗ ۙ
قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیْ
كَیْفَ تُحْیِ الْمَوْتٰى ؕ قَالَ اَوَ لَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَ لٰكِنْ لِّیَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْ ؕ
قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّیْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَیْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ
مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ یَاْتِیْنَكَ سَعْیًا ؕ وَ اعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿٢٦٠﴾ ع ٣٥ ٤

يا (هي واقعو ياد ڪريو ته) هڪ شخص جو اهڙي شهر تان گذر ٿيو، جيڪو پنهنجي ڇتين سميت زمين بوسيده هيو، جنهن تي ان شخص چيو ته هن جي تباهيءَ کان پوءِ ڪهڙيءَ طرح الله هن کي زنده (آباد) ڪندو؟ ته پوءِ الله

(پنهنجي قدرت ڏيکارڻ لاءِ) هن کي هڪ سؤ سال تائين مرده رکيو ۽ پوءِ زندگي بخشي. کيس چيو ته تون ڪيترو وقت هن حالت ۾ رهيو آهين، جنهن تي هن چيو ته مان هڪ پورو ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه حصو رهيو آهيان، پر کيس الله (تعالیٰ) ٻڌايو ته تون پورا سؤ سال هن حالت ۾ رهيو آهين. تون پنهنجي کاڌي پيتي جون شيون ڏس، جيڪي پاروٿيون (خراب) نه ٿيون آهن ۽ وري (ٻئي طرف) پنهنجي گڏھ کي ڏس (جيڪو بوسيده هڏيون ٿي چڪو آهي. اسان ان کي ڪهڙيءَ طرح زنده ڪيون ٿا) ته جيئن توکي (تنهنجي هن پوري واقعي کي) ماڻهن لاءِ پنهنجي قدرت جي نشاني بنايون. هاڻي انهن بوسيده هڏين ڏي ڏس ته ڪهڙي طرح اسان انهن کي چرپر ڏيون ٿا ۽ انهن تي گوشت پوست چاڙهيون ٿا. جڏهن هي معاملو هن تي پوري طرح آشڪار ٿي ويو ته هو چوڻ لڳو ته مون کي پورو يقين اچي ويو ته الله هر شيءِ تي قادر آهي. (259) (اهڙيءَ طرح مُردن کي زنده ڪرڻ يا زوال پذير قومن کي ڪمال عطا ڪرڻ جو هيءُ هڪ مثال آهي. ان واقعي کي ياد ڪر) جڏهن ابراهيم (عليه السلام) عرض ڪيو ته منهنجا پروردگار! مون کي مشاهدو ڪراءِ ته تون مُردن کي ڪيئن زنده ڪرين ٿو. ارشاد رباني ٿيو ته ڇا توکي يقين نه آهي؟ عرض گذار ٿيو ته ڇو نه (يقين رکان ٿو) پر گهران ٿو ته منهنجي دل کي به اطمينان ٿئي. خداوند جو حڪم ٿيو ته تون چار پکي هٿ ڪري، انهن کي پاڻ سان هيراءِ (ته جيئن تنهنجي سڏ تي توڏانهن اچن) پوءِ انهن جو هڪ هڪ جزو (ٽڪرو) الڳ الڳ پهاڙيءَ تي رک ۽ پوءِ کين سڏ ڪر (آواز ڏي) ته هو توڏانهن ڀڄندا ايندا. (اهڙيءَ طرح زوال پذير قوم هادي رهبر جي سڏ تي اچي ٿي) يقين ڪريو ته الله وڏي طاقت وارو ۽ حڪمت وارو آهي. (260)

گذريل آيت جي مثال ۾ شيطان پاران اونداهيءَ طرف ڌڪيلڻ جو ذڪر آهي. هاڻي هنن مثالن ۾ الله طرفان انڌيرن مان ڪڍي، روشنيءَ طرف آڻڻ جو مثال آهي. هت حضرت عزير ﷺ جي واقعي جو ذڪر آهي. ڪجهه مفسرن ان کي حذقي ايل نبي لکيو آهي. هن نبي سڳوري جو گذر بيروشلم کان ٿيو، جنهن کي بابل جي بادشاهه بخت نصر تباهه و برباد ڪري ڇڏيو هيو. هيڪل سليمانيءَ کي به ڪيرائي پٽ ڪيو هو. ٻارنهن لک آباديءَ جي شهر مان ڇهه لک کن يهودين کي موت جي گهاٽ چاڙهيو ۽ باقي يهودين کي قيدي بڻائي، بابل وٺي ويو. شهر پورو دڙا ۽ کنڊرات ٿي ويو هو. حضرت عزير ﷺ اهو منظر ڏسي حيرت واري حالت ۾ چيو ته هي شهر هاڻي ڪيئن آباد ٿيندو. سوال ۾ انڪار نه هيو، پر عبرت هئي، جنهن ۾ هت حيات و موت واري قانونِ قدرت جو هڪ تمثيلي واقعو بيان ڪيو ويو ته هڪ شخص جو اهڙي شهر کان گذر ٿيو، جنهن جي گهرن جو ڇتيون ڪري پيون ۽ ويران کنڊر ٿي چڪو هو. شهر جي بربادیءَ جو اهو برو حال ڏسي هن چيو ته جنهن شهر جو هي حال آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي جو الله هن شهر کي موت (بربادي) کان حيات (آبادي) ڏئي. ان کان پوءِ ائين ٿيو ته الله هن شخص کي سؤ سال موت جي حالت ۾ رکيو ۽ پوءِ هن کي زندهه ڪيو ۽ پڇيائين ته ڪيترو عرصو هن موت واري حالت ۾ رهيو آهين؟ هن وراڻيو ته هڪ ڏينهن يا اڌ ڏينهن کن. پر الله فرمايو ته نه تون هڪ سؤ سال هن موت واري حالت ۾ رهيو آهين. تون پنهنجي کاڌي پيتي جي سامان تي نظر وجهه ته هن هيڏي وڏي عرصي دوران به خراب نه ٿيو آهي ۽ پنهنجي گڏهه ڏانهن به ڏس ته ڪهڙي حالت ۾ آهي، جنهن جو نالو نشان به نه رهيو آهي. رڳو بوسيده هڏيون پيون آهن. مري ڳري ۽ پورا پورا ٿي ويو آهي. گوشت پوست کان سواءِ رڳو ڳريل هڏيون نظر اچن ٿيون. هاڻي ڏس ته تنهنجو الله ان کي ڪيئن زندهه ڪري ٿو. هڏين، گوشت ۽ کل کي ملائي وري جيئرو جاڳندو گڏهه زندهه ٿي ويو. بلڪل اهڙيءَ طرح حق تعالىٰ مرده قومن کي زندهه ڪري ٿو. اهو انهيءَ ڪري آهي ته توکي ماڻهن جي لاءِ عبرت جو نشانو بنايون ته قدرت جي قانون جي لحاظ سان اهڙي طرح مرده قوم کي به حيات نو ملي سگهي ٿي. يا وري تون پنهنجي ٻاراڻي جسم جي ڍانچي تي به نظر وجهه ته بي جان گندي ۽ غليظ پاڻي جي ڦڙن کي خون جو ڏڳ ناهي، ان ۾ هڏيون بنائي، ان تي گوشت پوست جو غلاف چاڙهي، ڪهڙي طرح هڪ

متحرڪ انسان ناهيون ٿا. جڏهن هن شخص تي اها حقيقت ظاهر ٿي وئي ۽ هن جا سمورا شڪ شبها دور ٿي ويا ته چوڻ لڳو ته آءٌ يقين سان چوان ٿو ته الله هر شيءِ تي قادر آهي.

هي بني اسرائيل جي انهن واقعن مان آهي، جڏهن بيت المقدس کي بلڪل ويران ۽ برباد ڪيو ويو هو. يهودين کي اهڙي طرح ته نيست ۽ نابود ڪيو ويو هو جو هيڪل جي ٻيهر تعمير جو ڪو گمان به ڪري نٿي سگهيو. ان وقت جي ٽن بني اسرائيل انبياء جي تبليغ تي لڳاتار ٽي بادشاهه معتقد ٿي ويا، جنهن جي ڪري هڪ سو سال جي عرصي بعد ڦٽل شهر ڊٺل هيڪل ۽ مئل قوم کي وري نئين زندگي ملي وئي. قانون خداوندي جي پابندي سان اهڙيون مرده ۽ زوال پذير قومون وري زندهه ٿي عروج ماڻي سگهن ٿيون. حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڏينهن ۾ به اهڙي طرح مرده قومن جو اهو ساڳيو حال هو. ماڻهن جي جهالت هٺ ڌرمي ايتري ته پڪي ۽ راسخ هئي، جو انهن ۾ حق سچائي قبول ڪرڻ جي استعداد ۽ اهليت ختم ٿي چڪي هئي. ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام بارگاهه الاهي ۾ درخواست گذار ٿيو ته اي منهنجا رب! مون کي اهڙو مثال ڏيکار جنهن سان معلوم ٿئي ته تون ڪهڙيءَ طرح مرده (قومن) کي زندهه ڪرين ٿو. ان تي الله فرمايو ته ڀهريان تون اهو ٻڌاءِ ته تنهنجو هن تي ايمان آهي ته مرده (قومن) کي به نئين زندگي ملي سگهي ٿي؟ جنهن تي ابراهيم عليه السلام چيو ته منهنجو ايمان آهي، پر مشاهدي سان دل جو اطمينان حاصل ڪرڻ گهران ٿو ته جيئن مان پوري تندهي سان پنهنجي فرائض جي ادائگي ۾ لڳي وڃان. الله جو فرمان ٿيو ته پوءِ هن راز کي سمجهڻ لاءِ هيئن ڪر ته چار پکي هٿ ڪر، اهي پکي شروع شروع ۾ توکان پري ڀڄندا پر تون انهن کي آهستي آهستي پاڻ سان مانوس ڪر. جڏهن هو توسان هري ويندا ته پوءِ تون انهن کي جدا جدا جبلن تي ڇڏي اچ. ۽ پوءِ ڪين آواز ڏي ته اهي تنهنجو آواز ٻڌي توڏي ڊوڙندا ايندا. هن واقعي جي اعجاز کي ڏسجي ته پوءِ "صُرۡهُنَّ" جي معنىٰ "انهن کي ڪُهي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري جبل تي رکي اچ" ٿيندي. هن ۾ الله تعالىٰ جي احياءِ موتىٰ واري صفت جو اظهار آهي. پر ڪجهه تفسيرن مرده مان مراد زوال پذير قومون به ورتي آهي. والله اعلم بالصواب.

حضرت ابراهيم عليه السلام چار پکي هٿ ڪري پاليا ۽ اهي پکي سندس آواز ۽ اشارن کان مانوس ٿي ويا. مالڪ جي سڏ تي اڏامي پهچي ويندا هيا، بعد ۾ ابراهيم عليه السلام انهن

ڪي ڪهي، جداجدا جبلن تي رکيو ۽ آواز ڏيڻ سان اهي پکي مرده مان زنده ٿي، ابراهيم ﷺ وٽ پهچي ويا. بس اهو ئي طريقو آهي هڪ هادي ۽ رهبر جو، جنهن سان وحشي جاهل ۽ ضدي ماڻهو بہ قريب اچي وڃن تا ۽ دعوت حق قبولي، زوال کان عروج ڏانهن اچي سگهن تا. ٺيو بہ ائين. حضور خاتم النبيين ﷺ جي قائدانه خوبين لاءِ آيو آهي: ”فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ“ (آل عمران: 159/3) الله عزوجل جي رحمت سان تون هنن (مسلمانن) لاءِ نرم دل آهين. جيڪڏهن تون بدزبان ۽ سخت دل هجين ها تہ هي سڀ توکان هٽي دور ٿي وڃن ها. هنن سان درگذر جو معاملو ڪر ۽ انهن جي مغفرت ۽ حفاظت جي دعا ڪر. حضرت ابراهيم ﷺ جي اهڙي تربيت وحشي ۽ گمراهہ ماڻهن ۾ اهڙو انقلاب آندو، جو اڄ بہ بيشمار ماڻهن جا جٿا لبيڪ جي صدا هڻندا، ابراهيم ﷺ جي عبادتگاهہ ڪعبة الله ڏانهن مستانن وانگر ڊوڙندا اچن. اهو ئي نسخو حضور خاتم النبيين ﷺ استعمال ڪيو. (آل عمران: 159/3، الحجر: 88/15، الشعراء: 215/26)

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ
سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ
وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ
مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ
اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾

(نظامِ خداوندي کي قائم رکڻ لاءِ لڳاتار محنت ۽ جاني قربانيءَ سان گڏ انفاق في سبيل الله بہ ضروري آهي) جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ پنهنجا مال خرچ ڪن ٿا، انهن جو مثال ان داڻي جو آهي، جنهن مان ست سنگ ڦٽن ٿا ۽ هر سنگ ۾ سؤ داڻا هجن (يعني ست سؤ دفعا وڌيڪ بدلو) ۽ الله جنهن لاءِ گهري ٿو ان

ڪي اجان وڏيڪ ڏئي ٿو. الله وڏي ڪشادگيءَ وارو ۽ خوب علم رکڻ وارو آهي.(261) جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا ۽ پنهنجي خرچ ڪيل مال ۾ نه ڪنهن کي احسان ياد ڏيارين ٿا ۽ نه وري ڪنهن کي اذيت (ايذاءُ، تڪليف) ڏين ٿا ته انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ اجر آهي، انهن کي نه ڪو خوف هوندو ۽ نه وري غمگين هوندا. (262) (سواليءَ سان) نرميءَ سان گفتگو ڪرڻ ۽ ڪيس درگذر ڪرڻ ان صدقي کان بهتر آهي، جنهن ۾ هن کي (صدقو ڏئي) دل آزاري ڪجي. الله بيحد بي نياز ۽ حليم آهي. (263)

حج، جهاد، روزا، وصيت، رزق حلال، طلاق، نڪاح، يتيمن ۽ بيواهن جي خبرگيري ۽ جهاد جهڙا معاشي معاشرتي حق ادائگي وارا اهم معاملا مٿي بيان ٿي آيا آهن. انهن اهم انساني معاملن تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ انفاق في سبيل الله بنيادي ضرورت آهي. (البقره: 254/2) انسان جي دل ۾ مال و دولت جي رغبت ۽ محبت کان وڏيڪ انساني همدردي، فلاح و بهبود جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ ارشاد رباني آهي ته ”يُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ“ قرآن جي اصطلاح آهي، جنهن ۾ اهي سڀ ڪم اچن ٿا، جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ دين جي خدمت ۽ انسانن جي ڀلائيءَ خاطر پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا، انهن جي هن نيڪي ۽ نيڪ نيتي جي موٽ ۾ برڪتن ۽ نوازشن جو مثال ان ٻج جي داڻي وانگر آهي، جيڪو زمين ۾ پوکيو ٿو وڃي ۽ هڪ داڻي مان ست سنگ ڦٽن ٿا ۽ هر سنگ ۾ سو داڻا هجن ٿا، يعني هڪ داڻي جي بدلي ۾ ست سو داڻا مليا، اهڙي طرح الله جي رضا خاطر مال خرچ ڪرڻ ۾ به هڪ جي عيوض ست سو ملي وڃن ٿا. (البقره: 2/274-195، آل عمران: 3/117-92، النساء: 39/4) هڪ بدران ست سؤ جيترو ثواب نيڪي ڪندڙ جي خلوص نيت جذبي، محبت جي لحاظ سان الله تعالىٰ عطا ڪندو. جيڪڏهن گهٽ وسائل وارو پنهنجي وسيلن مان جو ڪجهه خلوصِ نيت سان ڏئي ٿو ته ان جو ثواب ۽ عوض اهڙي دولتمند جي گهڻي خيرات کان الله وٽ وڏيڪ هوندو، جيڪو ان جذبي ۽ محبت کان خالي آهي ۽ نيم دليءَ سان ڏئي ٿو. بهرڪيف الله اڻکٽ خزانن جو مالڪ آهي ۽ انسان جي نيت ۽ خلوص کي ڄاڻي ٿو، جنهن کي به جيترو ڏئي، اهو هن جو احسان آهي. توهان حق تعالىٰ کي

پنهنجي تنگ دليءَ تي قياس نہ ڪريو.

انسان جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪرڻ يا دين جي استعانت تي ايثار ڪرڻ کي الله پاڻ لاءِ "قرضِ حسنه" چوي ٿو. يعني اها رقم اوهان الله کي ڏني آهي. محتاج انسانن ۾ اوليت ۽ فوقيت غريب مسڪين ذوالقربىٰ کي آهي، ان بعد باقي حقدار آهن دين جي استعانت لاءِ خرچ ڪرڻ بہ "قرض حسنه" آهي، جنهن جي واپسي الله تعالىٰ پاڻ ڪندو ۽ پنهنجي شان مطابق ڪندو. اها تہ آهي زمين يا خدا جي مخلوق جي فياضي. پر اهو الله جو انهن جو بہ خالق آهي، ان جي عطا بخشش ۽ فياضي جي ڪا حد ناهي. الله گهري تہ اجان بہ وڌيڪ ٻيڻو ٽيڻو ڪري سگهي ٿو. الله جي وسعت جي ڪا حد حساب ناهي، هو هر شيءِ جي خبر رکي ٿو ۽ ان جو اجر عطا ڪري ٿو. مٿئين مثال لاءِ ضروري آهي تہ ٻج جو داڻو خراب نہ هجي. صاف سنو ۽ قابل ڪاشت هجي. اهڙي طرح زمين بہ زرخيز هجي، ڪلراٺي يا خراب نہ هجي تہ پوءِ نتيجا سٺا نڪرندا. بلڪل ساڳي طرح انفاق في سبيل الله ۾ بہ مال خرچ ڪرڻ الله جي رضا ۽ نيڪ نيتي ۽ صحيح مقصد لاءِ هجي. ريا ۽ نمائش نہ هجي. جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ ان بعد نہ هو هن خير جو احسان جتائيندا آهن ۽ نہ وري خيرات ڏيڻ وقت ڪنهن کي ڏکوئيندا آهن. (الدهر: 8-9/76) هو پنهنجي قول و فعل ۾ محتاط هوندا آهن. اهي ڪم ظرف ماڻهن وانگر ڪنهن کي ڪجهہ ڏئي، سندس تحقير ۽ توهين نہ ڪندا آهن، پر خوشدليءَ ۽ باوقار طريقي سان ڏيندا آهن. اهڙن سخي انسانن لاءِ الله جي پاران اجر ۽ ثواب آهي. هنن کي نہ ڪنهن جو ڊپ هوندو ۽ نہ وري ڪنهن شيءِ جو غم ۽ فڪر ڪندا.

سهڻي نموني جي گفتگو ۽ ماڻهن سان عفو درگزر ۽ بخشش وارو ورتاءُ، اهڙي خيرات ۽ انفاق کان سٺي آهي، جنهن ۾ ماڻهن کي اذيت ۽ تڪليف پهچي. ياد رکو تہ الله اوهان جي انفاق ۽ سخا کان بي نياز آهي، هو اوهان جو مال نہ پر نيت ڏسي ٿو. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ" (صحيحين) الله تعالىٰ اوهان جي صورت ۽ شڪل ۽ مال و متاع کي نٿو ڏسي، پر اوهان جي دل ۽ اعمال کي ڏسي ٿو. "لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ" (الحج: 37/22) الله وٽ انهن (ذبيحي) جو هرگز نہ گوشت پهچندو ۽ نہ رت، الله وٽ اوهان جي تقوىٰ شمار ٿيندي. "اِنَّمَا

اَلۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّاتِ" (بخاري و مسلم) عمل جو دارومدار نيت تي آهي. "لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ" (البقره: 39/2، آل عمران: 3/180-92، النساء: 38/4، سبا: 39/34) ۾ توهان جي اوڻاين ۾ ڪمزورين لاءِ جلد باز ناهي پر نهايت بردبار آهي. صحيح مسلم ۾ آهي: "اَلۡكَلِمَةُ الطَّيِّبَةُ صَدَقَةٌ" سهڻي گفتگو به صدقو آهي. "لَا تَحۡقِرَنَّ مِنَ الۡمَعۡرُوۡفِ شَيۡئًا وَلَوۡ اَنۡ تَلۡقٰى اَخَاكَ بِوَجۡهٍ طَلِيۡقٍ" ڪنهن به چڱي ڪم کي حقير ۽ گهٽ نه سمجهو توڙي ڪٽي مسلمان ڀاءُ سان مرڪي ملڻ جهڙو ننڍڙو عمل هجي. نبي اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي ته قيامت واري ڏينهن الله جل شانه ٽن ماڻهن سان ڪلام نه ڪندو. انهن مان هڪ احسان جتائڻ وارو آهي. (صحيح مسلم)(المدثر: 74/ 6، الدهر: 9/76)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُبۡطِلُوۡا صَدَقٰتِكُمۡ بِالۡمَنِّ وَالۡاَذٰى ۙ كَالَّذِىۡ يُنۡفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفۡوَانٍ عَلَيۡهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلۡدًا ؕ لَا يَقۡدِرُوۡنَ عَلٰى شَىۡءٍ مِّمَّا كَسَبُوۡا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۶۴﴾

مسلمانؤ! پنهنجي صدقي کي ڪنهن کي احسان ڳڻائي يا تڪليف ڏئي ضايع نه ڪيو، ان ماڻهوءَ وانگر، جيڪو پنهنجو مال ماڻهن کي ڏيکارڻ (ريا) لاءِ خرچ ڪري ٿو. اهڙو ماڻهو (گويا) الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿو آڻي. ان جو مثال هڪ اهڙي لسي، چدي پٿر وانگر آهي، جنهن تي ٿورڙي مٽي پيل هجي، پوءِ ان تي زوردار بارش پوي ۽ پوءِ ان کي بلڪل صاف پٿر ڪري ڇڏي، سو پنهنجي محنت ۽ ڪمائيءَ مان انهن کي ڪجهه به نه ملي (رياڪار جوحال به اهو آهي) الله ڪافر قوم کي هدايت نٿو ڪري. (264)

مومنؤ! پنهنجي خيرات ڪنهن تي احسان يا ٿورو ڪرڻ جي نيت سان ڪرڻ ۽ ايذاءَ رسائڻ سان برباد نه ڪريو. (ابراهيم: 26/14، الدهر: 9/76-8) "وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ"

(الضحیٰ: 93/ 10) سائل سان هميشہ نرميءَ سان پيش اچو. جهڙي طرح ڪو ماڻهو محض ريا ۽ نمائش طور پنهنجي تعريف لاءِ مال خرچ ڪري ان جي اجر ۽ ثواب ڪي برباد ڪري ٿو. انهيءَ سوچ جو انسان، نہ الله تي ايمان رکي ٿو ۽ نہ وري حساب ڪتاب واري ڏينهن جو پؤ رکي ٿو. اهڙن ماڻهن جو مثال ان لسي چدي، پٿر يا پهاڙي علائقي وانگر آهي، جنهن تي ٿوري مٽي پيل هجي ۽ ان تي پوک پوکجي، پوءِ ان تي زوردار بارش پوڻ ڪري مٽي اڏامي وڃي ۽ سخت پٿر ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ بچي، سو اهو ساڳيو حال ريا ڪارن جو آهي. هنن خير خيرات ڪري جيڪو اجورو حاصل ڪرڻ تي گهريو، اهو ريا ڪاريءَ جي طوفان تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ هنن ڪي پنهنجي ڪمائي مان ڪجهہ هڙ حاصل نہ ٿيو. (الواقعه: 56 / 66-67) نہ رڳو فصل تباهہ ٿيو ۽ ڪجهہ بہ نہ مليو، پر لڳايل موڙي بہ ٻڏي وئي. الله انهن کي نيڪو ڪاري جي ثمرات کان مستفيد نٿو ڪري، جيڪي غلط طريقا اختيار ڪري پنهنجي ڪيل ڪمائي برباد ڪن ٿا. (النساء: 4/142-38، الانفال: 8/47) سورة الماعون ۾ ”اَلَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ“ چئي، رياڪار لاءِ ويل يعني تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو مستحق سڏيو ويو آهي. ريا (خودنمائي) ۽ ايمان هڪ ٻئي جا ضد آهن، جهڙيءَ طرح حديث شريف ۾ آهي: ”مَنْ صَلّٰى يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَكَ وَمَنْ صَامَ يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَكَ وَمَنْ تَصَدَّقَ يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَكَ“ (مسند احمد) جنهن نماز پڙهي، پر ريا ڪيو تہ هن شرڪ ڪيو. جنهن روزو رکيو، پر ريا ڪيو تہ هن شرڪ ڪيو. جنهن خيرات ڪئي، مگر ريا ڪيو تہ هن شرڪ ڪيو. صدقو، زڪواة، خيرات جيڪڏهن خلوص نيت سان الله جي رضا لاءِ ناهي، پر ڪنهن تي احسان جتائڻ جي نيت سان آهي يا سائل کي ايذاءُ ڏيڻ ۽ تحقير ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڏئي ٿو تہ ڏيکاءَ ۽ ريا لاءِ ڪري ٿو تہ ان جو ڪوبہ فائدو ناهي.

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۢ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۲۶۵

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي (ايمان

۽ اطاعت ۾) مضبوط ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪن ٿا، انهن جو مثال اهڙي باغ وانگر آهي، جيڪو مٿانهين زمين تي (آباد) هجي. ان تي زوردار بارش پوي ته ٻيڻو ڦر ڏئي، پر جيڪڏهن ان تي زوردار بارش نه پوي ته هلڪي ٻونداباري به ڪافي هجي. الله اوهان جي اعمال کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (265)

اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو مال ذاتي نام نمود جي شهرت يا رياءَ ۽ ڏيکاوي لاءِ نه، پر خالص الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ نيتي ۽ خلوص دل سان ۽ پاڻ کي حق ۽ سچ تي قائم رکڻ ڪري خرچ ڪن ٿا، ان جو مثال ان باغ وانگر آهي، جيڪو مٿانهين زمين تي پوکيو وڃي. ان تي وڏ ڦڙو ونو ته هن ٻيڻي ٽيڻي پيداوار ڏني، پر جيڪڏهن ان تي وڏ ڦڙو نه به وسي ۽ رڳو ٻوندا ٻادي (ٻونداباري) به ٿئي تڏهن به سٺو فصل پيدا ڪري ٿو. اوهان جيڪو به عمل ڪريو ٿا، اهو الله جي نگاهن کان لڪل نه آهي. يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَ جَهْرَكُمْ هو اوهان جي دل جا راز ۽ خيال به ڄاڻي ٿو ته اوهان جي ظاهري ڪمن کان به آگاهه آهي. هتي خيرات کي بارش سان ۽ زمين کي دل سان تشبيهه ڏني وئي آهي. خيرات به اها سودمند ۽ ثمر آور آهي، جيڪا دل جي سچائي ۽ صدق سان ڏني وڃي. اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ (صحيح بخاري و مسلم) عملن جو ڦل ۽ نتيجا نيت جي حساب سان حاصل ٿين ٿا. (البقره: 2/ 274- 273- 261 - 195، آل عمران: 3/ 92 -117، النساءِ: 39/4 - 38، سبا: 37/34) الله تعاليٰ اوهان جي هر عمل کان آگاهه آهي. هو مخلص، منافق، بدنيت ۽ رياڪار وغيره کي ڄاڻي ٿو. جيئن "وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" مان ظاهر آهي.

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ
فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ
لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۶۶﴾ ع ٣٦

ڇا اوهان مان ڪو ماڻهو اهو پسند ڪندو ته هن وٽ کجين ۽ انگورن جو هڪ

باغ هجي جنهن جي دامن ۾ واهه (نهرون) وهندڙ هجن جنهن (باغ) ۾ هن لاءِ هر قسم جا ميوا هجن ۽ مٿس پيرسني اچي پهچي ۽ سندس اولاد به ڪمزور هجي (اهڙي وقت ۾) ان باغ تي اهڙو جهولو لڳي، جنهن ۾ باهه هجي ۽ اهو باغ سڙي راک ٿي وڃي ته ان (پوڙهي شخص) جي پريشاني ۽ محروميءَ جو ڇا حال هوندو. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ ڇٽيون نشانيون بيان ڪري ٿو ته جيئن اوهان غور ڪيو ته ڇا اوهان گهرو ٿا ته اوهان جي آخرت وارو باغ (ريا) سبب سڙي ڀسم ٿي وڃي ۽ توهان جي ڪو مدد ڪرڻ وارو نه هجي.(266)

رياڪاري، ظاهري نمائش ۽ شهرت جي خيال سان ڪيل خيرات يا نيڪ عمل جو نتيجو هن مثال ۾ موجود آهي ته ڇا اوهان مان ڪو به شخص پسند ڪندو ته هن وٽ ڪجين ۽ انگورن تي سرسبز ۽ شاداب باغ هجي، جنهن باغ کي تروتازه رکڻ لاءِ پاڻيءَ جون نهرون وهندڙ هجن، جنهن ۾ هن جي لاءِ هر قسم جا ميوا به موجود هجن. هي هڪ مثالي باغ جو مثال آهي. پوءِ جڏهن اهو شخص جهور پوڙهو ٿي وڃي، وڌيڪ محنت ڪرڻ جي طاقت نه رهي ۽ ضعيف ۽ ننڍي عمر وارو اولاد به هجي. پاڻ عمر جي ضعيفيءَ ڪري ۽ اولاد جي ڪم عمري جي ڪري باغ جي نئين تعمير ڪرڻ جي طاقت نه رکندا هجن، اهڙي حالت ۾ اوچتو اهڙو باهه وانگر ساڙيندڙ جهولو لڳي ۽ اک ڇنڀ ۾ سمورو باغ سڙي خاڪ ٿي وڃي. يقينًا ڪو به پسند نه ڪندو ته اهڙو هولناڪ واقعو رونما ٿئي ۽ سڀ ڪجهه ڇٽ ڪري ڇڏي، ڇوته هن ۾ اخلاص نه هيو. نيت ۾ کوٽ ۽ رياڪاري هئي. ڏيکاءُ هيو ته ان جو حال به هن پوڙهي شخص وانگر هوندو. الله اهڙا مثال ڏئي اوهان تي حقيقتون ڇٽيون ڪري ٿو ته جيئن اوهان غور و فڪر ڪري پنهنجي ڀلائي جو ڏڳ اختيار ڪريو. جهڙي طرح باهه جهڙو جهولو باغ کي ساڙي ڇڏي ٿو ۽ پيري ۽ ضعيفي جي ڪري ان جو ڪو به تدارڪ ڪري نٿو سگهي ۽ صغير ٻار به ٻکن ۽ ڏکن جو شڪار ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح ريا ۽ خود نمائي هر نيڪي ۽ چڱي ڪم کي ائين ختم ڪري ٿي ڇڏي، جيئن انهيءَ گرم جهولي باغ کي ويران ڪيو ۽ پوءِ ماڻهو حساب ڪتاب جي وقت هٿ مليندو رهجي ٿو وڃي ۽ ڪجهه به

ڪري نٿو سگهي. ياد رهي ته هن جو تعلق رڳو خير خيرات سان نه آهي، پر تمام حسنات، اطاعات، عبادات ۽ معاملات سان آهي.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا (اقبال)

***

محبت پائي مَن ۾، رنديا روڙيا جن
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهائيو (شاهه)

***

چائت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن
تن جو صرافن دڪو داخل نه ڪيو (شاهه)

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَ مِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۠ وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿۲۶۷﴾

مسلمانؤ! پنهنجي پاڪيزه ڪمائيءَ مان ۽ جيڪو اوهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا، (الله جي راهه ۾) خرچ ڪريو ۽ پنهنجي گندي مال کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو ارادو نه ڪيو يعني اهو ساڳيو (گند) اوهان کي ڏنو وڃي ته اوهان هرگز نه وٺو، سواءِ اکين ٻوٽڻ جي. ياد رکو ته الله غني (بي نياز) ۽ ساراهه لائق آهي. (267)

الله تي ايمان رکڻ وارا مسلمانؤ! جو ڪجهه اوهان محنت مزدوري تجارت يا ملازمت مان حلال ڪمايو آهي يا جو ڪجهه اسان اوهان لاءِ زمين مان پوک باغ، سبزي، ميون جي ذريعي پيدا ڪيو آهي، اهو الله جي راهه ۾ خرچ ڪيو. ياد رکو ته هن ۾ اوهانجي پرخلوص محنت سان گڏ پروردگار جو فضل و ڪرم به شامل حال آهي، پر ياد رکو ته جو ڪجهه خيرات ڪريو، سني مان سني شيءِ خيرات ڪريو. (آل عمران: 92/3) ائين نه هجي

تہ عيبدار، ڪمزور، بيمار، داغدار يا گھٽيا قسم جو مال خيرات ڪريو. حديث شريف ۾ آهي: ”اِنَّ اللّٰهَ طَيِّبٌ لَا يَقْبَلُ اِلَّا طَيِّبًا“ الله پاڪ آهي ۽ پاڪ شيءِ پسند ڪري ٿو. ”اِنَّ اللّٰهَ جَمِيْلٌ وَّ يُحِبُّ الْجَمَالَ“ الله پاڻ جميل آهي ۽ هو سھڻي شيءِ پسند ڪري ٿو. ڪنهن بہ خراب شيءِ جي خيرات ۾ خرچ ڪرڻ جي دل ۾ خيال بہ نہ آڻيو، يعني ايتري گندي جو اوهان پاڻ ان ڪي وٺڻ لاءِ تيار نہ هجو ها، اها ٻي ڳالھہ آهي تہ اوهان اکيون ٻوٽي پاڻ وٽ رکو، پر دل سان قبول نہ ڪيو. ياد رکو تہ الله جي مخلوق جي ڀلائي ۽ ڀھبود لاءِ خرچ ڪي الله پنهنجي لاءِ خرچ چوي ٿو. الله اوهان جي ڪنهن خيرات ۽ خرچ جو محتاج يا ضرورتمند نہ آهي، پر هو بلڪل بي نياز بادشاھہ آهي ۽ هر قسم جي تعريف ۽ ثنا جي لائق آهي.

اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ۚ وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ
وَفَضْلًا ۗ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ يُّؤْتِي الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ
الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ۗ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾ وَمَآ
اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ۗ وَمَا
لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾

شيطان اوهان کي (مال خرچڻ ۾) تنگيءَ جو ڊپ ڏياري ٿو ۽ بيحيائيءَ جي ترغيب ڏئي ٿو. الله اوهان سان پنهنجي بخشش ۽ فضل جو وعدو ڪري ٿو. الله وڏي وسعت وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي.(268) هو جنهن کي گھري ٿو پنهنجي مشيت سان دانائي عطا ڪري ٿو ۽ جنهن کي بہ هو حڪمت ۽ دانائي عطا ڪري ٿو تہ ان کي خيرًا ڪثيرًا (تمام وڏي ڀلائي) نصيب ٿي. رڳو اهي ماڻهو نصيحت حاصل ڪن ٿا، جيڪي عقلمند ۽ دانشور آهن. (269) اوهان جو ڪجھہ بہ خرچ ڪريو ٿا يا منت مڃو ٿا تہ الله ان کي يقينًا چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (270)

شيطان اوهان جي دل ۾ ذاتي مفادن جو خيال پيدا ڪري مفلسي ۽ تنگ دستي جو

خوف ڏياري، نيڪي جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ کان روڪيندو رهندو. عيش و عشرت ۽ محرمات جي لذتن جو شوق ڏياري، برائين جي ترغيب ڏيندو، چو تہ شيطان اوهان جو دشمن آهي ۽ دشمن جو ڪم برائي ڪرائڻ آهي، پر الله اوهان کي پنهنجي مغفرت، فضل ۽ ڪرم حاصل ڪرڻ جو واعدو ڪري ٿو. الله وڏي وسعت وارو آهي. هن جي خزانن ۾ ڪا ڪمي ڪانهي ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. شيطان جو پيروڪار ٿيڻ يا الله جو فرمانبردار ۽ اطاعت گذار هجڻ، عقل دانش ۽ فراست جو ڪم آهي. هو جنهن کي گهري ٿو انهي کي حڪمت سان نوازي ٿو. (بني اسرائيل: 17/ 39) يقين ڪريو تہ چڱي مني، نفعي نقصان، حق باطل، صحيح غلط ۾ فرق ڪرڻ واري جنهن کي بہ حڪمت ۽ دانائي ملي وئي تہ ان کي تمام وڏي ڀلائي نصيب ٿي وئي. ”حِكْمَةٌ“ جو لفظ قرآن حڪيم ۾ ڪٿي علم نبوت، ڪٿي معرفت ۽ فهم قرآن، ڪٿي دين جي سمجهہ، ڪٿي نفعي وارو علم جي معنىٰ ۾ آيو آهي. هن آيت ۾ ”حِكْمَةٌ“ مان مراد دين جي فهم ۽ سمجهہ، وڏي دولت ۽ خير ڪثير آهي. هنن نصيحت آموز ۽ حڪمت وارين ڳالهين مان صرف عقلمندئي فائدو حاصل ڪن ٿا. پر ذاتي خواهش وارا هن مان ڪو فائدو يا رهنمائي حاصل نہ ڪري سگهندا آهن. (القصص: 50/28، الروم: 29/30) جو ڪجهہ خيرات سمجهي خرچ ڪريو ٿا يا باس باسي پاڻ تي پاڻ ڪجهہ خيرات ڪرڻ لازم ڪريو ٿا تہ ياد رکو تہ اصل حقيقت الله کان ڳجهي نہ آهي، هن کي هر شيءِ جو علم آهي پر حد پار ڪندڙن ظالمن کي خدا جي عذاب کان ڪو بہ بچائڻ وارو يا مددگار نہ آهي. (لقمان: 31/ 12، الاحزاب: 33/ 34) صحيحين جي حديث ۾ آهي، ٻن ماڻهن تي رشڪ ڪرڻ جائز آهي. هڪ اهو، جنهن کي الله مال ڏنو ۽ هو اهو الله جي راهه ۾ خرچ ڪري ٿو، ٻيو اهو جنهن کي اهڙي حڪمت عطا ڪئي، جنهن سان هو فيصلا ڪري ٿو ۽ ان جي سکيا ڏئي ٿو.

اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَاِنْ تُخْفُوْهَا وَ تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَ يُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾

جيڪڏهن اوهان صدقات (خيرات) کلم کلا ڏيو تہ بہ نيڪ آهي (جنهن سان ٻين

كي ترغيب ملندي) ۽ جيڪڏهن اوهان ان کي ڳجهو رکو ۽ ان کي محتاج (فقيرن) کي ڏيو تہ اهو اوهان جي لاءِ وڌيڪ سٺو آهي ۽ الله (صدقات جي ڪري) اوهان جي گناهن مان ڪجهہ ڪمي ڪري ٿو. الله اوهان جي اعمال کان باخبر آهي. (271)

مقبول انفاق في سبيل الله لاءِ مختلف ضابطا ۽ شرط هن کان اڳ بيان ٿي چڪا آهن، جن جي تعميل تي زور ڏنو ويو آهي، جن سان انفاق الله جي رضا بڻجي، دنيا ۽ آخرت جو بهترين ثمر ٿئي ٿو ۽ انهن ضابطن جو بہ ذڪر ٿيو آهي جن سان خيرات جهڙو نيڪ عمل يا ٻيا سمورا نيڪ عمل چٽ ٿي وڃن ٿا. هن آيت ۾ وڌيڪ توجه ڇڪايو وڃي ٿو تہ اوهان جيڪو ڪجهہ بہ ڪيو، نيڪيءَ خاطر ڪيو يا ذاتي مفادن لاءِ ڪيو الله اوهان جي هر عمل کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي. ياد رکو تہ انهن عملن جو ثواب ۽ سزا ضرور ملندي، ان ڪري خلق خدا جي ڀلائي بهتري ۽ مدد لاءِ جو ڪجهہ کلم کلا خيرات ڪرڻ گهرو بشرطيڪ ريا ۽ نمائش مراد نہ هجي تہ ائين ڪرڻ بہ اوهان لاءِ سٺو آهي، پر جيڪڏهن مخفي طريقي سان محتاجن جي مدد ڪريو تہ هن ۾ اوهان لاءِ خير ئي خير آهي. اهو نيڪ عمل اوهان جي گناهن کان اوهان کي پاڪ ڪري ڇڏيندو. الله کان اوهان جو ڪو بہ عمل ڳجهو ناهي. هن کي هر شيءِ جي پوري پوري خبر آهي. (التين: 6/95، البيّنه: 98/ 8-7، القارعة: 101/ 8-7-6)
"اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" (صحيح بخاري) اصل نيت تي دارومدار آهي. وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ (الزلزال: 7/99)

لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۲﴾ لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ؗ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ؕ
وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۲۷۳﴾ ع ٣٧ ٥

(اي نبي خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم!) تنهنجو فريضو هدايت جي راھ ٻڌائڻ آهي، پر انهن کي سڌي رستي تي هلائڻ تنهنجي ذمي نہ آهي. ڪنهن جو هدايت تي هلڻ هلائڻ خدا جي قانونِ مشيت يعني الله جي هٿ وس آهي. جيڪو مال بہ اوهان خرچ ڪندا، ان ۾ اوهان جو پنهنجو فائدو آهي. الله جي رضا خاطر خرچ ڪرڻ ئي مناسب آهي. اوهان جيڪو بہ خير خيرات ۾ خرچ ڪندؤ تہ ان جو پورو پورو اجر اوهان کي ڏنو ويندو. اوهان سان ڪابہ زيادتي ظلم ڪونہ ڪيو ويندو. (272) (هي انفاق في سبيل الله پيشہ ور گداگرن لاءِ نہ پر) اهڙن ضرورتمندن جي لاءِ آهي، جيڪي الله جي راھ ۾ (ٻيا ڪم ڪار ڇڏي) روڪيا ويا آهن. (ديني معاملن ۾ مشغول هجڻ ڪري ڪسبِ معاش لاءِ) زمين ۾ هيڏي هوڏي وڃي نٿا سگهن. هنن جي زهد ۽ عزتِ نفس جي سبب) ناواقف ماڻهو ڪين مالدار سمجهن ٿا. تون هنن کي سندن صورت مان ئي سڃاڻي سگهين ٿو. ماڻهن کي چنبڙي سوال نٿا ڪن ۽ اوهان جيڪو بہ مال خرچ ڪندؤ تہ الله کي ان جي پوري خبر آهي.(273)

---

"اَلتَّعَفُّفِ" سوال کان بچڻ. "اِلْحَافًا" چنبڙي پوڻ.

ڪافرن ۽ مشرڪن کي دين جي دعوت ڏيندي پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم پوريءَ طرح الله جو پيغام انهن تائين پهچايو. ڪيس هر طرح جي ايذاء، تڪليف ۽ ڏک ڏولاون جو عذاب سهڻو پيو، پر پوءِ بہ هنن جي خيرخواهي، همدردي ۽ ڀلائيءَ لاءِ پنهنجو مشن جاري رکيائون. موٽ ۾ ڪافرن پاران بلڪل انڪار، چٿرون ۽ مذاق ٻڌائون، پر هنن جي هدايت لاءِ سرگردان رهندا هئا ۽ ڪين ڪافرن جي اها روش هميشہ سوچڻ تي مجبور ڪندي هئي، ان ڪري حق تعالىٰ ڪيس تسلي ڏيندي فرمايو تہ اي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم تنهنجو ڪم صرف حق ۽ سچائي جي هدايت ڪرڻ آهي. پر هنن جي هدايت قبول ڪرڻ (يا نہ ڪرڻ) تنهنجي ذميداري ناهي. (المائده: 99/5، الشورىٰ: 48/42، القصص: 56/28) اهو الله جي هٿ ۾ آهي تہ

جنهن کي گهري، سندن روش جي ڪري قانون مشيت مطابق هدايت جي راھ تي هلائي. تون هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪا اوهان الله جي راھ ۾ خيرات ڪندا ۽ جيڪو مال خرچ ڪندا تہ ان جو فائدو ڪنهن ٻئي کي نہ پر اوهان کي پهچندو. اوهان جو ڪجهہ خرچ ڪيو ٿا، ان ۾ الله جي رضائي مطلوب آهي ۽ جيڪي ڪجهہ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندو تہ الله طرفان اوهان کي ان جو پورو پورو فائدو ملندو ۽ ڪڏهن بہ اوهان جي خير خيرات جي حق تلفي نہ ڪئي ويندي. الله نيڪو ڪارن جي نيڪيءَ جو پوررو پورو اجر عطا ڪندو آهي. اوهان جي خيرات جا سڀ کان وڌيڪ اهي حاجتمند حقدار آهن، جيڪي دنياداري کان تعلق ٽوڙي الله جي راھ ۾ دين جي بقا ۽ سربلندي لاءِ رڪيل آهن ۽ ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ نہ، پر رڳو انهيءَ ديني ڪم ۾ مشغول آهن. هو پنهنجي ذاتي ضروريات جي حصول لاءِ بہ ڪٿي نٿا وڃن. هن فقرو فاقه جي باوجود سندن خودداريءَ جو اهو عالم آهي جو اڻ ڄاڻ ماڻهو کين ڏسندو تہ ائين سمجهندو تہ هنن کي ڪا بہ ضرورت ناهي، پر جيڪي هنن کي سڃاڻن ٿا اهي سندن چهري جي تاثرات مان سندن ضرورتن جو اندازو لڳائي وڃن ٿا. هو پيشه ور فقيرن وانگر ماڻهن کي چنبڙي خيرات نٿا گهرن. حديث شريف ۾ آهي "مسڪين اهو ناهي جيڪو هڪ هڪ ٻن ٻن ڪجور يا هڪ هڪ ٻن ٻن گرهن لاءِ گهر گهر وڃي سوال هڻي، پر مسڪين اهو آهي جو سوال ڪرڻ کان بچندو رهي. ائين چئي نبي اڪرم ﷺ لَا يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا پڙهيو. ٻي حديث ۾ آهي جنهن وٽ ضرورت جيترو مال آهي، پر ان جي باوجود پني ٿو تہ قيامت ڏينهن ان جي منهن تي زخم هوندا. (ابو داؤد- ابن ماجه) ماڻهن کان هميشه سوال ڪرڻ واري شخص جي چهري تي قيامت جي ڏينهن گوشت نہ هوندو. (بخاري و مسلم)

ياد رکو اهڙن حقدار ماڻهن ۽ معاشري جي مجموعي ڀلائي لاءِ جو ڪجهہ خرچ ڪندا تہ الله کي ان جو علم آهي ۽ اوهان کي ان جو بدلو ملندو. معلوم ٿيو تہ جن نيڪ انسانن پنهنجي زندگي دين جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ دنياداريءَ جي ڌنڌن کان پري ٿي ويا آهن، انهن جي مالي مدد ڪرڻ اولين فرض آهي. (صحيح بخاري) جهڙيءَ طرح هن آيت ۾ اصحاب صفه ڏانهن توجه ڇڪايو ويو آهي. اصحاب صفه پاڻ ڪريمن کان دين جو علم حاصل ڪندا هيا ۽ کين ٻين شهرن ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو ويندو هيو ۽

غزوات ۾ بہ شرڪت ڪندا هيا، پر مدينہ منوره جهڙي ان وقت جي ننڍڙي شهر ۾ ڪين روزگار جا وسيلا ڪونہ هيا، ان ڪري پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ ڪين مسجد نبوي ڪان الڳ حجري ۾ رهايو هيو ۽ مسلمانن کي سندن امداد لاءِ چيو ويو آهي.

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ
عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا
لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ
بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ
فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ
وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾

وقف منزل

وقف لازم

جيڪي ماڻهو پنهنجو مال رات ڏينهن ظاهر ۽ ڳجهي نموني سان خرچ ڪن ٿا تہ انهن لاءِ سندن رب وٽ ان جو اجر آهي. نہ انهن کي خوف هوندو ۽ نہ وري اهي غمگين ٿيندا. (274) (معاشري ۾ هڪڙا ماڻهو الله جي راهہ ۾ مال خرچ ڪرڻ وارا آهن، پر ٻيا اهڙا بہ آهن، جو قرض تي وياج ۽ سود وٺن ٿا) سو جيڪي ماڻهو سودخور آهن، اهي (قيامت ڏينهن) بيهي بہ ڪونہ سگهندا، مگر ان ماڻهوءَ وانگر (بيهندا، ٿابڙبا) جنهن کي ڀوت شيطان ڇُهي بدحواس ڪري ڇڏيو هجي. اهو ان جي ڪري جو اهي (سودخور) چون ٿا تہ تجارت بہ تہ سود وانگر آهي، حالانڪہ الله تجارت کي حلال ڪيو آهي ۽ سود (وياج) کي حرام ڪيو آهي. پوءِ جنهن کي پنهنجي پروردگار پاران نصيحت نصيب ٿي تہ اهو (وياج وٺڻ) کان باز آيو. هن کان اڳ جو ٿيو، اهو هن جو آهي، ان جو معاملو الله جي سپرد

**آهي پر (نصيحت باوجود) جنهن بہ وري ورتو، اهو جهنمي آهي ۽ هو ان ۾ هميشه رهندو.(275)**

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعالىٰ جي ٻڌايل طريقي تي پنهنجو مال دينِ حق جي دعوت تي خرچ ڪرڻ ۽ انسانن جي ڀلائي ۽ بهبود تي لڳائڻ واري انسان کي حق تعالىٰ وٽان بي حساب ۽ ڪثير اجر جي نويد بہ آهي تہ سندس زندگيءَ ۾ ڪوبہ خوف ۽ غم وغيره ناهي، ڇوتہ انفاق في سبيل الله جو نظام معاشري جي خوشحالي ۽ آسودگيءَ جي ضمانت آهي، پر هن انفاق في سبيل الله سان گڏ سود (ربا) کي آڻڻ ۾ اها حڪمت ۽ مصلحت نظر اچي ٿي تہ انفاق في سبيل الله ۾ افراد ۽ معاشري جي خوشحالي، تعمير ۽ ترقيءَ جي ضمانت آهي، پر سود افراد توڙي معاشري جي بگاڙ ۽ خساري جو سامان آهي. ان ڪري ان کي انفاق في سبيل الله جي آيت بعد آندو ويو آهي. "اَلْقُرْاٰنُ يُفَسِّرُ بَعْضَهٗ بَعْضًا" قرآن جون آيتون هڪ ٻئي جو تفسير ۽ تشريح آهن. سورة الروم: 30 /39، 40 ۾ ان عقده کي کولي بيان ڪيو ويو آهي. توهان سمجهو ٿا تہ وياج سان مال دولت ۾ اضافو ٿئي ٿو، پر درحقيت الله تعالىٰ وٽ اهو وڌي نٿو (پرڪٽي ٿو) پر جيڪو الله جي رضا لاءِ زڪوات ۽ خيرات (صداقت) ڪيو ٿا، اهو مال دولت وڌائي ٿو.

معاشري جي اهڙن ضرورتمند حقدار ماڻهن جي خبرگيري ڪرڻ وارا اهي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجو مال رات ڏينهن ظاهر ظهور يا لڪي ڇپي انهن جي مدد ۾ خرچ ڪن ٿا. اهڙن مخيّر حضرات ماڻهن لاءِ الله وٽ وڏي اجر جو يقين آهي. (البقره: 2/254-261-195، آل عمران: 3/117-116-92، النساء: 4/39) اهڙن خوشبخت انسانن کي نہ اهو خوف هوندو تہ اڳتي ڇا ٿيندو ۽ نہ وري پوين ڪوتاهين لاءِ غمگين يا فڪرمند هوندا. گويا هو هر حال ۾ ڪامياب ۽ ڪامران هوندا. هي اهي انسان آهن، جيڪي خالص انساني همدردي خاطر بنا ڪنهن لالچ نفعي يا احسان جتائڻ ۽ اميد رکڻ جي پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا ۽ نہ وري ان اصل رقم جي واپسي جي خواهش يا اميد رکن ٿا. (الحشر: 59/9-7) ترمذي ۾ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جو فرمان آيو آهي تہ الله صدقي کي قبول ڪري ٿو ۽ ان صدقي کي پنهنجي سڄي هٿ سان وصول ڪري ٿو ۽ پوءِ ان جي اهڙيءَ طرح پرورش ڪري ٿو، جو ان جو ڏنل

هڪ لقمو (گراهہ) احد پهاڙ بنجي وجي ٿو. پر وري بيا اهڙا لالچي ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن ضرورتمند کي رقم ڏئي موٽ ۾ اصل رقم جي واپسي سان گڏ وڌيڪ رقم وٺن ٿا. اهي معاشري جا ناسور آهن، جيڪي وياج وٺن ٿا ۽ مجبور انسانن جي مجبوريءَ جو ناجائز فائدو حاصل ڪن ٿا. اهي پنهنجي هن ظالمانا روش جي ڪري قيامت جي ڏينهن الله جي اڳيان يا مهذب معاشري ۾ اٿندا يعني هلڻ جي ڪوشش ڪندا تہ ان ماڻهوءَ وانگر اٿندا جنهن کي شيطان (جنن ) ڇهي بدحواس بڻائي ڇڏيو هجي. اهو انهيءَ ڪري آهي جو هنن چيو تہ تجارت ۽ وياج ۾ هڪجهڙائي آهي. تجارت ۾ بہ اصل رقم کان وڌيڪ رقم ملي ٿي ۽ وياج ۾ بہ ائين آهي. حالانڪ تجارت ۾ تاجر (واپاري) دولت سان گڏ پاڻ محنت بہ ڪري ٿو. ان ڪري حاصل ٿيل نفعو هن جي محنت يا پورهئي جو معاوضو آهي. (النجم: 39/53) رقم جو ناهي. پر وياج ۾ محنت شامل نہ آهي. يعني محنت ڪنهن ٻئي جي آهي ۽ ان جو ناجائز نفعو سودخور حاصل ڪري ٿو. ان ڪري الله تجارت کي حلال ۽ جائز قرار ڏنو آهي، پر وياج کي حرام ۽ ناجائز ڪيو آهي. تجارت ۽ وياج ۾ ڪا بہ هڪجهڙائي ناهي. تجارت لاءِ بہ حلال حرام، جائز ناجائز جا قانون مقرر آهن، سو هاڻي جنهن کي بہ الله جو هيءُ نصيحت ڀريو حڪم ملي ويو آهي ۽ هو اڳتي وياج وٺڻ کان رڪجي ويو تہ هن جيڪي ڪجهہ هن کان اڳ ورتو، اهو انهيءَ جو ئي آهي ۽ ان جو معاملو الله تي ڇڏيل آهي. پر جيڪڏهن ڪو هن حڪم جي اچڻ بعد بہ وياج وٺڻ کان باز نہ آيو تہ اهو دوزخي انسان آهي ۽ اهو انهي دوزخ جي باهہ ۾ هميشه هميشه رهندو. (البقره: 2/ 276 کان 280 تائين، آل عمران: 130/3) اهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي: ”كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفَعَةً فَهُوَ رِبًا“ قرض تي ورتل نفعو وياج آهي. ” اَلتَّاجِرُ الصَّدُوْقُ الْاَمِيْنُ مَعَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ“ (جامع ترمذي) سچو ۽ ايماندار تاجر نبين، صديقين ۽ شهداءِ سان گڏ هوندو.

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ
عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا

اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا
فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ
لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾

الله وياج کي ناس کري ٿو ۽ صدقات کي وڌائي برڪت وجهي ٿو. الله ڪنهن به ناشڪري ۽ نافرمان کي پسند نٿو ڪري. (267) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا، نماز کي قائم ڪيو ۽ زڪواة ادا ڪئي، انهن لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي. انهن کي نه ڪو خوف هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا. (277) مؤمنؤ! الله جي احڪامن ۾ تقوىٰ اختيارڪيو ۽ وياج مان جو ڪجهه باقي رهجي ويو آهي، اهو ڇڏي ڏيو (نه وٺو) جيڪڏهن اوهان واقعي (دل جي سچائيءَ سان) مؤمن آهيو. (278) پوءِ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ته الله ۽ ان جي رسول جي طرفان اعلان جنگ لاءِ خبردار ٿي وڃو. جيڪڏهن اوهان توبه ڪريو ته اوهان لاءِ اوهان جو اصل مال (مور) جائز آهي. نه اوهان ظلم ڪريو ۽ نه توهان تي ظلم ڪبو. (279)

الله وياج کي مِٽائي ٿو ۽ خيرات کي وڌائي ٿو. سودي نظام ۾ سود خور سمجهي ٿو ته هن جو سرمايو وڌي ٿو، پر حقيقت ۾ هو پاڻ به مٽجي ٿو ۽ قوم کي به مٽائڻ گهري ٿو، ڇوته وياج خور جي ذهنيت هوندي آهي ته جيترو ٿي سگهي، هو ماڻهن جي جياپي وارو ضروري سامان غذا، دوا، درمل وغيرها ذخيرو ڪري رکي، ته جيئن ماڻهو ان جا محتاج ٿين ۽ قرض وٺڻ لاءِ مجبور ٿي وڃن ۽ پوءِ سودخور هنن جي مجبوريءَ ۾ ناجائز فائدو وٺي، ڏنل رقم تي ٻيڻ ٽيڻ وياج وٺي پنهنجي حريص طبيعت کي خوش ڪري، معاشري کي محتاج ڪري، حالانڪ اهڙي منفي سوچ نوعِ انسان لاءِ زهر قاتل آهي. الله تعالىٰ تي ايمان رکڻ

وارو الله طرفان عطا ڪيل نوع انسان جي نشوونما، بهتري ۽ خوشحالي واري نفع بخش پروگرام کي ڇڏي، سراپا خساري وارو سودو ڪونہ ڪندو، تنهن ڪري ان جي برعڪس خيرات ۾ بظاهر ائين نظر اچي ٿو تہ سرمايو گهٽجي ٿو، پر حقيقت ۾ سخي پاڻ بہ اڳتي وڌي ٿو ۽ قوم بہ ترقي ۽ تعمير ڏانهن وڌي ٿي. الله تعالىٰ جي عطا ڪيل نعمت کي بين جي ضرورت کان روڪي رکڻ ۽ ان تي ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ دراصل حق تعالىٰ جي ناشڪري آهي ۽ الله نافرمان ۽ ناشڪر گذار ۽ گنهگار ماڻهن کي پسند نٿو ڪري، جيڪي ماڻهو الله تي ايمان رکن ٿا، چڱا ڪم ڪن ٿا، اهي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪن ٿا، بلاشڪ اهڙن ماڻهن لاءِ الله وٽ وڏو اجورو آهي. هنن کي نہ ڪو خوف يا خطرو آهي ۽ نہ وري ڪو غم يا فڪر آهي. نماز ۽ زڪواة الله جي اطاعت ۽ ان تي رزق جي فراواني جو اطمينان بخش ذريعو ۽ مڪمل توڪل آهي.

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهان واقعي الله تي سچيءَ دل سان ايمان آڻڻ وارا آهيو تہ خدا جي مقرر ڪيل احڪامن تي پوريءَ طرح عمل ڪريو. انحرافيءَ جي حالت ۾ سندس گرفت کان بچو ۽ جو ڪجهہ وياج قرضدارن جي خلاف رهجي ويو آهي، اهو وٺڻ بند ڪيو، جيڪڏهن اوهان الله تي ايمان رکو ٿا، جيڪڏهن اوهان ان هوندي بہ وياج وٺڻ بند نہ ڪيو تہ پوءِ الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، سمجهو تہ اهو هڪ الٽيميٽم آهي، جنهن کان الله محفوظ رکي. جو تہ امتناعي حڪم اچڻ کان پوءِ بہ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ الله ۽ ان جي رسول ڪريم خاتم النبيين ﷺ سان جنگ جو اعلان ڪرڻ آهي. پر جيڪڏهن پنهنجو باغيانا رويو ڇڏي، توبہ تائب ٿيو ٿا ۽ وياج وٺڻ بند ڪيو ٿا تہ پوءِ پنهنجي اصل رقم وٺو ۽ وياج ڇڏي ڏيو تہ جيئن نہ اوهان سان بہ ڪا زيادتي ٿئي ۽ نہ وري اوهان ڪنهن تي ظلم زيادتي ڪري سگهو. (الروم 39/30) "اَلْمُسْلِمُ اَخُو الْمُسْلِمِ لَا يَظْلِمُهٗ وَلَا يُسْلِمُهٗ" مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ هو هن تي پاڻ ظلم ڪري ٿو ۽ نہ وري ڪنهن ظالم جي حوالي ڪري ٿو. پر سندس حمايت ۾ اچي، ظالم جي ظلم کان نجات ڏياري ٿو. (الحجرات: 9/49)

وَاِنۡ كَانَ ذُوۡعُسۡرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيۡسَرَةٍ ؕ وَ اَنۡ تَصَدَّقُوۡا خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ
تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۸۰﴾ وَاتَّقُوۡا يَوۡمًا تُرۡجَعُوۡنَ فِيۡهِ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفۡسٍ مَّا
كَسَبَتۡ وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۲۸۱﴾ ع

۳۸ ع ۸ ۲

۽ جيڪڏهن قرضدار تنگ دست هجي ته ڪيس (قرض گهرڻ کان) خوشحاليءَ تائين مهلت ڏيڻ گهرجي. پر اوهان جو (اهڙي صورت ۾ قرض) ڪيس معاف ڪرڻ اوهان لاءِ بهتر آهي. جيڪڏهن اوهان کي معلوم هجي (ته هن جو ڪيڏو وڏو اجر آهي). (280) ان ڏينهن کان ڊڄو، جنهن ڏينهن اوهان الله طرف واپس ٿيندا، پوءِ هر شخص کي سندس ڪيل عمل موجب ان جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن سان ظلم نه ٿيندو. (281)

جيڪڏهن قرضدار تنگ دست آهي ۽ قرض جي رقم مدت اندر موٽائي ڏيڻ جي حيثيت ۾ ناهي ته هن کي خوشحالي تائين مهلت ڏيڻ گهرجي. پر جيڪڏهن قرض جي رقم ونڻ ئي معاف ڪريو ته هن ۾ اوهان لاءِ ڪيتري خير و برڪت جي نويد آهي، ڪاش جيڪڏهن اوهان هن نهايت نيڪ عمل جي فائدن جي پوري ڄاڻ رکندا هجو. اسلام ته مالدار کي هدايت ڪري ٿو ۽ ترغيب ڏئي ٿو ته قرضدار سان نرميءَ جو رويو اختيار ڪريو. جيڪڏهن هو قرض مقرره مدت ۾ ڏيڻ کان قاصر آهي ته هنن کي وڌيڪ مهلت ڏيو، پر جيڪڏهن هن جي ڪمزور مالي حالت ڏسي، ڪيس قرض ئي معاف ڪري ڇڏيو ته هي وڏو ڪار خير آهي، جنهن جي الله وٽ وڏي قدرداني ۽ اجر عظيم آهي، جنهن ۾ اهڙا زرين اصول هجن، ان ۾ سود جهڙي ظالمانه انسان دشمن نظام جي اجازت ڪٿي هوندي. ان ڪري سود خور کي الله سان جنگ ڪندڙ سڏيو ويو آهي. معلوم هجڻ گهرجي ته انسان جي الله سان جنگ ڪهڙو نتيجو ظاهر ڪندي. (معاذالله من شر ذالک) تنهن ڪري مسلمانو! ان ڏينهن ۾ ٿيندڙ پڇا ڳاڇا ۽ اعمال جي جانچ پڙتال کان ڊڄو جڏهن اوهان کي الله جي

بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ هر شخص کي سندس ڪيل ڪمائيءَ جي مطابق جزا ۽ سزا جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو. اهو انصاف جو ڏينهن هوندو ۽ ان ڏينهن ڪنهن جي حق تلفي ڪا نه ڪئي ويندي ۽ نه وري ظلم ۽ زيادتي ٿيندي. (يوم حساب بابت ضروري حوالو ڏسو: البقره: 48/2) يومِ آخرت ۾ حق تعاليٰ جي حضور حاضريءَ ۾ ڪيل ڪمائيءَ جي جزا سزا وٺڻ وقت ڪنهن جي به حق تلفي نه ٿيندي ۽ نه وري زيادتي ڪئي ويندي، جنهن لاءِ آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته غفلت جي ننڊ کان بيدار ٿي اهڙو ثمر ساڻ کڻجي، جو اڳتي ڪم اچي. (**الحشر:** 18/59، **المزمل:** 20/73)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ
وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۪ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ
اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ الَّذِىْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبْخَسْ
مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِىْ عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ
اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ
رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ
الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ
اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْـَٔمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ
اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً
حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْٓا
اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ؕ۬ وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ
بِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۸۲﴾

اي مؤمنؤ! جڏهن ٻہ اوهان هڪ مقرر وقت لاءِ پاڻ ۾ قرض جي ڏيتي ليتي ڪيو تہ ان کي لکت ۾ آڻيو ۽ ان دستاويز کي ڪوئي ڪاتب (لکڻ وارو) اوهان جي درميان انصاف سان لکي ۽ ڪاتب لکڻ کان انڪار نہ ڪري ۽ جيڪو علم ڪيس الله ڏنو آهي، ان موجب لکي ۽ ڪتابت اهو ڪرائي، جيڪو قرض وٺي رهيو آهي. ڪيس گهرجي تہ هو هميشه الله جو خوف رکي جيڪو هن جو پروردگار آهي ۽ مضمون نويسيءَ ۾ ڪنهن قسم جي ٻہ ڪمي نہ ڪري، پر جيڪڏهن قرض وٺڻ وارو شخص ناسمجهہ يا ضعيف آهي تہ پوءِ هن جو ولي (وارث) انصاف سان لکرائي. ان تي پاڻ سان ٻن مرد ماڻهن کي گواهہ بڻايو، پر جيڪڏهن ٻہ مرد دستياب نہ هجن تہ پوءِ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون هجن. هي گواهہ اوهان جي پسنديده ماڻهن مان هجن. جيڪڏهن انهن (ٻن عورتن) مان هڪ ڀلجي وڃي تہ ٻي ان کي ياد ڪرائي ۽ جڏهن شاهدن کي گهرايو وڃي تہ (اچڻ کان) انڪار نہ ڪن. مقرر مدت تائين لکڻ ۾ ڪابہ سستي نہ ڪريو. معاملو ننڍو هجي يا وڏو (هر حالت ۾ لکو). هي الله وٽ ٻہ زياده انصاف تي مبني آهي ۽ درست گواهي رکڻ وارو آهي. گهٽ مان گهٽ اوهان ڪنهن شڪ شبهي ۾ نہ پوندا. پر جيڪڏهن لين دين دست بدست آهي تہ پوءِ ضروري ناهي ۽ نہ لکڻ ۾ ڪو گناهہ نہ آهي ۽ جڏهن ٻہ خريد فروخت ڪريو تہ گواهہ ضرور ٺاهيو، نہ لکندڙ کي ڪو نقصان رسي، نہ وري شاهد کي. پر جيڪڏهن ائين ڪندؤ (نقصان پهچائيندؤ) تہ هي اوهان لاءِ گناهہ آهي. الله جي حڪمن ۾ تقويٰ اختيار ڪريو. الله اوهان کي تعليم ڏئي ٿو. الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. (282)

وياج ۾ ٻہ ڌرين جي درميان ڏيتي ليتي ٿيندي آهي. اهڙي طرح وياج يا سودي نظام کان سواءِ ٻئي ڪاروبار ۾ ٻہ قرض ڏيڻ وٺڻ جي ضرورت پوندي آهي. سو جيڪڏهن اوهان ڪنهن خاص مدت لاءِ قرض وٺو تہ ان کي لکت ۾ آڻيو تہ جيئن ڌرين ۾ غلط فهمي

پيدا نہ ٿئي. لکڻ وارو هن معاملي کي پوري عدل ۽ انصاف سان لکت ۾ آڻي. ڪاتب لکڻ کان انڪار نہ ڪري. جڏهن الله هن کي علم جي دولت عطا ڪئي آهي تہ هو ان جو فائدو ٻين کي بہ ڏئي ۽ دستاويز لکي ڏئي. قرض وٺڻ وارو قرض جو مضمون لکرائي. ڪاتب کي قانون ۽ ضابطن مطابق خدا جو خوف دل ۾ رکي صحيح صحيح طور لکڻ گهرجي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽ وڌائي نہ ڪري، جيڪڏهن قرض وٺندڙ ڪم عقل هجي يا ضعيف ۽ بيمار آهي ۽ قرض جو مضمون لکرائڻ جي قابل نہ آهي تہ پوءِ هن جي پاران سندس ڪو مائٽ، دوست، سرپرست، عدل ۽ انصاف سان تحرير ڪرائي. انهيءَ دستاويز جي لکت وقت اوهان پاڻ مان بہ مرد گواهہ شاهدي لاءِ سڏيو. پر جيڪڏهن بہ مرد ملي نہ سگهن تہ پوءِ ڌرين جي رضامندي سان هڪ مرد ۽ بہ عورتون گواهہ طور مقرر ڪريو. بہ عورتون انهي ڪري جيڪڏهن انهن مان هڪ عورت ڀلجي وڃي تہ ٻي عورت ان کي ياد ڏياري تہ جيئن صحيح طور شهادت پيش ٿي سگهي. شهادت جو اهو طريقو دستاويزي شهادت يعني سول معاملن Civil cases ۾ آهي، جنهن ۾ لکت وقت شاهد پنهنجي مرضيءَ سان مقرر ڪيا آهن، پر ان جو تعلق واقعاتي شهادت (ڪرمنل ڪيسز) جهڙوڪ زنا، چوري، قتل، ڌاڙن جهڙن ڏوهن ۾ اهي شاهد هوندا آهن، جيڪي ان وقت موجود هجن. شاهد هٿ جا ناهڻا نہ هوندا آهن، ان ڪري جاءِ واردات تي موجود اڪين ڏٺا شاهد ئي شاهدي ڏيندا آهن. دستاويز لکڻ بہ هڪ پسنديده، معتبر ۽ پختو عمل آهي، پر فرض ناهي. هن تي عمل ڪرڻ سان غلط فهمي يا زيادتيءَ جو گهٽ خدشو آهي، جيڪو معاشري جي امن ۽ سڪون جو ضامن آهي. (البقره: 2/174-159-146-140-42، آل عمران: 3/71، النساءِ: 4/135، المائده: 5/106- 107، الانعام: 6/91)

جڏهن بہ شاهدن کي عدالت ۾ شاهديءَ لاءِ سڏيو وڃي تہ شاهدي ڏيڻ کان نہ ڪيٻائين. قرض گهڻو هجي يا ٿورو، اهو جيستائين مدت باقي آهي، دستاويز لکڻ ۾ سستي نہ ڪجو. هن لکت ڪرڻ ۾ الله جي قانون ۾ انصاف جي مضبوطي مقصود آهي ۽ شهادت کي نيڪ نيڪ پيش ڪرڻ ۽ هر شڪ شبهي کان بچائڻ جي بهترين تدبير آهي، پر جيڪڏهن نقد ڪاروبار هجي ۽ ڏيتي ليتي هٿوهٿ ٿي رهي آهي تہ پوءِ ڪو حرج نہ آهي تہ ان ۾ لکپڙهہ نہ ڪيو، پر اهڙي واپار وقت شاهد ضرور مقرر ڪجو. اهو بہ ڌيان رهي تہ

ڪاتب يا گواهہ کي ڪنھن بہ قسم جو نقصان يا تڪليف نہ ٿئي. پر جيڪڏھن ڪاتب يا گواهہ کي ڊيڄاريو ڌمڪايو يا لالچ ڏني وئي تہ اهو گناهہ جو ڪم هوندو. هرحال ۾ الله جي قانون جي پڇڪڙي ڪرڻ واري عذاب کان بچندا رهو. الله اوهان کي هنن نازڪ معاملن جي معلومات ڏئي ٿو ۽ هو هر شيءِ جو پورو علم رکي ٿو. معاملات جي باري ۾ آيل هن اهم آيت ڪريمہ ۾ تاڪيد ٿيل آهي تہ ڏيتي ليتي زباني نہ، پر لکت ۾ ڪريو تہ ڪو شڪ شبهو نہ رهي. بہ گواهہ مقرر ڪريو. ناسمجهہ ۽ نابالغ بدران سندس ولي وارث يا دوست تحرير ڪرائي. ڪاتب ديانتداري سان لکپڙهہ رکي. شاهد يا ڪاتب گواهي يا تحرير ڪرڻ کان انڪار نہ ڪن. انهن کي ڪو بہ نقصان يا تڪليف نہ ڏجي. بہ مرد ملي نہ سگهن تہ هڪ مرد ۽ بہ عورتون بہ شاهد ٿي سگهن ٿيون.

وَ اِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ۚ ﴿۲۸۳﴾ ع ۳۹

۽ جيڪڏهن اوهان سفر ۾ آهيو ۽ ڪوئي ڪاتب (لکڻ وارو) نہ ملي تہ پوءِ قبضي سان ڪا شيءِ گروي رکو. جيڪڏهن ڪو اوهان مان هڪ ٻئي تي اعتماد ڪري (۽ بغير گروي رکڻ جي قرض ڏئي ٿو) تہ پوءِ قرضدار قرض خواهہ جي قرض طور ڏنل امانت واپس ڪري ۽ انحرافيءَ جي حالت ۾ الله جي عذاب کان ڊڄي. شهادت (گواهي) کي لڪائي نہ ڇڏيو، پر جيڪڏهن ڪو شاهديءَ کي لڪائيندو تہ پنهنجي دل کي گنهگار ڪندو. اوهان جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهيو، الله ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. (283)

جيڪڏهن اوهان سفر ۾ آهيو ۽ اوهان کي ڪو ڪاتب نٿو ملي، جيڪو اوهان جي

لين دين جو دستاويز لکي تہ پوءِ قرض وٺندڙ جي کا شيءِ پاڻ وٽ قرض عيوض گروي طور رکو. گروي ان وقت رکڻ گھرجي، جڏھن قرض خواہ کي قرضدار تي ڀروسو نہ ھجي تہ اھو کيس قرض واپس ڪندو. رھن رکيل مال امانت آھي، ان ۾ خيانت نہ ڪندو ۽ ان جي حفاظت لازم ھوندي آھي. جيڪڏھن اوھان کي ھڪ ٻئي تي ڀروسو ھجي تہ پوءِ جنھن شخص تي ڀروسو ڪيو ويو آھي تہ ھو پنھنجي امانت پوري پوري طرح ديانتداري سان واپس ڪري يعني جنھن قرض ورتو، اھو قرض جي رقم ۽ جنھن وٽ گروي رکيل آھي. اھو گروي واري شيءِ ديانتداريءَ سان ھڪٻئي کي موٽائي ڏين ۽ ھن پوري معاملي کي دل ۾ خدا جو خوف رکي پوري طرح نڀايو. حديث شريف ۾ آھي: ”اَلَا اُخْبِرُكُمْ بِخَيْرِ الشُّهَدَآءِ الَّذِىْ يَاْتِىْ بِشَهَادَتِهٖ قَبْلَ اَنْ يُّسْئَلَهَا“ (صحيح مسلم) اھو سڀ کان سٺو شاھد آھي، جو شاھديءَ جي سڏ کان اڳ ۾ ئي شاھدي ڏيڻ اچي. پر وري ٻيا اھڙا بہ آھن: ”يَشْهَدُوْنَ قَبْلَ اَنْ يُّسْتَشْهَدُوْنَ“ (صحيح بخاري) جيڪي گواھي ڏيڻ جي سڏ کان اڳ ۾ اچي ڪوڙي شاھدي ڏين. شاھديءَ ڪڏھن بہ نہ لڪايو ۽ بنان ڪنھن خوف يا لالچ جي اصل حقيقت بيان ڪيو. پر جيڪڏھن ڪو ڄاڻي واڻي شاھدي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اھو پنھنجي ضمير جو مجرم ھوندو. ”اَلَا وَاِنَّ فِى الْجَسَدِ لَمُضْغَةً اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ اَلَا وَهِىَ الْقَلْبُ“ (صحيح بخاري) دل گوشت جو اھڙو حصو آھي جو صحيح آھي تہ سڄو جسم صحيح ھوندو، پر جي ھو بگڙي تہ سارو جسم بگڙي ويندو. ياد رکو تہ اوھان جو ھر عمل الله جي علم ۾ آھي ۽ ان کان ڪجھہ بہ پوشيده ناھي. (النساءِ: 135/4، المائده: 8/5) شھادت لڪائڻ اھڙو گناھہ آھي، جنھن جو اثر انسان جي دل تائين پھچي ٿو، جيڪا دل گناھہ آلوده ٿي وڃي ٿي. ان ڪري شھادت کي ھڪ معمولي ڳالھہ نہ سمجھو.

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۸۴﴾

ڪائنات ۾ جو ڪجھہ آسمانن ۾ آھي ۽ جو ڪجھہ زمين ۾ آھي، اھو سڀ

**ڪجھ الله جي حڪمرانيءَ ۾ هلي رهيو آهي (ان ڪري) اوهان پنهنجي دل ۾ پوشيده رکو يا ظاهر ڪريو، الله ان سڀ جو محاسبو ڪرڻ وارو آهي ۽ سندس قانون مشيت موجب هو بخش بہ ڪري ٿو ۽ عذاب بہ ڏئي ٿو. ۽ الله جو هر شيءِ تي اختيار ۽ قدرت آهي.** (284)

سورة البقره جو هن دعا سان اختتام ٿي رهيو آهي، پر مؤمن مسلمان جو ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ هن سورت ۾ عبادات ۽ معاملات جا مسئلا کولي کولي بيان ڪيا ويا آهن، جن جي پيروي ڪرڻ ۽ عملي زندگيءَ ۾ آڻڻ ضروري آهي، ڇوتہ اوهان تي جيڪي بہ نعمتون ٿيون آهن ۽ جيڪي بہ احڪام مليا آهن، انهن جي عملي تصوير ٿيو. اوهان کي ان الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ اچڻو آهي، جنهن جي اقتدار ۽ اختيار ۾ آسمانن ۽ زمين جو نظام آهي، جنهن کي اوهان جي هر عمل ظاهر يا لڪل جو پورو پورو پتو آهي، جنهن جو حساب ڏيڻو آهي. (الانعام: 54/6-12، الحج: 18/22، سبا: 34/4-3، الجاثيه: 22/45، البروج: 12/85 کان 22) ياد رکو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجھ بہ آهي اهو الله جي حڪم هيٺ سرگردان عمل آهي. اوهان پنهنجن دلين جا راز ظاهر ڪريو يا دل ئي دل ۾ پوشيده رکو، انهن کان هر حال ۾ الله باخبر آهي، هو ان جو اوهان کان ضرور حساب وٺندو ۽ پوءِ هو پنهنجي قانون مشيت موجب سزا ۽ جزا جو فيصلو ڪندو. حديث شريف ۾ آهي: "اِنَّ اللّٰہَ تَجَاوَزَ لِیْ عَنْ اُمَّتِیْ مَا وَسْوَسَتْ بِہٖ صُدُوْرُھَا مَالَمْ تَعْمَلْ وَ تَتَکَلَّمْ" (صحيح بخاري) الله تعالىٰ منهنجي امت تان دل ۾ ايندڙ وسوسن کي معاف ڪري ڇڏيو آهي، ان تي گرفت نہ ٿيندي، جيستائين اهو ڪم ڪري يا زبان سان چوي نہ. الله تعالىٰ انسان جي هر عمل کي جاچي ٿو. ظاهر هجي يا ڳجهو، قابل گرفت هجي يا درگذر ڪرڻ جهڙو، محاسبو هر عمل جو ٿيندو، پوءِ پنهنجي قانون مشيت موجب جنهن کي گهري تہ بخش ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي گهري تہ عذاب ڏئي. هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. ان ڪري اوهان پنهنجن خيالن ۽ ڪارنامن لاءِ هر وقت محتاط ۽ خبردار رهو. (آل عمران: 3/27-26، النساء: 4/ 162، سبا: 34/5-4-3، الجاثيه: 22/45، النجم: 31/53 ، المؤمن: 19/40)

حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن مؤمن حق تعالىٰ جي حضور ۾ پيش ٿيندو تہ حق تعالىٰ کيس ٻڌائيندو تہ تو دنيا ۾ لڪي ڇپي هي هي گناهہ ڪيا هيا،

جنهن جو مون کي پورو پتو هيو. مؤمن ڏوهه قبول کندو ته الله عزوجل فرمائيندو ته دنيا ۾ تنهنجي پرده پوشي ڪئي هئي، هاڻي به ڍڪ ڍڪيان ٿو.

اے کارسازِ عالم کار ما بساز
چناں بساز کہ گویند کارساز
اے پردہ پوش عالم! پردہ ما بپوش
چناں بپوش کہ گویند پردہ پوش

***

منهنجي مداين جي ڪَل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا ڏوراپو ڏيئي
سجڻ سيوئي ڍڪيون ڍول ڍلائيون.

ستر ڪر ستار! آءٌ اگهاڙي آهيان
ڍڪيين ڍڪڻهار، ڏئي پاند پناهه جو. (شاهه)

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ
مَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۣ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ وَقَالُوْا سَمِعْنَا
وَاَطَعْنَا ۫ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾

رسول (خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم) ۽ مؤمنن جي جماعت ان (قانونِ ربانيءَ کي، جيڪو رسول ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم تي نازل ٿيو) جي صداقت تي يقين محڪم رکن ٿا. هو ايمان رکن ٿا الله تي، فرشتن تي، ڪتابن (قانوني ضابطن) ۽ سمورن رسولن تي ۽ ائين ناهي جو هو ڪجهه کي تسليم ڪن ۽ ڪجهه کي نه ڪن، هو سڀ کي سچو سمجهن ٿا ۽ منصب رسالت ۾ ڪنهن ۾ به تفريق نٿا ڪن ۽ جيڪو به حڪم مليو ٿو، ان کي دل جي ڪنن سان ٻڌن ٿا ۽ خوشيءَ سان اطاعت ڪن ٿا. هر

**تخريبي عمل کان الله جي حفاظت طلب ڪن ٿا ۽ الله جي طرف منزل مقصود تي پهچي وڃن ٿا. (285)**

هنن آخري ٻن آيتن تي سورة البقره جو اختتام ٿي رهيو آهي. هن سورت ۾ هن کان اڳ آيت نمبر 77 ۾ به اهڙي طرح ايمان جي هنن سمورن اهم پهلوئن جو به ذڪر آيو آهي. اهڙيءَ طرح انبياءِ ۾ تفريق نه ڪرڻ جو آيت نمبر 136 ۽ آيت نمبر 4 ۾ ذڪر آيو آهي. سورة البقره قرآن جي سورتن ۾ "سنام" اعلىٰ مقام جو درجو رکي ٿي، جنهن ۾ توحيد جا احڪام، معاشي، معاشرتي معاملن جو تفصيلي ذڪر آيو آهي، انهن سڀني احڪامن ۽ آيتن تي ايمان آڻڻ جو هت به ذڪر اچي رهيو آهي ته الله جو رسول خاتم النبيين ﷺ هن ڪتاب تي جيڪو ان تي الله جي طرفان نازل ٿيو آهي، ان جي تمام صداقتن ۽ هدايتن تي يقين رکي ٿو، يعني پيغمبر، جيڪو الله جو پيغام آڻي ٿو، ان تي "اَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ" جو مظهر ٿئي ٿو. اهي مؤمن، جن هن حق جي پيغام کي قبول ڪيو آهي، اهي به دل جي صداقت سان ان تي ايمان رکن ٿا. هي سڀ الله تي ان جي فرشتن تي هن جي ڪتابن تي، هن جي رسولن تي پڪو ايمان رکن ٿا. (النساء: 136/4) هنن جي ايمان ۽ اعتقاد جو اهو پختو عمل آهي ته اسان الله جي موڪليل رسولن ۾ ڪنهن به قسم جي تفريق نٿا ڪريون. ائين ناهي جو ڪجهه کي خدا جو رسول مڃون ۽ ڪجهه کي نه مڃون ۽ انڪار ڪريون. اسان سڀني رسولن جي رسول ۽ نبي هجڻ ۾ برابر برابر تصديق ڪريون ٿا. (البقره: 136/2، آل عمران: 84/3، النساء: 159/4) باقي بعض انبياء جي بعض تي فضيلت ثابت آهي. (البقره: 2/ 253) هر نبيءَ کي سندس ماحول ۽ ضرورت مطابق آيات الاهي سان فضيلت عطا ڪئي وئي آهي. (الانعام: 165/6، بني اسرائيل: 17/55-21) مؤمن سمورن نبين کي بنا تفريق مڃين ٿا ۽ الله جي سمورين آيتن تي پڪو ايمان رکن ٿا، پر يهودي ۽ عيسائي تفريق بين الانبياء به ڪن ٿا. ڪن کي تسليم ڪن ٿا، ڪن کي ڪونه ٿا مڃين. اهڙيءَ طرح الڪتاب جي ڪجهه حصن تي ايمان آڻين ٿا ته ڪجهه جو انڪار ڪن ٿا. (البقره: 85/2) هي اهي ڀلارا انسان آهن، جڏهن هنن کي حق جي دعوت لاءِ پڪاريو ويو ته هنن چيو اي الله! اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ اسان تنهنجي اطاعت ۾ سر تسليم خم ڪيو. "سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا" ۾ به نفيس اشارو آهي ته دل جي گهراين سان ٻڌڻ ۽ ان جو عملي طور تي مظاهرو ڪرڻ مؤمن جي

نشاني آهي، پر يهود جي ”سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا“ ۾ اشارو آهي تہ اهي اطاعت بدران نافرماني
ڪندا هيا. اي الله! تنهنجي بخشش ۽ مغفرت جا خواهان آهيون، جنهن جي سهاري اسان
خلافت ۽ امانت جو بار ڪنيو آهي. (البقره: 30/2، الاحزاب:72/33) اي اسان جا پروردگار
اسان جي منزل مقصود تنهنجي ذات گرامي ئي آهي، جنهن ڏانهن اسان جو اچڻ آهي.

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق اجان اورانهان ٿيا

(مخدوم محمد زمان لنواري شريف)

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ
رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَاۤ اِنْ نَّسِيْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَاۤ اِصْرًا كَمَا
حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ
وَاعْفُ عَنَّا وقفة وَاغْفِرْ لَنَا وقفة وَارْحَمْنَا وقفة اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ
الْكٰفِرِيْنَ ع ﴿٢٨٦﴾

ع ٨

الله ڪنهن کي بہ سندس استطاعت کان وڌيڪ آزمائش ۾ نٿو وجهي. جنهن
جيترو بہ سٺو ڪمايو آهي، اهو ان لاءِ آهي ۽ جنهن جيترو برو ڪمايو، ان جو
وبال بہ ان تي آهي. يا الله! جيڪڏهن اسان کان ڪا خطا ٿي وڃي يا ويسر ٿي
وڃي تہ ان جو مؤاخذو نہ ڪجانءِ. اسان جا رب! اسان تي ايترو وزن نہ وجهجانءِ،
جيڪو اڳين قومن تي وڌو ويو ۽ جنهن بار جي کڻڻ جي اسان ۾ طاقت نہ هجي،
اهو بار نہ وجهجانءِ. اسان کي درگذر ڪر ۽ اسان جي خطائن کي بخش ڪر.
اسان تي رحم ڪرڻ فرماءِ. تون ئي اسان جو مولا (دوست) آهين ۽ ڪافرن جي
مقابلي ۾ اسان جي مدد ڪرڻ فرماءِ. (آمين) (286)

الله ڪنهن کي بہ ان جي وس ۽ استطاعت کان وڌيڪ ذميداري جي تڪليف نٿو
ڏئي. (البقره: 2/ 33، الاعراف: 42/7، الانعام 53/6، المؤمنون 62/23) يعني بار امانت ۽

تعيين خلافت ۾ ڪابہ اهڙي شيءِ نہ آهي، جنهن ۾ انسان جي قوت برداشت کان وڌيڪ ذميداري ڏني وئي هجي. ”اِتَّقُوْا اللّٰهَ حَقَّ تُقَاتِهٖ“ چئي الله جي حڪمن جي پوري پوري نگهباني ڪرڻ ۾ جيڪو صحابہ ڪرام کي ڊپ ٿيو تہ ان لاءِ سورة التغابن: 16/64 ۾ استطاعت جي خوشخبري ڏني وئي آهي. جيڪو چڱو ڪم ڪندو ان جو فائدو بہ ان کي آهي ۽ جيڪو غلط ڪم ڪندو ان جو وبال بہ ان تي ئي آهي. خدا جي هنن حڪمن جي اطاعت ان لاءِ ناهي تہ ان ۾ ڪو خدا جو فائدو آهي، پر هن جو اصل مقصد توهان جي ذات (روحاني قوت) ۾ وصفون پيدا ٿين ”اِنَّ اللّٰهَ تَجَاوَزَ لِيْ اُمَّتِيْ مَا وَسْوَسَتْ بِهٖ صُدُوْرَهَا مَالَمْ تَعْمَلَ اَوْ تَتَكَلَّمَ“ (صحيح بخاري) الله تعالىٰ منهنجي امت تان خيال ۽ وسوسي ۾ ايندڙ ڳالهيون معاف ڪيون آهن، پر جيڪي ڪري ٿو يا چوي ٿو ان تي مؤاخذو ٿيندو. ان ڪري الله جي ٻانهن کي هميشه اها التجا ڪرڻ گهرجي تہ اي اسان جا الله! جيڪڏهن اسان کان ڀل چڪ يا غلطي ۾ گناهہ ٿي وڃي تہ ان جي پڪڙ نہ ٿئي. ”رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۗ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ“ يا الله! اسان پاڻ سان گناهہ ڪري ظلم ڪيو آهي، جيڪڏهن تون معاف نہ ڪندين تہ اسان خساري ۾ هونداسون. اي اسان جا رب اسان تي اهڙو بار نہ رک، جهڙو تو اسان کان اڳين تي رکيو آهي. اي الله! جنهن بار کڻڻ جي اسان کي سگهہ ناهي، اهڙو بار اسان تي نہ رک. (الاعراف: 157/7) اسان جا ڏوهہ ڏاڍايون معاف ڪر. اسان جون خطائون بخش ڪر ۽ اسان تي ٻاجهہ ۽ ڪرم جي نظر ڪر. تون اسان جو والي وارث آهين. تنهن ڪري تون ئي اسان کي ڪافرن جي جماعت تي سوڀارو ڪر. (آمين)

هت ”اُعْفُ“، ”اِغْفِرْ“ ۽ ”اِرْحَمْ“ جا لفظ آيا آهن، جن جي تشريح ضروري آهي. ”عفو“ جي معنىٰ آهي ترڪ ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ. ”عفو“ ۽ ”صفح“ جا لفظ البقره: 109/2 ۾ گڏ آيا آهن: ”فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ“ اوهان ڇڏيو ۽ مڙي وڃو. هنن ٻنهي هم مطلب لفظن ۾ اهو فرق آهي تہ ”اَلصَّفْحُ“ بلڪل ڇڏي ڏيڻ، پر ”اَلْعَفْوُ“ ۾ ڪجهہ پڇاڳاڇا ڪري، پوءِ ڇڏيو وڃي. ”عفو“ ۽ ”مغفرت“ ۾ اهو فرق آهي تہ ”غُفْرَان“ ۾ قطعًا سزا ناهي، پر ”عفو“ سزا کان سواءِ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ٿوري گهٽي سزا کان پوءِ بہ ڇڏيو وڃي، چوتہ ”عفو“ بمعني مِٽائڻ بہ آهي. مِٽائڻ تڏهن ٿيندو، جڏهن ڪجهہ لکيل هجي، پر مغفرت ۾ گناهہ جي اثرات کان اڳ ئي بچاءُ ٿي وڃڻ آهي. ”قُلِ الْعَفْوَ“ (البقره: 219/2) يعني ”ضرورت لاءِ رکو، باقي ڏئي ڇڏيو“ ۾

به ائين آهي. ”اَلۡعَافِيَةُ وَالۡمُعَافَاةُ“ ۾ به آهي بيماري آفتن يا ماڻهن جي ايذاءَ جي تاثير کان بچائڻ. ”ثُمَّ عَفَوۡنَا عَنۡكُمۡ“ البقره: 52/2 ۾ ان غلطيءَ جي نقصان پهچائيندڙ اثرات کي مٽائڻ آهي. ”رحم“ اهڙو عطيو آهي، جيڪو الله رحمٰن پاران بنا مزدوري ۽ تڪليف جي وڏ مان وڏ ۽ لڳاتار ملندو رهي ٿو. يعني الله جي رحمت نشوونما جو اهو سامان آهي، جيڪو الله طرفان ڪنهن عمل جي مزدوري سبب نه، پر بنا محنت مزدوريءَ جي زوردار ۽ لڳاتار جاري رهي.

*سجدوں کے عوض فردوس ملے یہ بات ہمیں منظور نہیں*
*بے لوث عبادت کرتا ہوں، بندہ ہوں تیرا مزدور نہیں*

هن دعا ۾ جسماني، روحاني، انفرادي اجتماعي ديني دنياوي هر قسم جي سعادتن، نعمتن ۽ نوازشن جي مهربان رب جي درگاهه ۾ عاجز ۽ ڪمزور ٻانهي جي التجا آهي. ان ڪري حضور ڪريم رؤف رحيم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي. ”أُوتِيَتُ هٰذِهِ الۡاٰيَاتِ مِنۡ آخِرِ سُوۡرَةِ الۡبَقَرَةِ مِنۡ كَنۡزٍ تَحۡتِ الۡعَرۡشِ لَمۡ يُؤۡتَهُنَّ نَبِيٌّ قَبۡلِيۡ“ (مسند احمد- طبراني- بيهقي) هي آيتون مون کي عرش عظيم، جيڪو الله جي رحمتن ۽ برڪتن جو خزانو آهي، ان جي هيٺان عطا ڪيون ويون آهن ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ جو هي اهڙو عظيم احسان آهي، جو ڪنهن ٻئي نبي کي نصيب نه ٿيو آهي. هنن ٻنهي آخري آيتن جي حديث شريف ۾ وڏي فضيلت آئي آهي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي ته هر شخص سوره بقره جون هي آخري ٻه آيتون رات جو پڙهي ته اهي هن (جي ساري رات جي حفاظت لاءِ ڪافي آهن. (صحيح بخاري) ٻي حديث شريف ۾ آهي حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي معراج جي رات الله تعالىٰ کان جيڪي ٽي تحفا مليا، انهن سان هڪ تحفو هي ٻئي آخري آيتون آهن.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه به اوڏائي مڱان،
ري ٽنيين، ري ٽوٽيين، تون ڇپر تون ڇانءِ
ڪجاڙو ڪهان، توکي معلوم مڙيوئي. (شاهه)

* * *

منهنجي مداين جي ڪَل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا ڏوراپو ڏيئي
سڄڻ سيوئي ڏکيون ڏول ڏلائيون. (شاهه)

# سُورَہ آل عمران

سورت آل عمران مدينه منوره ۾ نازل ٿي. پنهنجي مضامين ۽ بيان ۾ هڪ مڪمل ۽ مربوط سورت هجڻ سان گڏوگڏ سورت البقره سان اهڙي طرح تہ جڙيل آهي جو ڪيس سورت البقره جي مضامين ڪي تڪميل تي پهچائڻ جو سلسلو بہ سڏيو ويو آهي، ان ڪري سورة البقره ۽ سوره آل عمران ڪي ”زهراوين“ يعني بہ روشن سورتون بہ چيو ويو آهي، حالانڪہ قرآن ڪريم جون سڀ سورتون روشن آهن. غالبًا سورة البقره ۽ سوره آل عمران جا انوار ۽ تجليات هڪ ٻئي سان هڪ جهڙا آهن. حديث شريف ۾ آهي تہ هنن سورتن ڪي پڙهڻ واري ڪي قيامت جي ڏينهن هڪ مڪمل نور عطا ڪيو ويندو. قرآن ڪريم جون اهڙيون ڪيتريون ئي سورتون آهن، جيڪي پاڻ ۾ جڙيل ۽ هڪٻئي جو تتمو آهن. مثلاً سورة الانفال ۽ سورة التوبه، سورة الضحىٰ ۽ سوره الم نشرح، سورة الفلق ۽ سورة الناس، سوره ايلاف ۽ سورة الفيل وغيره. هن سورت جي مرڪزي مضمون طور، ٻن جماعتن جو خصوصيت سان بيان ٿيل آهي. هڪ گروهہ اهل ڪتاب يعني يهود ۽ نصارىٰ جو آهي ۽ ٻئي مسلمانن جي جماعت آهي. يهود ۽ نصارىٰ جي اعتقادي گمراهين ۽ اخلاقي خرابين جو بيان جيڪو سورة البقره ۾ شروع ٿيو هيو، ان ڪي هتي وڌيڪ بيان ڪري ڪين آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ هي رسول ﷺ ۽ قرآن ان دين جي دعوت ڏئي رهيا آهن، جنهن جي تبليغ تمام انبيا اڪرام ۽ رسول عظام ڪندا آيا آهن ۽ توريت ۽ انجيل جي تعليم جي تصديق ۽ تائيد ڪري رهيا آهن. سورة البقره ۾ يهودين جي ٻي راهہ روي جي نشان دهي ڪري انهن جي اصلاح جي زوردار طريقي سان ڪوشش ڪيل آهي. سوره آل عمران ۾ يهودين جي پندو نصيحت سان گڏوگڏ عيسائين جي عقيدي تثليث جي باطل هجڻ ۽ توحيد جي پيغام جو پرچار عام ڪرڻ شامل آهي، مدينہ منوره ۾ مسلمانن جي هڪ ننڍڙي جماعت رياست مدينه جو بنياد وجهي ڇڏيو هو. مسلمانن جي اعلىٰ ڪردار نبي اڪرم ﷺ ۽ قرآن جي تعليم جي تاثير سبب اسلام جي پيروڪارن جو هن ننڍڙي

جماعت ۾ روز بروز اضافو ٿي رهيو هو، جنهن ڪان نہ رڳو مڪي جا قريش خوفزده هئا پر مديني جا دولتمند ۽ شاهوڪار يهودي بہ پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪري رهيا هئا. مسلمانن جي جماعت پنهنجي هن ابتدائي دور ۾ نہ انفرادي انگ اڪرن ۾ مضبوط هئي نہ وري مالي ۽ اقتصادي طور پاڻ پيري ۽ خود ڪفيل هئي. اهڙي نازڪ حالت ۾ مخالفن جي دشمني ۽ حملا هڪ وڏو امتحان هو. بدر جي لڙائي ۾ الله جي مدد مسلمانن کي اهڙي ڪاميابي عطا ڪئي جنهن سان سندن ايماني قوت ۽ جذبي ۾ بي پناهہ اضافو ۽ تقويت اچي وئي تہ ٻئي طرف قريش ۽ يهودين جي ڳٽ جوڙ وڏيڪ حملن کي جنم ڏنو، جنهن ڪري جنگ احد جو معرڪو پيش آيو، جنهن ۾ مسلمانن جي هڪ ٽولي جي انفرادي غلطي سبب فتح جو ميدان شڪست آلوده ٿي ويو. پر پوءِ بہ الله جي غيبي نصرت سندن دستگيري ڪئي. اهڙي صبر آزما دور ۾ مسلمانن کي بهترين امت جو خطاب ڏئي کين دنيا لاءِ مثالي ڪردار ڪرڻ جو مقدس فريضو ڏنو ويو. اتحاد ۽ اتفاق جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙڻ، مشڪلاتن ۽ آزمائشن جو همت، حوصلي، صبر ۽ استقلال سان مقابلو ڪرڻ جو تنظيمي تعميري ۽ تبليغي سلسلو جاري رهيو. عيسائين جو وفد 9 هجري ۾ نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيو، جنهن پنهنجي عيسائي عقيدن ۽ اسلام بابت بحث مباحثو ڪيو، جنهن ۾ هنن کي ناڪامي نصيب ٿي حضرت عيسىٰ عليه السلام بابت دليل ۽ حقائق ٻڌڻ باوجود ضد ۽ عناد جو اظهار ڪيو، جنهن جي جواب ۾ آيت مباهلہ (61/3) نازل ٿي، سوره آل عمران جي شروعاتي 83 آيتون عيسائين بابت آيل آهن. جن ۾ دين اسلام جي حقانيت سان اهل ڪتاب جي دعوىٰ تہ حضرت ابراهيم يهود ۽ نصارىٰ مان هيو، ان جو رد بيان ڪيو ويو ۽ مسلمانن کي ڪافرن کي دلي دوست ۽ همراز بنائڻ ڪان روڪيو ويو آهي.

رکوع ٢٠ — ## سوره آل عمران (مدني سورت) — آيتون ٢٠٠

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓ ۙ﴿۱﴾ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ الۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ ؕ﴿۲﴾

**الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گھڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.**

**الف لام ميم (1) حقيقي معنىٰ الله ۽ رسول الله ﷺ کي ئي معلوم آهي يا الله عليم ۽ حڪيم جو ارشاد گرامي آهي تہ آءٌ الله سڀ کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪا بہ اهڙي هستي ناهي جيڪا عبادت جي لائق هجي، جيڪو هميشه هميشه زندهہ آهي ۽ زندگي بخشيندڙ آهي. پنهنجو پاڻ قائم آهي ۽ هر هڪ کي قيام عطا ڪرڻ وارو آهي. (2)**

الف، لام، ميم (الله عليم حڪيم جو ارشاد آهي). "الٓمّٓ" جي معنىٰ غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور ﷫ هن طرح ڪئي آهي: "منم خدای سزاوار پرستش که می دانم" مان اهو الله آهيان، جيڪو اهو ڄاڻان ٿو تہ مان ئي عبادت جي لائق آهيان. تنوير المقباس تفسير ابن عباس جي مفسر "الٓمّٓ" جي معنىٰ ڪئي آهي: "اَنَا اللّٰهُ اَعۡلَمُ" يا "اُقۡسِمُ اللّٰهُ وَاحِدٌ لَا وَلَدَ لَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ هُوَ الۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ". الله کانسواءِ ٻي ڪا بہ هستي معبود هجڻ جي لائق نہ آهي ۽ اهو ئي اقتدار اعلىٰ جو مالڪ آهي ۽ رڳو ان جي ئي حڪمن جي اطاعت ڪئي ويندي. هو هميشه زندهہ آهي ۽ هن کي ڪو زوال ۽ فنا ناهي. جو ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو. هن جي ئي دست قدرت ۾ ٻين جي زندگي وابستہ آهي. هو پنهنجو پاڻ دائم قائم آهي. هو پنهنجي قيام لاءِ ڪنهن جو محتاج نہ آهي، ڪائنات هستي جي هر شيءِ جو وجود هن جي

تدبير ۽ قدرت سان قائم رهڻ جي ئي مرهون منت آهي. اهو ئي انسانن جي زندگيءَ جون تمام طبعي ضرورتون پوريون ڪري ٿو ۽ اهو ئي انهن جي روحاني حيات جي هدايت ۽ رهبري جو اهتمام ڪري ٿو. هيءَ آيت اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ سورة البقره جي آيت الڪرسي ۾ هن ڪان اڳ آيل آهي، جتي "اَلۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ" جي تشريح ٿيل آهي. حديث شريف ۾ آهي ته الله تعالىٰ جو هڪ اسم اعظم آهي. ان جي حوالي سان الله تعالىٰ کان دعا گهري وڃي ته قبول ٿي ويندي. اهي الفاظ سورة البقره، سوره آل عمران ۽ سوره طٰـهٰ ۾ آيل "وَعَنَتِ الۡوُجُوۡهُ لِلۡحَیِّ الۡقَیُّوۡمِ" شب قدر وانگر انهن ٽنهي سورتن ۾ اسم اعظم مخفي آهي.

اَوَّل، الله، عليم، اعلىٰ، عالَم جو ڏٽي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق ربّ رحيم،
سو ساراهه سچو ڏٽي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

نَزَّلَ عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ وَاَنۡزَلَ التَّوۡرٰىةَ وَالۡاِنۡجِيۡلَ ۝٣ مِنۡ قَبۡلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنۡزَلَ الۡفُرۡقَانَ ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيۡزٌ ذُو انۡتِقَامٍ ۝٤

(اي حبيب خاتم النبيين ﷺ!) ان الله (ذوالجلال جو خاص رحم هي آهي ته) هن هي ڪتاب (قرآن حڪيم) توتي حق ۽ سچائي سان نازل ڪرڻ فرمايو آهي. هي انهن سيني ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي، جيڪي هن کان اڳ (نبين سڳورن) تي نازل ٿيا آهن ۽ انهي (الله) ئي توريت ۽ انجيل نازل ڪرڻ فرمايا آهن. (3) (جهڙي طرح) هن کان اڳ ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪتاب نازل ڪيا آهن (بلڪل اهڙي طرح) هينئر به حق ۽ باطل ۾ امتياز ڪرڻ وارو فرقان (قرآن

مجيد) نازل ڪرڻ فرمايو آهي. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. الله زبردست آهي، هو (اهڙن ماڻهن کان) انتقام وٺڻ وارو آهي. (4)

(اي رسول ﷺ!) انهيءَ حيّ قيّوم الله ئي هي ”الڪتاب“ يعني ضابطه حيات توکي عطا ڪيو آهي، جنهن انسان کي هن دنيا ۾ امتحان ۾ وجهي، سندس هدايت جو اهتمام به ڪيو آهي. (الملڪ: 67/ 2) جو سراپا حق ئي حق ۽ سچ ئي سچ آهي. هن کان اڳ جيڪا به تعليمات خدائي ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪلي وئي آهي، هي پنهنجي بيان سان انهن جي سچائي جي تصديق ڪري ٿو ته اهي الله جا ڪتاب هيا، جن ۾ ڦير گير ڪئي وئي آهي. قرآن حق ۽ باطل ۾ فرق ڪري ٿو ۽ هي رسول ﷺ ۽ قرآن انهن پيش گوين جو ثبوت آهن، جيڪي توريت ۽ انجيل ۾ هيون. هي ڪتاب به انهيءَ ساڳي تعليم جو سلسلو آهي، ڪا الڳ ڪهاڻي نه آهي. هن کان اڳ انهيءَ الله تعالىٰ توريت ۽ انجيل انسانن جي رهبري لاءِ نازل ڪيا هئا، جن ۾ يهودين حق سان باطل کي ملائي ڇڏيو هيو. (البقره: 75/2) هاڻي اهڙو ڪتاب (الفرقان) نازل ڪيو آهي، جيڪو حق ۽ باطل کي الڳ ۽ چٽو بيان ڪري ٿو ته جيئن ماڻهو گمراهيءَ کان بچي وڃن. (الفرقان: 1/25) سورة الانفال ۾ ”يوم الفرقان“ جنگ بدر واري ڏينهن کي به چيو ويو آهي. يا ”الڪتاب“ مان مراد هدايت ۽ سعادت جو صحيفو آهي ته ”الفرقان“ مان مراد هي ڪتاب حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو آهي ۽ توريت ۽ انجيل جي تحريف ٿيل تعليم کان حق کي ظاهر ڪرڻ وارو آهي يا اهو جوهر عقل آهي جو ان ڪتاب کي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. يعني تعليم ۽ حصول تعليم جي استعداد يا هدايت جو نسخو ۽ ان جي ڪما حقه سمجهڻ جي صلاحيت ۽ فهم به ان الله تعالىٰ جي عطا آهي. (بيان القرآن) هنن شهادتن جي باوجود جيڪي ماڻهو به ان جو انڪار ڪن ٿا ۽ حق ۽ سچائي کي ڇڏي باطل ۽ ڪوڙ کي قبول ڪن ٿا ته ياد رکو اهڙن ناشڪر ماڻهن کي سندن اعمال جي نتيجي ۾ سخت سزا ۽ عذاب ملڻ وارو آهي. الله انهيءَ حساب ڪتاب وٺڻ ۽ ان مطابق جزا سزا ڏيڻ تي بلڪل قادر ۽ غالب آهي. بيشڪ الله تعالىٰ رؤف ۽ رحيم آهي، شفيق ۽ غفور آهي، پر

هن آيت ۾ ”عَزِيۡزٌ ذُو انۡتِقَامٍ“ بہ چيو ويو آهي تہ هو شديد العقاب جو مالڪ بہ آهي. الله تعاليٰ جون هي ٻئي جلالي صفتون بہ هميشہ دل و دماغ ۾ رهڻ گهرجن، رڳو بي عمل اميدن جي آسري تي نہ رهڻ گهرجي. هي الله جي طرفان ڌمڪي نہ آهي، پر مڪافات عمل جي لازمي نتيجي جي يادهاني آهي، جيڪا انسانن جي سڌاري لاءِ آيل آهي تہ هن ڪتاب کي عام ڪتابن وانگر نہ سمجهو.

اين ڪتابے نيست چيزے ديگري است (اقبال)

هي عام ڪتاب نہ آهي پر اهو ڪا ٻي شي آهي.

هن ڪتاب کي عملي طور زندگي ۾ نہ آڻڻ سان سخت عذاب هوندو. (بني اسرائيل: 17/ 89-88 -46 -9، طٰـه: 124/20، الفرقان: 30/25، الجن: 17/72)

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخۡفٰى عَلَيۡهِ شَىۡءٌ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ۝٥ هُوَ الَّذِىۡ يُصَوِّرُكُمۡ فِى الۡاَرۡحَامِ كَيۡفَ يَشَآءُ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ۝٦

بيشڪ الله کان زمين ۽ آسمان ۾ ڪا بہ شيءِ ڳجهي ناهي. (5) اهو ئي آهي، جيڪو (مائرن) جي رحم ۾ جنهن طرح سان گهري ٿو (صورت) ٺاهي ٿو. هن کانسواءِ ڪو بہ ٻيو عبادت جي لائق نہ آهي. هو وڏي قوت ۽ اقتدار جو مالڪ آهي. جنهن جو هر حڪم حڪمت سان لبريز آهي. (6)

ايتري قدر عظيم قوت ۽ بي انتها علم جو مالڪ دانا بينا الله آهي جو زمين ۽ آسمان ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي جا هن کان ڳجهي يا پوشيده هجي ۽ هن جي حڪمرانيءَ کان ٻاهر هجي، تہ پوءِ هي ڪافر خدا کان ڪيئن لڪل رهندا. هن ڪائنات جون شيون تہ ڇڏيو، پر انسان جي هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ماءُ جي پيٽ ۾ بہ جيڪا صورت ۽ نقش و نگار ناهي ٿو. ”فِىۡۤ اَىِّ صُوۡرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ“ (الانفطار: 8/82) جنهن بہ صورت ۾ گهريائين، توکي جوڙيو اٿس. هيترن سارن انسانن ۾ هرهڪ جي شڪل الڳ الڳ آهي. مهاندا منهن الڳ

آهن. "وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ" (المؤمن: 64/40) پوءِ اوهان جون شڪليون بنايائين ۽ توهان جون سهڻيون شڪليون بنايائين. اهو ئي الله آهي جنهن جي قدرت ۽ حڪمت جو هي انسان هڪ عظيم شاهڪار آهي. جيڪو الله تعالىٰ منيءَ جي قطري ۽ خون جي دڳ ۾ جان وجهي پنهنجو روح ڦوڪي (الحج: 5/22، المؤمنون: 14/23-12، الروم: 54/30، السجده: 49/31-4، الزمر: 6/39، المؤمن: 67/40) جهان گير انسان کي پنهنجي قانون مشيت موجب پيدا ڪري ٿو (سبحان الله وبحمده) اهو ئي هن جي هدايت ۽ رهبري لاءِ وحي جي ذريعي تعليم جو اهتمام ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ اهو ئي هر شيءِ تي غالب ۽ حڪمت وارو آهي. اهي سڀ حقيقتون آهن تہ الله وحده لاشريڪ له آهي، جنهن جو حڪم پوري ڪائنات تي هلي ٿو. ان باوجود اهي منڪر انڪار ڪن ٿا. پوءِ ڪين الله جي عذاب ۽ انتقام کان ڪير بہ بچائي نٿو سگهي. (المائده: 39/5، الاعراف: 136/7، التوبه: 74/9، هود: 101/11، الروم: 47/30، الزخرف: 25/43)

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ
الْكِتٰبِ وَ اُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ وقف النبي عليه السلام
مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ
اِلَّا اللّٰهُ ؔ وَالرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وقف لازم / وقف منزل
وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٧

هي اهو (الله) ئي آهي جنهن اي نبي مُڪرّم خَاتَمَ النَّبِيِّيْن صلی اللہ علیہ وسلم تو تي هي ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ محڪم آيتون بہ آهن، جيڪي هن ڪتاب جو اصل بنياد آهن ۽ (انهن ڪانسواءِ) ڪجهہ ٻيون متشابهات بہ آهن، جن جون معنائون مليل جليل آهن. پوءِ جن جون دليون ڦريل آهن، اهي هميشه متشابهات جي پويان لڳل آهن تہ جيئن هو فتنو پيدا ڪن ۽ ان لاءِ بہ تہ هو انهن جي حقيقت

**معلوم ڪن. حالانڪ الله ڪانسواءِ ڪو بہ هنن جي حقيقت نٿو ڄاڻي، پر هن جي ابتڙ جن (ماڻهن) کي هن جي معلومات جو پختو علم آهي. اهي چون ٿا تہ اسان هنن (متشابهات) کي مڃون ٿا. اهي سڀ اسان جي پروردگار جي طرفان آهن ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ هن طرح جي شين کي اهي ئي سمجهن ٿا، جن کي الله تعالي عقل سليم عطا ڪيو آهي. (7)**

هي اهو ئي حيّ ۽ قَيّوم الله آهي، جنهن نوع انسان جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ توتي هي ڪتاب نازل ڪرڻ فرمايو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪجهہ آيتون محڪم آهن، جيڪي مستقل قانون ۽ احڪام آهن، جيڪي پنهنجي معنىٰ ۽ مطلب ۾ چٽا ۽ ظاهر آهن. اهي آيتون ۽ احڪام در اصل هن ڪتاب جو اصل ۽ بنياد آهن، جن ۾ دين اسلام جا بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن. انهن ۾ عقائد، عبادات، فرائض ۽ امرونهي جا حڪم ڏنا ويا آهن. جيڪي هڪ مؤمن جي ديني پياس پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. عبادات ۾ نماز، روزو، حج، عمره، زڪواة جهاد، خيرات ۽ معاملات ۾ نڪاح، طلاق، ميراث، خريد و فروخت، تجارت، قرض، شاهدي، ربا (وياج)، قتل، چوري، زنا، اخلاق آداب وغيرها شامل آهن. ٻئي قسم جون ڪجهہ آيتون متشابهات آهن. يعني جن جو مطلب چٽو ۽ ظاهر نہ آهي. اهي شيون جيڪي حواس خمسه جي سمجهڻ ۽ ادراڪ کان ٻاهر آهن، جن جو تشبيهن ۽ استعارن جي ذريعي اظهار ڪيو ويو آهي. پوءِ جن جي دلين ۾ ڪجي ۽ کوٽ آهي، جيڪي سڌا سنوان صاف سترا چٽا ۽ غير مبهم احڪام هڪ پاسي رکي انهن آيتن جي تاويل ۽ تشريح ڪري بحث ۽ مباحثي ۾ اٽڻ گهرن ٿا جيڪي متشابه ۽ مبهم آهن، جيڪي ماڻهن کي الجهائڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ گهرن ٿا. يا خواهہ مخواهہ نارسا عقل جا بي سود گهوڙا ڊوڙائڻ گهرن ٿا. اهڙن بدنصيب ماڻهن کي شيطان شبهات سيکاريندو آهي. (الانعام: 211/6) ان ڪري هو هدايت کان محروم رهن ٿا. (البقره: 147/2، ابراهيم: 27/14، الزمر: 3/39) اهڙين آيتن جي اصل حقيقت الله کي ئي معلوم آهي. انهن متشابهات ۾ اهي ماوراءِ عقل حقيقتون آهن، جيڪي انساني حواس سان معلوم نٿيون ٿي سگهن، جهڙوڪ خدا جي ذات، خدا جا هٿ، خدا جي ڪرسي، خدا جو عرش، حيات بعد

الممات، آخرت، قبر جو عذاب، روح، جنت، دوزخ وغيره شامل آهن. يا ڪي اهڙيون متشابهات، جن جي حقيقت في الفور معلوم ناهي ٿي سگهي ۽ بعد ۾ معلوم ٿئي يا معلوم نہ بہ ٿئي، انهن کي قرآن حڪيم ۾ مثالن ۽ تشبيهن سان بيان ڪيو ويو آهي، جن جي اصل حقيقت ۽ ماهيت الله تعالىٰ ئي ڄاڻي ٿو. "وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ" مان مراد اهو ناهي تہ هنن جي معنىٰ الله کان سواءِ ڪير بہ نٿو ڄاڻي، پر مراد آهي انهن جي حقيقت الله کان سواءِ ڪير بہ نٿو ڄاڻي. هت تاويل بہ بلڪل ان مفهوم ۾ آهي، جهڙيءَ طرح سوره يوسف:100/12 ۾ آهي: "يٰٓاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا" اهو حضرت يوسف عليه السلام تڏهن چيو هو، جڏهن سندس والد ۽ ڀائر مصر آيا ۽ سجده ريز ٿيا، پر جڏهن خواب ڏٺو هئائين، تہ ان وقت ڪنهن کي بہ ان حقيقت جو پتو ڪونہ هيو. يعني معنىٰ تہ ڄاڻن ٿا، پر سندن حقيقت نٿا ڄاڻن. پر اهل علم وبصيرت ۽ فهم و فراست انسان انهن تي ايمان بہ رکن ٿا. ۽ ڄاڻن ٿا تہ انهن جي بيان ڪرڻ مان ڇا مقصود آهي، (البقره 26/2، حٰم السجده: 53/41) اهي انهن آيتن تي ايمان رکڻ سان گڏوگڏ حد بشريت تائين انهن جي بيان ڪرڻ واري اصل مقصود کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. (المدثر: 31/74) ۽ اقرار ڪن ٿا تہ هي سڀ ڪجهہ الله تعالىٰ طرفان ئي آهي. جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي. يعني انڪار نٿا ڪن، پر انتظار ڪن ٿا، ڇوتہ جيڪا شيءِ هن کان اڳ متشابهات ۾ هئي، اڄ ظاهر آهي. يقينًا انهن آيتن سان اهي ئي نصيحت حاصل ڪن ٿا جيڪي عقل و فراست واري واٽ اختيار ڪن ٿا. ۽ محڪمات تي غور فڪر ڪرڻ بعد هو ڪنهن بہ مونجهاري جو شڪار نٿا ٿين.

دريں ورطه گم گشت ڪشتئِ هزار
کہ پيدا نہ شد تختہ بر ڪنار

هن ڀنور ۾ ڪيئي (عقل جون) ٻيڙيون غرق ٿي ويون، جن جو هڪ تختو بہ ڪناري ڪونہ پهتو.

سا سَٽ نہ سارين، الف جنهن جي اڳ ۾
ناحق نهارين پنا ٻيا پرينءَ لئي (شاهہ)

ياد رکڻ گهرجي تہ واقعي عقل وڏي وِٿ ۽ نعمت اهي،پر ان جي بہ هڪ حد آهي،

جنهن کان اڳتي تجاوز نٿو ڪري سگهجي.

گزرجا عقل سے آگے کہ یہ نور
چراغِ راہ ہے، منزل نہیں ہے

هن کان اڳتي وحيءَ جي روشني آهي.

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب
عاشقان را حق کند درسے نصیب

يعني حساب ڪتاب ۽ اديبن استادن کان سواءِ عاشقن کي الله درس نصيب ڪري ٿو.

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝٨ رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ۝٩

اهي چون ٿا تہ پروردگار! تو اسان کي هدايت بخشي آهي تہ ان کان پوءِ اسان جي دلين کي نہ ڦير ۽ اسان کي پنهنجي طرفان رحمت عطا فرماءِ بيشڪ تون ئي عطا ڪرڻ وارو آهين. (8) پروردگار يقينًا تون سڀ ماڻهن کي هڪ اهڙي ڏينهن پيشيءَ لاءِ گڏ ڪرڻ وارو آهين، جنهن جي اچڻ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ الله پنهنجي وعدي جي خلاف ورزي نٿو ڪري. (9)

پوئين آيت ۾ محڪمات ۽ متشابهات تي ايماندارن ۽ بي ايمانن يا ڪچي ايمان وارن جو امتيازي فرق بيان ٿيل آهي. يقين وارا هدايت حاصل ڪندا آهن ۽ زيغ (ڪجي وارا) فتنو مچائيندا آهن. يقين وارا پنهنجي فهم و فراست، عقل و دانش تي ڀروسو نٿا ڪن، پر الله جو فضل ۽ ڪرم سمجهن ٿا. تنهنڪري پنهنجي رب طرف رجوع ٿي ان کان دعا ۾ هدايت گهرن ٿا. هي اهي ڀلارا انسان آهن، جيڪي پنهنجي ايماني بصيرت سان حقيقت فهمي ۾ رڌل رهڻ سان گڏ ۽ هميشہ پنهنجي پروردگار جي بارگاهہ ۾ درخواست

گذار آهن تہ اي اسان جا مهربان رب! هن قرآن جي صحيح رهنمائي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اسان جي دلين کي ڪنهن بہ ٻئي پاسي ڏانوان ڏول نہ ڪر ۽ پنهنجي رحمت سان اسان جون قلبي ۽ ذهني توانائيون انهيءَ سڌي رستي سان روشناس رک، جو تہ اهي ئي نعمتون آهن، جيڪي اسان جي ڪسب ۽ ڪمائي ڪان بالاتر تنهنجي عطا ۽ بخش جو ثمر آهن. اسان تہ سر ڪان پيرن تائين گناهن ۾ گتل آهيون، پر تون ئي پرده پوشي ڪرين ٿو. "فَلَمَّا زَاغُوٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ" جڏهن هو باطل، شر ۽ ڪري راهہ ڏانهن لڙي ويا تہ الله تعاليٰ بہ انهن کي اوڏانهن لڙڻ ڏنو.

منهنجي مداين جي ڪَل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏئي
سڄڻ سيوئي ڏڪيون ڏول ڏلائيون. (شاهہ)

* * *

ستر ڪر ستار! آءٌ اگهاڙي آهيان
ڏکين ڏکڻهار، ڏئي پاند پناهہ جو. (شاهہ)

پادشاہا جرم مارا در گذار
ما گنہگاریم تو آمرزگار

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

اي الله! اسان جا ڏوهہ معاف ڪر، اسان گنهگار آهيون، تون بخشڻهار آهين.

اي اسان جا الله! عالم آخرت جا معاملا اسان جي سمجهہ ۾ اچن يا نہ اچن، پر اها حقيقت آهي تہ تون سڀ انسانن کي ان ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، گڏ ڪرڻ وارو آهين. هي تنهنجو مقرر ڪيل عهد آهي ۽ بلاشڪ تنهنجو ڪو بہ عهد خلاف وعده نٿو ٿئي. "زيغ" معنيٰ رستي ڪان ٿڙي وڃڻ. ڦيري ڇڏڻ. (الاحزاب: 10/33، النجم: 16/53، الصف: 5/61) هنن نيڪوڪار ماڻهن جي عقيدي جي پختگي متشابهات تي ايمان هجڻ زيغ ۽ گمراهيءَ ڪان پناهہ گهرڻ ثابت قدميءَ لاءِ دعا گهرڻ ان لاءِ آهي، جو هنن کي آخرت تي ايمان آهي ۽ يقين اٿن تہ الله جي حضور پيش ٿيڻو آهي ۽ اتي هر عمل جو جواب ڏيڻو آهي، ان ڪري هو اها دعا گهرن ٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ
شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ۙ﴿۱۰﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ
قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۱﴾
قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۲﴾

هن ڪتاب جي هدايت ۾ اهميت کان انڪار ڪندڙن کي (جن تي حجت پوري تي چڪي آهي) الله وٽ سندن مال ڪنهن ڪم ايندو نه نه وري سندن اولاد. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دوزخ جو ٻارڻ ٿيندا. (10) هنن جو معاملو به اهو ئي ساڳيو آهي جيڪو فرعونين جو ۽ هنن کان اڳ وارن جو هيو، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو قرار ڏنو هو ته الله انهن کي سندن گناهن جي سزا ۾ پڪڙي ورتو ۽ حقيقت به ائين آهي ته الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. (11) هنن منڪرن کي ٻڌائي ڇڏ ته عنقريب اوهان به (اهڙي طرح) مغلوب ٿي ويندو ۽ (ان کان پوءِ) دوزخ ڏانهن ڌڪيا ويندا ۽ اهو ڪهڙو نه برو ٺڪاڻو آهي. (12)

راسخ (فهم و فراست وارن) ماڻهن جو مقصد آخرت جو حصول آهي. دنيا جي زيب و زينت، عيش و عشرت، مال و دولت، عهدا ۽ اقتدار سندن مقصود منزل نه آهي. هنن جي برعڪس شبهات جا شڪار دنياداري ۽ ان جي رونقن جا شيدائي آهن. (يونس: 10/8-7) اهڙن حريص انسانن لاءِ تنبيهه آهي ته آخرت ۾ اهو مال دولت، زر زيور ڪم نه ايندا. (الشعراء: 26/89-88) پر اصل ڪم اچڻ واري شيءِ عمل صالح آهي. (الڪهف: 18/46)

بيشڪ جن ماڻهن الله جي هدايت واري ڪتاب (قرآن مجيد) کان منهن موڙي، ڪفر جو طريقو اختيار ڪيو، حق ۽ سچائيءَ جي رستي کي قبول نه ڪيو، انهن کي معلوم هئڻ گهرجي ته ڪين الله جي گرفت کان جيڪا نهايت سخت آهي نه سندن مال و دولت جي ڪثرت بچائي سگهندي ۽ نه وري اولاد ڪنهن ڪم اچي سگهندو. (التغابن: 14/64،

الطلاق: 65/10-8) هن دنيا جي مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ نه اولاد ۽ مال متاع جي مدد ملي سگهندي هئي پر خدا جي عذاب ۽ پڪڙ کان ڪو بہ فائدو ڏئي نہ سگهندا. اهي ماڻهو دوزخ جي باهہ جو ٻارڻ هوندا. (آل عمران: 3/197- 169، التوبه: 9/55) جو نہ هنن ماڻهن جي چال چلت بہ اها ساڳي آهي، جيڪا فرعوني ٽولي ۽ سندن ماڻهن جي هئي، جيڪي هن کان اڳ ساڳي روش جي پيئڻ چڙهي ويا. هنن الله جي حڪمن جي کلم کلا خلاف ورزي ڪئي نہ الله بہ انهن کي سندن بداعمالي جي نتيجي ۾ پڪڙي سوگهو ڪيو. سندن مال مڏيون، محل ماڙيون ۽ باغ زمينون ڪنهن بہ ڪم نہ آيون. (البقره: 2/50، الشعراء: 20/58-57، الدخان: 44/27-25) اهڙيءَ طرح بين منڪر قومن جو برو نتيجو حضرت موسىٰ عليه السلام کين ٻڌايو هو. (ابراهيم: 14/8-13) ياد رکو نہ الله ئي اهڙن منڪرن کي سخت سزا ڏيندو آهي. اهو عذاب دنياوي زندگيءَ لاءِ بہ جهنم هوندو آهي نہ آخرت لاءِ بہ جهنم هوندو آهي. انهن ماڻهن لاءِ جيڪي فرعوني گروهہ واري سرڪشي ۽ گمراهي اختيار ڪندا آهن. ان ڪري اي پيغمبر حق خاتم النبيين ﷺ! انهن ڪافرن کي خبردار ڪريو، جن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ جيڪي فرعونين وانگر مغرور، هنيلا ۽ عناد سرڪشيءَ وارا آهن ۽ الله تعالىٰ جي آيتن ۽ نبين سڳورن کي ڪوڙو چون ٿا ۽ آيتن ۾ شڪ شبها وجهن ٿا، پنهنجي ملڪيت، لشڪر، اولاد جي ڪثرت تي فخر ۽ غرور ڪن ٿا ۽ متشابهات جو بهانو بنائي، قرآن تي عمل ڪرڻ کان عذر پيش ڪن ٿا. انهن کي ٻڌائي ڇڏ نہ اهو وقت دور ناهي جو اوهان بہ مغلوب ٿي ويندو اوهان کي اها مال ۽ اولاد جي ڪثرت ڪو بہ فائدو نہ ڏيندي ۽ جهنم ڏانهن ڌڪيليا ويندو، جيڪو نهايت برو ٺڪاڻو آهي. ڪفر جي معني آهي انڪار ڪرڻ قبول نہ ڪرڻ رد ڪرڻ ۽ ايمان جي معني آهي. مڃڻ قبول ڪرڻ ۽ تسليم ڪرڻ.

قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ فِىْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى
كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْىَ الْعَيْنِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ
اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِى الْاَبْصَارِ ۝١٣

(اوهان کي جيڪڏهن اسان جي هن ڳالهہ ۾ ڪوئي تردد آهي نہ) جن ٻن گروهن

۾ مڻ ڀيڙ (مقابلو) ٿي، انهن جي احوال ۾ اوهان لاءِ قدرت جي هڪ وڏي نشاني موجود آهي. هڪ مڃيندڙن (مؤمنن) جي جماعت هئي، جيڪا الله جي راهه ۾ لڙي رهي هئي ۽ ٻيو نہ مڃيندڙن (ڪافرن) جو گروهه هيو، جيڪو شيطان جي راهه ۾ لڙي رهيو هيو، اهي (بدر جي ميدان ۾) مڃيندڙن (مؤمنن) کي پاڻ کان ڪلم ڪلا ٻيڻو ڏسي رهيا هئا. حقيقت اها آهي تہ الله جنهن کي گهري ٿو (اهڙي طرح) پنهنجي تائيد سان مدد ڪرڻ فرمائيندو آهي. هن ۾ يقينًا وڏي بصيرت آهي، انهن لاءِ جيڪي اکين وارا آهن. (13)

يقينًا اوهان جي لاءِ بدر جي ميدان ۾ انهن ٻن گروهن جي درميان مقابلي ۾ خدا جي نصرت ۽ حق جي فتح جي وڏي نشاني موجود آهي. هڪ جماعت جيڪا تعداد ۾ تمام مختصر هئي ۽ الله تعالىٰ جي دين جي سربلندي لاءِ تلوار بڪف هئي ۽ ٻئي طرف خدا ۽ خدا جي دين جا انڪاري ڪافر هئا، جن کي مسلمان پاڻ کان ٻيڻو ڏسي رهيا هيا، يعني 625 ڪن. حالانڪہ دراصل ٽيڻو هيو، هڪ هزار هيو ۽ ڪافر، مسلمانن کي پاڻ کان ٻيڻو ڏسي رهيا هيا، يعني ٻن هزارن جو لشڪر، جنهن ڪري ڪافرن جو لشڪر مرعوب ٿي ويو ۽ شڪست کاڌي. جڏهن جنگ شروع ٿي وئي تہ الله جي طرفان فرشتن جي فوج لڳ ڀڳ ٻہ هزار ڪن مسلمانن جي لشڪر سان ملي سپاهي نظر اچڻ لڳا، جيڪي ڪافرن جي 950 کان ٻيڻا هيا. فرشتن جو ايڏي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ بظاهر 313 مجاهدن کي 950 تي فتح مبين حاصل ٿيڻ، جنهن ۾ ڪافرن جا 70 سردار ماريا ويا ۽ ايترائي قيدي بڻايا ويا. غيبي مدد جو اظهار آهي. واضح هئڻ گهرجي تہ سورة الانفال: 67/8، 66، 65، 45، 42 ۾ جو آيو آهي تہ ٻنهي لشڪرن کي هڪ ٻئي جي نظر ۾ گهٽ ڏيکاريو ويو، اهو جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ جو منظر هيو، تہ جيئن جنگ شروع ٿي وڃي، پر جنگ شروع ٿيڻ ۽ فرشتن جي شامل ٿيڻ سان مسلمان ٻيڻا نظر ٿي آيا. ڪجهہ تفسيرن ۾ آهي تہ مسلمان ڪافرن کي پاڻ کان ٽيڻو نہ، پر ٻيڻو ڏسي رهيا هيا، پر مسلمان پنهنجي بلند حوصلي ۽ ايمان جي جذبي ۾ هن ٻيڻي لشڪر تي ڪاميابي ماڻڻ جو يقين رکندا هئا. (الانفال: 66/8-44) ان ڪري انهن کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ڪافرن کي شڪست فاش آئي. هت ”ٻيڻا“ مان

مراد پنهنجي تعداد کان ٻيڻا آهن ۽ ايتري گهٽ تعداد جي بي سرو سامان مجاهدن پاران باهتيار ۽ وسائل سان ڀرپور ڪافرن کي شڪست ڏيڻ ۾ مسلمانن جي سوب لاءِ الله جي قدرت جي وڏي نشاني آهي. الله جنهن کي گهري ٿو ان کي ڪاميابي عطا ڪري ٿو. بيشڪ هن حق ۽ باطل جي معرڪي ۾ دانا، بينا ماڻهن لاءِ عبرت جو مقام آهي بدر جي جنگ ۾ ڪافرن جا ستر سردار ماريا ويا، جن ۾ ابوجهل به هو ۽ ستر قيدي بنايا ويا، اهڙي طرح ڪافرن کي شڪست فاش ۽ مسلمانن کي فتح مبين حاصل ٿي. هن جنگ ۾ مسلمان 323 ۽ ڪافر 950 هئا.

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ
مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ۭ ذٰلِكَ
مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ
بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ۭ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَاَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ
بِالْعِبَادِ ﴿١٥﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ
النَّارِ ﴿١٦﴾ ۚ اَلصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْمُنْفِقِيْنَ وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿١٧﴾

هنن ماڻهن لاءِ (جيڪي هن بصيرت کان محروم آهن) دنيا جون (مرغوبات) وڻندڙ شيون، عورتون، پٽ، سون چانديءَ جا ذخيرا، نشان لڳل گهوڙا، جانورن ۽ پوک جي محبت جهڙيون شيون تمام گهڻو دل وڻندڙ بڻايون آهن. اهي سڀ شيون رڳو دنيا جي زندگيءَ جو سازو سامان آهن. پر سڀ کان سٺو نڪاڻو ته رڳو الله وٽ ئي آهي. (14) هنن کي چؤ ته مان اوهان کي ٻڌايان ته هنن شين کان سٺي ڪهڙي شيءِ آهي. الله جو خوف رکندڙن لاءِ سندن پروردگار پاران باغ آهن، جن

جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون. اهي ان ۾ هميشه رهندا ۽ پاڪيزه زالون
آهن ۽ انهن سيني کان وڏيڪ الله جو رضامندو هوندو، الله پنهنجي اهڙن ٻانهن
کي ڏسي رهيو آهي.(15) جيڪي دعا گهرن ٿا ته پروردگار! اسان ايمان آندو آهي ۽
تون اسان جا گناهه بخش ڪرڻ فرما ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان محفوظ رک.
(16) اهي صبر ڪرڻ وارا، سچا، فرمانبردار، الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ وارا ۽ رات
جي پوين گهڙين ۾ سجاڳ ٿي پنهنجي گناهن جي مغفرت گهرڻ وارا آهن. (17)

---

هن ٻنهي جماعتن جي نقطه نظر ۽ حسن انتخاب ۾ اهو فرق آهي ته هڪ گروهه آخرت کي دنيا کان بهتر سمجهي ٿو، ان ڪري هن جي ترجيح هر اهو عمل آهي، جنهن سان اڳتي جو سامان گڏ ٿئي، ان جي برعڪس ٻئي گروهه جو مقصدِ حيات آخرت کان وڏيڪ طبعي زندگي جو سازو سامان آهي. هتي ڪيتريون ئي نهايت پرڪشش ۽ خوشنما شيون موجود آهن، جنهن جا هو متوالا آهن، مثال طور عورتن ۽ ٻارن جي پرڪشش محبت، سون چاندي جي ذخيرن جا ڍير، نشان بر گهوڙا، چوپايا جانور پوک ۽ کيتي وغيره. ”خَيْرُ مَتَاعِ الدُّنْيَا الْمَرْاَةُ الصَّالِحَةُ“ دنيا جي نعمتن ۾ پهلي شيءِ صالح عورت آهي. پر ان سان گڏ ٻي حديث شريف ۾ آهي: ”مَا تَرَكْتُ بَعْدِيْ فِتْنَةً اَضَرَّ عَلَى الرِّجَالِ مِنَ النِّسَآءِ“ (صحيح بخاري) مون کان بعد ۾ جيڪي فتنا رونما ٿيندا، ان مان هڪ فتنو (آزمائش) عورت هوندي. ڇوته مرد عورت ڏانهن وڏيڪ مائل ٿئي ٿو ۽ عورت جي عشق ۾ عقل و هوش به گنوائي ويهي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻين پرڪشش شين لاءِ طبعي رجحان ۽ لاڙي سبب انهن شين جي خواهش به هوندي آهي. اهي سڀ شيون دنيا جي زندگي ۾ ڪم اچڻ واريون آهن ۽ الله طرفان بهترين نعمتون به آهن، پر اصل مقصد حيات الله جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ آهي، جيڪا هن مرغوب شين جي ملڻ سان به آهي ته انهن کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ دين جي اشاعت ۽ انسان ذات جي خدمت لاءِ خرچ ڪرڻ ۾ آهي.

چيست دنيا از خدا غافل بودن
ني قماش ونقره و فرزند زن

دنيا داري ڇا آهي، خدا کان غافل هجڻ جو نالو دنيا داري آهي.

پر سٺي پوشاڪ سون چاندي اولاد ۽ عورت دنيا داري نہ آهي. اهي سڀ الله جون نعمتون آهن، بشرطيڪ الله کان غافل نہ ڪن. جا شيءِ خدا کان غافل ڪري ٿي ان کي ئي دنياداري چئجي ٿو. (الرعد: 26/13) ”حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ“ ۾ زالن جي اهڙي محبت آهي، جنهن ۾ انسان ايترو تہ محو ۽ مدهوش ٿي وڃي، جو الله سان سندس رابطو نہ رهي. عورت جي محبت جيڪا انسان جي سڪون ۽ راحت لاءِ آهي، اها الله جي دوريءَ جو سبب ٿي وڃي. (الانفال: 28/8، المنافقون: 9/63، التغابن: 15/64، التڪاثر: 4/102) ”وَالْبَنِيْنَ“ اهڙيءَ طرح اولاد بہ انسان لاءِ غفلت جو ڪارڻ ٿيو وڃي. (الشعراء: 26/89-88) ”وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ“ سون چاندي، زر زيور جو حرص بہ انسان کي بخيل ۽ ڪنجوس بنائي ٿو، جيڪو آخرت لاءِ عذاب جو ڪارڻ ٿيو پوي. (التوبه: 9/35-34، سوره محمد: 38/47) هن برائيءَ جو مثال قارون ۽ ان جو خزانو آهي. ”وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ“ نشانبر گهوڙا بہ فخر ۽ شان شوڪت سمجهيا ويا ۽ انهن جي محبت ۾ بہ انسان غرور ۾ اچي وڃي ٿو. (الانعام: 6/144-142، الانفال: 60/8، النحل: 8/16، بني اسرائيل: 64/17) اهڙيءَ طرح ”وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ“ يعني فجر شروع ٿيڻ کان اڳ سحر جي وقت دعا جي مقبوليت جو وقت آهي. (الفرقان: 64/25، الذاريات: 17/51) هي ظاهري زينت واري دنيا آهي، مگر سڀ ڪجھ فاني آهي. (الرحمان: 55/ 27-26) جنهن لاءِ هو استغفار ڪن ٿا، ان ڪري انهن سان دل نہ لڳائڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. تقويٰ جي تقاضا آهي تہ ”وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا“ غيرالله کان ڪٽجي وڃڻ ۽ الله جو ٿي وڃڻ. (المزمل: 8/79)

اي نبي مڪرم خاتم النبيين ﷺ! ان ڪري تون هنن ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ ڇا مان اوهان کي خبر ڏيان تہ هنن مڙني شين کان اوهان جي لاءِ ڪهڙي شيءِ وڌيڪ بهتر آهي. جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ جي احڪامن مطابق احتياط سان زندگي گذارين ٿا. اهڙن متقي ۽ پرهيزگار ماڻهن لاءِ جنت جا باغ آهن، جن کي سرسبز ۽ شاداب رکڻ لاءِ انهن هيٺان دامن ۾ نهرون جاري آهن، هو انهن باغن ۾ هميشہ رهندا. هنن جا نيڪ پاڪ رفيق حيات بہ هنن سان گڏ هوندا ۽ هنن لاءِ سڀ کان وڌيڪ اها نعمت هوندي تہ انهن لاءِ خدا ذوالجلال جي خوشنودي ۽ رضامندي حاصل هوندي. ياد رکو تہ الله پنهنجي نيڪ ٻانهن جي هر حال ۾ نگهداري ڪري رهيو آهي. هي خدا ترس متقي ۽ پرهيزگار انسان آهن. تقويٰ ۾ پنهنجي

نفس (ذات) جا بہ حق آهن، جيکي ادا ڪرڻا آهن، حديث شريف ۾ آهي: ”فَإِنَّ لِجَسَدِكَ عَلَيْكَ حَقًّا وَ إِنَّ لِعَيْنَيْكَ عَلَيْكَ حقًّا وَ إِنَّ لِزَوْجِكَ عَلَيْكَ حَقًّا وَإِنَّ لِزَوْرِكَ عَلَيْكَ حَقًّا“ (صحيح بخاري) يقينًا تنهنجي جسم جو بہ تو تي حق آهي. تنهنجي اک جو بہ تو تي حق آهي، تنهنجي زال جو بہ تو تي حق آهي ۽ تو تي ملاقات ڪرڻ واري جو بہ حق آهي. (ياد رکو انهن سڀني جا حق ادا ڪريو پر الله جي حق کان وڌيڪ ڪو بہ حق نہ آهي.) جن ٻانهن جو الله تعالیٰ سان تعلق قائم آهي ۽ هر وقت رب کي ٻاڏائيندا رهن ٿا ۽ چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان تنهنجي احڪامن جي اطاعت ڪندي توتي پوري طرح ايمان آندو آهي. اسان جا گناهہ ۽ غلطيون بخش ڪرڻ فرماءِ ۽ اسان کي جهنم جي عذاب کان بچائي رک. هي پلارا شخص هر حال ۾ خوشحالي هجي، يا تنگ دستي، مشڪل هجي يا آسائش ۽ مال متاع جي فراواني، صبر شڪر ۽ استقلال کان ڪم وٺڻ وارا انسان پنهنجي قول ۽ عمل ۾ سچا فرمانبردار اطاعت گذار، نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ مال خرچ ڪرڻ وارا ۽ رات جي پوين پهر ۾ جڏهن ماڻهو گهري ننڊ ۾ هوندا آهن تہ اهي الله جي حضور حاضر ٿي استغفار ڪندا ۽ رحمت طلب ڪندا آهن. سحر يعني فجر جي وقت کان اڳ جي وقت لاءِ آيو آهي، تہ جڏهن رات جو آخري ٽيون حصو رهجي وڃي تہ الله تعالیٰ آسمان تي نزول فرمائي چوندو آهي: ”هَلْ مِنْ سَائِلٍ يُّعْطٰى هَلْ مِنْ دَاعٍ يُّسْتَجَابُ لَهٗ هَلْ مِنْ مُسْتَغْفِرٍ يُّغْفَرُ لَهٗ“ (صحيح بخاري و مسلم) آهي ڪو سوال ڪرڻ وارو تہ عطا سان نوازيو وڃي. آهي ڪو دعا ڪرڻ وارو تہ ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. آهي ڪو استغفار ڪرڻ وارو تہ ان جون خطائون معاف ڪيون وڃن.

عطار ہو، رومی ہو، رازی ہو، غزالی ہو
کچھ ہاتھ نہیں آتا، بے آہ سحر گاہی (اقبال)

هيءَ نيڪ ماڻهن جي اها جماعت آهي، جيڪا الله ۽ ان جي هدايت جي طلبگار آهي. (الفرقان: 64/25، الزمر: 9/39، الذاريات: 18/51، الدهر: 25-26/76)

ليلان ليلائيج اٿئي ماڳ منت جو
جي ليلائي نہ لهين تہ پڻ ليلائيج
آسرو مَ لاهيج سڄڻ سڀاجهيندڙ گهڻو (شاهہ)

النصف

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًا بِالْقِسْطِ ؕ
لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ؕ ﴿۱۸﴾ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۛ وَمَا
اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ؕ
وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹﴾ فَاِنْ حَآجُّوْكَ فَقُلْ
اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْاُمِّيّٖنَ
ءَاَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ اَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ ؕ
وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰﴾ ع

ع ٢ / ١٠

(هن سورت آل عمران جي ابتدا توحيد جي مضمون سان ٿي هئي. درميان ۾ ٻيا مناسب مضمون آيا. هاڻي وري اصل موضوع توحيد ڏانهن رجوع ٿئي ٿو. هن آيت کي آيت شهادت به چيو ويندو آهي، جيڪو هي آهي ته) الله تعالىٰ (آسماني ڪتابن ۾) ۽ ان جي فرشتن تسبيح ۽ تحميد ذريعي ۽ (هن دنيا ۾) حقيقي علم رکندڙن تحرير ۽ تقرير ۾ شاهدي ڏني آهي ته هن ڪانسواءِ ڪوئي الله ناهي. هو انصاف تي قائم آهي. هو زبردست قوت ۽ وڏي حڪمت وارو آهي، جيڪو پنهنجي قوت ۽ حڪمت سان نظام ڪائنات هلائي رهيو آهي. (18) (اها حقيقت آهي ته پوءِ هن ۾ ڪو به شڪ ناهي ته) الله وٽ دين صرف اسلام آهي. (اهو ان ڪري جو اهو دين اسلام ئي الله کي اهڙي طرح مڃڻ جي دعوت ڏئي ٿو). ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي انهن ته (الله جي طرفان) هن حقيقت جي علم اچي وڃڻ بعد رڳو ضد ۽ هٺ جي ڪري هن ۾ اختلاف ڪيو آهي. (جيڪو صريح انڪار آهي) ۽ جيڪي الله جي آيتن جا اهڙي طرح انڪاري آهن، اهي هن کان بي خوف نه رهن، ڇو ته الله سمورو حساب وٺڻ وارو آهي. (19) ان ڪري هي

جيڪڏهن توسان جهڳڙو ڪن ته تون هنن کي بڌاءِ ته مون پاڻ ۽ منهنجي پيروڪارن ته پنهنجو پاڻ الله جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اهل ڪتاب (بني اسرائيل) ۽ اُمّي ماڻهن جيڪي اهل ڪتاب نه آهن، يا آهن، انهن کان پڇو ته ڇا اوهان به پنهنجو پاڻ کي الله جي حوالي ڪريو ٿا. جيڪڏهن قبول ڪن ته پوءِ راهه راست تي اچي ويا، پر جيڪڏهن منهن موڙين ته پوءِ اوهان تي رڳو (پيغام) پهچائڻ جي ذميداري آهي، پنهنجن ٻانهن کي الله پاڻ ڏسڻ وارو آهي. (20)

---

هن سورت جي شروعات ۾ انهيءَ توحيد جي تصور سان ٿي هئي ته هن ڪائنات ۾ اقتدار اعلیٰ الله کانسواءِ ڪنهن کي به حاصل نه آهي. جهڙي طرح اڳ گذري آيو آهي ته اهو ئي مختارِ ڪُلّ آهي. اهو تصور ئي وڏي شهادت آهي ته الله هڪ آهي ۽ ان کانسواءِ ڪا به ٻي صاحب اقتدار اعلیٰ قوت موجود نه آهي. (آل عمران: 2/3 اگر الله تعالیٰ کانسواءِ ٻي به ڪا قوت اقتدار ڌڻي هجي ها ته پوءِ هي سارو نظام جيڪو يڪجهتي، يڪ سوئي ۽ توازن سان قائم آهي، اهو درهم برهم ٿي وڃي ها.“ لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا” (الانبياء: 22/21) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کانسواءِ ٻيو اقتدار ڌڻي هجي ها ته زمين ۽ آسمان ڏقيڙ ۾ اچي وڃن ها. (البقره: 20/2، الانعام: 19/6، سبا: 41/34، الصف: 1/61، الجمعه: 62/...)

ٻي شهادت ملائڪ يعني ڪائناتي قوتون آهن، جيڪي هڪ زبردست قوت هيٺ ڪائنات جي تدبير جو انتظام سنڀالي رهيون آهن، جن جي وحدت عمل ۾ هڪ عالمگير قوت ڪارفرما آهي. ان کان علاوه اهي صاحب علم و بصيرت حڪمت ۽ فراست جيڪي عدل و مساوات جي بنياد تي نظام خداوندي هلائي رهيا آهن. ”اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ “ (الحجرات: 9/49) الله عدل ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو. جنهن جا مثبت نتيجا هڪ الله جي گواهي ڏئي رهيا آهن. هي تمام شهادتون هڪ معتدل انسان کي انهي نتيجي تي پهچائين ٿيون ته اقتدار اعلیٰ رڳو هڪ وحده لا شريڪ له ذات باري تعالیٰ کي حاصل آهي، جنهن جي ٻي مثال حڪمت هيٺ ڪائنات جو نظام ڪاميابي سان قائم آهي. اهو ئي رستو الله جي پاران دين اسلام آهي. ”وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝ ” (آل عمران: 85/3) جيڪو بہ اسلام کانسواءِ ڪو بيو دين (نظام حيات) اختيار ڪندو تہ اهو ان کان قبول نہ ڪيو ويندو (البقره: 2/62-132) ۽ آخرت واري ڏينهن حساب ڪتاب دوران هو خساري ۽ نقصان وارو هوندو. اهو ئي دين آهي، جيڪو نوع انسان لاءِ قانونِ خداوندي مطابق تجويز ڪيو ويو آهي. سمورا انبيا ڪرام انهيءَ ئي دين جا پيغمبر هئا، پر بعد ۾ انهن جا پيروڪار صحيح علم هجڻ جي باوجود پنهنجي ذاتي ضد ۽ هٺ ڌرمي سبب پاڻ ۾ اختلاف ڪندا رهيا. جنهن ڪري اهو دين پنهنجي اصل حقيقت ۾ نہ رهيو ۽ اهي غلط رستن تي گامزن ٿي ويا.

ياد رکو تہ جيڪو بہ حق ۽ سچائيءَ جو انڪار ڪري پٺڪي وڃي ٿو تہ پوءِ خدا جو مڪافات عمل جو قانون انهن جي گرفت ڪرڻ ۾ ڪا بہ دير نٿو ڪري. هينئر بہ اهل ڪتاب لاءِ اهو ئي هڪ رستو آهي تہ هو خدا جي آخري رسول خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت ڪري دين اسلام ۾ داخل ٿي وڃن. ڇو تہ هي نبي مڪرم خاتم النبيين ﷺ ئي پوري انسانيت جي هدايت لاءِ آيو آهي. ”قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا“ (الاعراف: 158/7) اي نبي مڪرم خاتم النبيين ﷺ! هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ اي انسانؤ! بيشڪ مان اوهان سڀني انسانن لاءِ رسول ٿي آيو آهيان. منهنجي اطاعت اوهان تي لازم آهي. حديث شريف ۾ آهي، ان ذات پاڪ جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ جو يهودي ۽ عيسائي مون بابت ٻڌي پوءِ بہ مون تي ايمان آڻڻ بدران فوت ٿي وڃي تہ اهو جهنم ۾ هوندو. (صحيح مسلم) ”بُعِثْتُ اِلَى الْاَحْمَرِ وَالْاَسْوَدِ“ (صحيح مسلم - مسند احمد) مان تمام انسانن احمر ۽ اسود (گورن ۽ ڪارن) لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان. منهنجو منصبي فريضه تبليغ آهي، جيڪو مون هنن تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

انهي هوندي بہ جيڪڏهن هي ماڻهو توسان جهڳڙو ڪن تا تہ (اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ) تون هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ منهنجو ۽ منهنجي اطاعت گذار ساٿين جو طريقو اهو آهي تہ اسان الله جي آڏو سر جهڪائي ڇڏيو آهي. (آل عمران: 52/3، يونس: 12/10 ۽ 84، الحج: 22/ 78) يعني اسان حق پرستي کانسواءِ اوهان وانگر ڪنهن بہ ٻئي جا اطاعت گذار نہ آهيون. هاڻي هنن اهل ڪتاب ۽ عرب جي بين اُميين جيڪي اهل ڪتاب ناهن، انهن کان پڇ تہ ڇا اوهان بہ هڪ الله جي عبادت ۽ اطاعت قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيو يا نہ؟ پوءِ

جيڪڏهن اهي الله جي اطاعت قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ انهن هدايت حاصل ڪري ورتي آهي، جنهن ڪان پوءِ اوهان جو سمورو جهڳڙو ختم ٿي ويندو، پر جيڪڏهن هو خدا پرستي ۽ اطاعتِ خداونديءَ کان انڪار ڪن ٿا ۽ پنهنجي فرقہ بندي ضد ۽ هٺ جي ڪري دين حق قبول نٿا ڪن ته اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪو به فائدو نه ڏيندي. تنهنجو ڪم صرف انهن تائين دين حق جو پيغام پهچائڻ آهي. ”وَلَا تُسْـَٔلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ“ (البقره: 119/2) جهنمي ماڻهن بابت توکان پڇا نه ٿيندي. الله پنهنجي ٻانهن جي ڪنهن به شيءِ کان غافل نه آهي، هو تنهنجي همدردانہ تبليغ ۽ نصيحت کان به پوري طرح واقف آهي.

گر نداری از محمد رنگ و بو
بر زبانِ خود میارا نام او

جيڪڏهن محمد خاتم النبيين ﷺ جو رنگ نه چڙهيو آهي ۽ خوشبوءِ نه آهي ته پوءِ (اها کهڙي محبت آهي) جو ان جو نالو به زبان تي آڻين.

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں
یہ جہاں چیز ہے کیا، لوح و قلم تیرے ہیں (اقبال)

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّيَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْھُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢١﴾ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ اَعْمَالُھُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۡ وَمَا لَھُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٢﴾

يقينًا جيڪي ماڻهو الله جي آيتن جا انڪاري آهن ۽ انبياء جو ناحق قتل ڪن ٿا، ۽ انهن ماڻهن کي به قتل ڪن ٿا، جيڪي عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏين ٿا، سو تون هنن کي (سندن انهن بداعمالين سبب) درد ناڪ عذاب جي خبر ٻڌائي ڇڏ (21) هي اهي ماڻهو آهن جن جا اعمال دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ چٽ ٿي ويا ۽ سندن ڪو به مددگار نه هوندو.(22)

اُهي ماڻهو جيڪي الله جي طرفان آيل هدايت ۽ حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا ۽ هن جي پيغمبرن کي ناحق قتل ڪن ٿا ۽ اهڙن نيڪ ماڻهن کي مارڻ گهرن ٿا، جيڪي ماڻهن ۾ عدل و انصاف قائم ڪن ٿا. يعني امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو سلسلو هن ڪان اڳ ۾ جاري هيو. (الحج: 41/22، لقمان: 17/31) حق ۽ ناحق جي جنگ ازل کان هلندڙ آهي.

برا ڪن برايون، چڱايون چڱن
جو وڙ جڙي جن سين سو وڙ سيئي ڪن (شاهه)

ان ڪري خلق مان خباثت ۽ خلل کي ختم ڪرڻ لاءِ نبين سڳورن ۽ اصلاح ڪندڙ انسانن جو سلسلو هميشه جاري رهيو آهي، پر ان جي باوجود سرڪش، ضدي ۽ هٺيلن ماڻهن به تخريبي ڪارروايون جاري رکيون آهن. اهڙن گمراهه ماڻهن کي دردناڪ عذاب جي (بشارت) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. هي اهي ماڻهو آهن، جن جا اعمال دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي چڪا آهن. اهڙن ظالم ماڻهن جو دنيا توڙي آخرت ۾ ڪو به مددگار نه هوندو. (الحشر: 2/59) هنن آيتن ۾ يهودين جي انهن بدعنوانين ۽ سرڪشين جو ذڪر آهي جن ۾ هو حق کان ڄاڻي ٻجهي انڪار ڪرڻ، خدا جي نيڪ ٻانهن ۽ رسولن کي جيڪي معاشري ۾ انصاف تي مبني نظام قائم ڪن ٿا، انهن کي ناحق قتل ڪرڻ جي جرم ۾ مبتلا آهن، پلا اهڙن ظالم ماڻهن لاءِ بخشش جي ڪا گنجائش باقي آهي؟ هنن ملڪ ۾ قتل ۽ فساد ۽ دهشتگرديءَ جو ماحول پيدا ڪري، خلق خدا جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هنن کي دنيا توڙي آخرت جي ذلت ۽ خواري واري عذاب کان ڪو به بچائڻ يا مدد ڪرڻ وارو نه هوندو. (البقره: 61/2، الدخان: 44/42-41)

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يُدۡعَوۡنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحۡكُمَ
بَيۡنَهُمۡ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ وَهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ۝٢٣ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَالُوۡا
لَنۡ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدٰتٍ ۖ وَّغَرَّهُمۡ فِىۡ دِيۡنِهِمۡ مَّا كَانُوۡا
يَفۡتَرُوۡنَ ۝٢٤ فَكَيۡفَ اِذَا جَمَعۡنٰهُمۡ لِيَوۡمٍ لَّا رَيۡبَ فِيۡهِ ۚ وَوُفِّيَتۡ كُلُّ نَفۡسٍ
مَّا كَسَبَتۡ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ۝٢٥

ڇا تون انهن ماڻهن (يهود ۽ نصاریٰ) کي نہ ڏٺو آهي تہ هنن کي ڪتاب (تورات ۽ انجيل) جي علم جو هڪ حصو ڏنو ويو آهي ۽ ڪين جڏهن ڪتاب الاهي طرف دعوت ڏني ٿي وڃي تہ جيئن ان ڪتاب مطابق سندن درميان (جهڳڙن) جا فيصلا ڪيا وڃن تہ پوءِ انهن مان هڪ ٽولو روگرداني ڪري ٿو ۽ واقعي اهي روگرداني ڪرڻ وارا آهن (23) اها (روگرداني جي دعویٰ) واري ڳالهہ ان ڪري ڪري رهيا آهن جو هو چون ٿا تہ اسان کي دوزخ جي باهہ ٿورڙن ڏينهن کان وڌيڪ ڇُهي بہ نہ سگهندي ۽ اهڙي طرح هو (الله تي) جيڪو (خود ساختہ) بهتان هڻن ٿا (تہ اسان الله جي پياري اولاد آهيون) انهي (ڪوڙي دعویٰ ڪندڙ چرين جي) ڳالهہ هنن کي پنهنجي دين بابت دوکي ۽ فريب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. (24) سو هنن جو ان وقت ڇا حال هوندو، جڏهن اسان هنن کي ان ڏينهن جنهن (جي بپا هجڻ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي) گڏ ڪنداسون ۽ جنهن جان بہ جو ڪجهہ (پنهنجي عملن سان) ڪمايو هوندو، ان جو هنن کي پورو پورو بدلو ڏنو ويندو. ۽ هنن سان ڪو بہ ظلم يا ڏاڍ نہ ڪيو ويندو.(25)

اي پيغمبر خدا خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت زار نہ ڏٺي آهي، جن کي الله جي ڪتاب توريت مان حصو ڏنو ويو آهي ۽ هنن جا يهودي علماءَ بہ آهن، جيڪي رات ڏينهن الله جي ڪتاب جي بہ تلاوت ڪندا رهن ٿا. انهن کي الله جي ڪتاب جي واضح هدايتن طرف سڏيو ويو تہ جيئن اهو انهن جي اختلافي معاملن جو چٽو فيصلو ڪري سگهي. (البقره: 41/2، النمل: 76/27) ان هوندي بہ انهن مان هڪ اهڙو گروهہ بہ آهي جيڪو ان کان صاف انڪاري آهي. حالانڪ جن کي توريت ۽ انجيل جو علم ڏنو ويو هيو، انهن کي قرآن کي الله جو ڪتاب سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس ٿيڻ نہ گهرجي ها، ڇوتہ ڪتاب الاهي جو اندازِ بيان ۽ ترتيب مضمون جو هڪ جهڙو طريقو هوندو آهي. انهن کي تہ قرآن ڏسڻ شرط ئي ان تي ايمان آڻڻ گهرجي ها، پر ذاتي انا، ضد ۽ تعصيب جي ڪري

هنن جي اکين تي پٽيون ۽ دل تي تاريڪيون آهن. در حقيقت هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي حق ۽ سچائي جي سڌي رستي تي هلڻ کان منهن موڙيندڙ آهن. انهن ماڻهن جو حق ۽ سچائي کان منهن موڙڻ ۽ پنهنجي هٺ ۽ ضد تي قائم رهڻ جو اصل وجه سندن اها خام خيالي آهي ته دوزخ جي باهه هنن کي ڇهي به ڪا نه سگهندي. پر جيڪڏهن دوزخ جي باهه ۾ وجهڻو به پيو ته اهو رڳو ٿورڙا ڏهاڙا هوندو. (البقره: 80/2) چو ته اسان نجات يافته جماعت آهيون، جيڪڏهن اسان مان ڪو ئي ڪجهه ڏينهن لاءِ دوزخ ۾ داخل به ٿيو ته اهو ڪنهن عذاب يا سزا جي سبب داخل نه هوندو، پر رڳو انهي ڪري ڪجهه ڏينهن دوزخ ۾ داخل ڪيو ويندو ته جيئن هن جي گناهن ۽ غلطين جي مير گند وغيره صاف ٿي وڃي ۽ وري بهشت ۾ پاڪ صاف ٿي هميشه لاءِ سڪون پذير ٿئي. هنن جو دين بابت جيڪو اهو غلط عقيدو ۽ اعتقاد آهي، جنهن ۾ هو خدا تي ڪوڙي بهتان بازي مڙهي رهيا آهن، هو پنهنجي هٺ نوڪئي عقيدي جي فريب ۾ مبتلا آهن. هنن خام خيال ماڻهن جو ان وقت ڪهڙو حال هوندو، جڏهن قيامت جي ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ شبهو ناهي، اسان هنن کي پنهنجي (الله جي) حضور ۾ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪنداسون ۽ ان ڏينهن جيڪا جنهن جنهن به ڪمائي ڪئي هوندي ان جي مطابق ان کي پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ ان انصاف واري ڏينهن ڪنهن شخص سان به بي انصافي نه ڪئي ويندي. جنهن ڏينهن ڪنهن جو نسب نسل جماعت يا گروهه بندي ڏنو نه ويندو پر ڪيس سندس اعمال ڪم ايندا. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ بَطَأَ عَمَلُهٗ لَمۡ يُسۡرِعۡ نَسَبَهٗ" جن کي اعمال پٺتي ڌڪي ڇڏيندا، ان کي اتي سندن حسب نسب اڳتي آڻي ڪو نه سگهندو. "اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰكُمۡ" الله وٽ اهوئي وڏيڪ مانائتو هوندو، جيڪو وڏيڪ متقي هوندو.

پاڻ ڪمائين ڪين ڪي، پڏائين ڏاڏا ۽ نانا
اهڙا وائي آنا ڪيترا ڪڙين ڪنا ڪيا

قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الۡمُلۡكِ تُؤۡتِي الۡمُلۡكَ مَنۡ تَشَآءُ وَتَنۡزِعُ الۡمُلۡكَ مِمَّنۡ تَشَآءُ ۫ وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنۡ تَشَآءُ ؕ بِيَدِكَ الۡخَيۡرُ ؕ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ

قَدِيْرٌ ﴿٢٦﴾ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَتُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ز وَتُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَتُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ز وَتَرْزُقُ مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢٧﴾

(اي منهنجا حبيب ﷺ!) تون هنن کي) ٻڌاءِ ته اي الله! هن سلطنت جا مالڪ (هي تنهنجي قانون مشيت مطابق آهي ته) تون جنهن کي (مشيت موجب) گهرين ته ان کي عزت عطا ڪرين ۽ جنهن کي (مشيت جي قانون مطابق) گهرين ته ذلت ۽ خواري ۾ رکين. ساري ڀلائي تنهنجي دست قدرت ۾ آهي. بيشڪ تون هر شيءِ تي ڪامل قدرت رکڻ وارو آهين. (26) (منهنجا رب تنهنجي ذات پاڪ ئي) رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿي ۽ وري ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿي. تون ئي زندھ کي بي جان مان ظاهر ڪرين ٿو ۽ وري مرده کي زندھ مان ڪڍين ٿو، جنهن کي گهرين ٿو بغير ڪنهن حساب جي (پنهنجي نوازش سان) مالا مال ڪرين ٿو. (ان ڪري ڪافرن، مشرڪن ۽ منافقن کي پنهنجي چند روز خوشحالي تي فخر ڪرڻ ۽ مؤمنن کي وقتي فقرو فاقه ۾ هجڻ تي فڪر مند نه ٿيڻ گهرجي، حق ۽ ناحق جا نتيجا ضرور ظاهر ٿيندا.) (27)

ڪافرن کي پنهنجي مال و دولت تي مغرور ٿيڻ ۽ شادمانا وجائڻ نه گهرجن ۽ نه وري مسلمانن کي پنهنجي تنگ دستي ۽ مفلسيءَ تي ماتم ڪرڻ گهرجي. هي دنيا گاڏي جي ڦيٿي وانگر ڦرندڙ گهرندڙ آهي، جيڪو اڄ هيٺ آهي، ضعيف آهي، اهو وري مٿي اچي ويندو ۽ طاقت و اقتدار جو مالڪ ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح جيڪو مٿي آهي ۽ فخر و غرور ۾ مست آهي، اهو هيٺ اچي ويندو. الله وٽ ذات ۽ نسل جو نه، پر عمل صالح جو مان ۽ مرتبو آهي، ان ڪري اي نبي محترم ﷺ! پنهنجي مسڪين مسلمان ساٿين ۽ ڪافرن جي سرمائيدار مغرور ماڻهن کي ذهن نشين ڪرائيندي ٻڌاءِ ته اي منهنجا! الله ازل کان ابد تائين هن ڪائنات جي حڪمراني تنهنجي ئي قانون قدرت هٿ وس آهي.

(البقره: 204/2) هي تنهنجي قانون مشيت جي عطا آهي، جنهن کي چاهي ان جي اهليت، صلاحيت مطابق عزت ۽ آبرو سان ملڪ جي حڪومت ڏئي ڇڏين (البقره: 247/2، الانبياء: 105/21) ۽ جنهن کي چاهين ان جي ناهلي ۽ نالائقي ڪري حڪمراني کان محروم ڪرين ۽ انهيءَ مشيت ايزدي جي اٽل قانون مطابق ڪنهن کي عزت و اقتدار عطا ڪرين ۽ جنهن کي چاهين ان کان عزت و اقتدار واپس وٺي ڇڏين. تنهنجي دست قدرت ۾ خير ئي خير آهي. (البقره: 26/2، الحج: 18/22، المنافقون: 80/63) شر انسان پنهنجي لاءِ پاڻ پيدا ڪن ٿا. هر شيءِ پنهنجي مقرر ڪيل ڪنٽرول ۽ قبضي مطابق نتيجا ڏسندڙ آهي. تنهنجو اهو قانون قدرت هن خارجي ڪائنات ۾ بہ بلڪل ساڳي طرح ڪارفرما آهي. هرهڪ کي ان جي سعي ۽ عمل موجب بدلو ملي ٿو. (النجم: 38/53) ۽ هرهڪ جا درجا ان موجب مقرر ٿين ٿا. (الاحقاف: 19/46) هي اهو ئي بااختيار خدا آهي، جيڪو رات جي انڌيرن کي ڏينهن جي روشني ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن جي روشني کي رات جي تاريڪي ۾ آڻي ٿو. يعني ڪنهن جو روشن مستقبل ڪري يا ڪنهن کي انڌيرن ۾ رکي، ان قادر ڪل جو ڪارنامو آهي. ڪن تفسيرن ۾ ائين بہ آهي تہ سردي گرمي جي موسم ۾ رات ڏينهن ننڍا وڏا ٿين ٿا ڪڏهن راتيون ڊگهيون ٿيو وڃن ۽ انهن ۾ ڏينهن جو ڪجهہ حصو اچي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڏينهن وڏا ٿيو وڃن ۽ راتين جو ڪجهہ حصو انهن ۾ اچيو وڃي. الله جو نظامِ اوقات اهو ئي آهي، جيڪو بي جان ۾ جان وجهي، حياتي بخشي ٿو ۽ جاندار کي بي جان بنائي موت حوالي ڪري ٿو. (البقره: 28/2، الانعام: 122/6، الدخان: 8/44) مرده قومن کي نئين زندگي عطا ڪري ٿو ۽ اقتداري قوتن کي موت جي گهاٽ چاڙهي زوال ڏئي ٿو. ۽ اهو ئي پروردگار عالم آهي جو رزق جي فراواني عطا ڪري ٿو، غير آباد بنجر ۽ ڪلراٺي زمين کي آباد ڪري کيت ۽ باغ بنائي ڇڏي ٿو ۽ هڪ ڏينهن انهن کي اجاڙي ناس ڪري ڇڏي ٿو. هنن آيتن ۾ هڪ طرف ابتداءِ اسلام جي مسلمانن جي مالي ڪم مائگي ۽ مسڪينيءَ جي خاتمي جي خوشخبري، تسلي ۽ يقين دهاني جو پيغام آهي تہ جنهن الله سان اوهان جو ناتو جڙيو آهي، اهو ئي اوهان جي هن حالت کي خوشحالي ۽ آسودگي ۾ آڻيندو. (الانبياء: 102/21) جڏهن زندگيءَ جا شب وروز خدا جي قانون مطابق ٿي ويندا تہ ان مان اها خوشحالي، سڪون ۽ راحت ايندي، جيڪا اوهان جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هوندي.

بئي طرف بني اسرائيل کي بہ تنبيھ ڪئي وئي آهي تہ اوهان جي ڪوڙين دعوائن مطابق اوهان لاءِ هميشہ آسودگي ۽ دنيا جي سرفرازي مقرر ٿيل نہ آهي. پر جيڪو ماڻهو بہ خدا جي سنت ۽ مقرر قانون مطابق عدل ۽ انصاف سان پنهنجي اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪندو تہ اهو عزت، اقتدار ۽ حڪمراني جو حقدار ٿيندو. (النجم: 39/53) پر جيڪو ظلم زيادتي ۽ فساد ۽ فتني سان پنهنجي اهليت ۽ صلاحيت ختم ڪندو تہ عزت اقتدار ۽ حڪومت کان محروم ڪيو ويندو. دنيا ۾ ڪا بہ قوم پنهنجي نسب يا ذات پات سبب پسنديده نہ آهي، پر سندن اعمال جو بدلو آهي، (البقره: 25/2، التوبه: 71/9، الرعد: 11/13، الاحقاف: 19/46، الحجرات: 3/49، النجم: 39/53) هن ۾ بني اسرائيل کي تنبيه ۽ بني اسماعيل کي بشارت جو پيغام آهي تہ هاڻي بني اسرائيل جو ڏيئو گل ٿيڻ وارو آهي ۽ بني اسماعيل جو چراغ روشن ٿيڻ وارو آهي.

لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨﴾ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَيَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿٢٩﴾ يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۛۚ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۛۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗٓ اَمَدًاۢ بَعِيْدًا ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٣٠﴾ ع

معانقة ٢ ع ١١

مسلمانن کي گهرجي تہ اهي مؤمنن کي ڇڏي ڪافرن کي پنهنجو دوست نہ ڪن. پر جيڪڏهن ڪو (هن نصيحت هوندي بہ) ائين ڪندو تہ پوءِ هن کي اللہ (جي دوستي) کان ڪجهہ بہ نہ ملندو. ها پر جيڪڏهن اوهان هنن (ڪافرن) جي شر کان بچڻ خاطر ائين ڪيو تہ اجازت آهي. اللہ (جيڪو دلين جو مالڪ آهي)

اوهان کي پنهنجي غيض وغضب کان ڊيڄاري ٿو. آخرڪار اوهان کي الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. (ان ڪري خدا جي حڪمن تي سختي سان عمل ڪيو). (28) (اي پيارا حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم!) اوهان هنن کي چئو چئو چئي ڏيو ته اوهان جي سينن ۾ جو ڪجهه آهي، خواه اوهان اهو لڪائي رکو يا ان کي ظاهر ڪريو. الله (اوهان جي ڳجهه ۽ ظاهر کان) بخوبي واقف آهي. نه رڳو اهو پر الله ته زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهه آهي، ان کي پوري طرح ڄاڻي ٿو ۽ الله ته هر شيءِ تي وڏي قدرت وارو آهي. (29) (هي الله مهربان جي بي انتها خيرخواهي آهي، جيڪو اوهان کي وقت کان اڳ خبردار ڪري رهيو آهي ته (ان ڏينهن کان ڊڄو) جنهن ڏينهن هر جان پنهنجي ان نيڪي کي به (پنهنجي آڏو) حاضر ڏسندي جيڪا هن ڪئي هوندي ۽ هر برائيءَ کي به ڏسندي جيڪا هن ڪئي هوندي. ان وقت هو اها خواهش ڪندو ته ڪاش منهنجي ۽ هن برائي (واري ڏينهن) جي درميان هڪ وڏو فاصلو هجي ها (ته ڏاڍو سنو) ۽ الله اوهان کي پنهنجي ذات (مڪافات عمل جي عذاب) کان ڊيڄاري ٿو (ان ڪري الله ڏانهن رجوع ڪريو) الله پنهنجن ٻانهن تي نهايت مهربان آهي ۽ انهن کي عذاب جي شر کان بچائڻ وارو آهي. (30)

---

هن نظرياتي اعتقاد جي فرق ڪري نوع انسان ٻن مک گروهن ۾ تقسيم ٿئي ٿو: هڪڙا اهي، جيڪي خدا جي ڏنل نظامِ حيات مطابق زندگي بسر ڪن ٿا، اهي مؤمن آهن ۽ ٻيا اهي، جيڪي ان نظام جي مخالفت ڪن ٿا، اهي ڪافر آهن. ان ڪري مؤمنن کي اهڙي روش کان روڪيو ويو آهي ته هو مؤمنن کي ڇڏي ڪافرن کي پنهنجو دلي دوست ۽ همراز بنائين. (النساء: 134/4) جو ته مسلمان ۽ ڪافر ٻه الڳ الڳ عقيدي ۽ نظرئي جا قائل ۽ پيروڪار آهن. (آل عمران: 3/119-118، المجادله: 22/58، الممتحنه: 60/6-1) پر جنهن به هن چٽي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي ته اهو الله تعالىٰ جي حمايت کان محروم ٿي ويو. ان ڪري هن ڏوڪي ۾ نه اچڻ گهرجي ته هيترين انحرافين، شرارتن، زيادتين باوجود

ڪا گرفت نٿي ٿئي تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو حساب ڪتاب ڪونہ ٿيندو. هي تہ خدا جو شانِ ڪريمي آهي جو ڏوهہ ٿيڻ شرط گرفت نٿو ڪري، پر مهلت ڏئي ٿو (آل عمران: 178/3) اتمامِ حجت ڪان پوءِ ئي هر شخص ڪي پتو پئجي ويندو تہ يوم الدين واري ڏينهن کير مالڪ يوم الدين آهي، جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ زورآور ۽ صاحب اختيار آهي. هن آيت ۾ مسلمانن کي اهو بہ چيو ويو آهي تہ ڪافرن جا ظاهري ۽ وقتي شان شوڪت ڏسي مسلمانن کي اهو گمان بہ ڪرڻ نہ گهرجي تہ هنن سان تعلقات رکڻ ۽ دوستي ڪرڻ ۾ هنن کي بہ عزت ۽ مرتبو ملي ويندو، ها پر جيڪڏهن اهڙي سخت جان ليوا صورت پيدا ٿي وڃي جو اوهان ڪافرن جي قبضي ۾ آهيو ۽ اوهان ڪافرن جي شر ڪان بچڻ گهرو ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر زبان سان ظاهري طور ڪجهہ چئو، پر دل ۾ ان جو ارادو نہ رکو تہ پوءِ ائين ڪري سگهو ٿا، پر ياد رکو پنهنجي بچاءَ خاطر الله جي دين کي يا مؤمنن جي جماعت ۽ امت کي يا ڪنهن مؤمن کي نقصان پهچائڻ يا خدا جي نافرمان باغين جي همدردي ۽ مدد ڪرڻ خاطر ڪو بہ عمل يا گفتگو ڪيو تہ الله تعالیٰ جي گرفت ۽ عذاب ڪان بچي ڪو نہ سگهندا. ان ڪري نهايت محتاط ٿي پنهنجي حفاظت بہ اهڙي نموني سان ڪريو، جو الله تعالیٰ جي ناراضگيءَ جو سبب نہ بڻجي. ان ڪري اهڙي نازڪ وقت ۾ بہ پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريو چو تہ الله اوهان جي اندر ڪان بہ پوري طرح آگاهہ آهي، ان ڪري ان جي پڪڙ ۽ سزا ڪان ڊڄندا ۽ بچندا رهو، جنهن ڪان الله تعالیٰ اوهان کي ڊيڄاري ٿو ۽ آخرڪار ان جي حضور ۾ ئي هڪ جوابدار جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو آهي. ڪافرن کي پنهنجو دلي همراز بنائڻ ۽ پنهنجن معاملن جو مختيار ڪري ڇڏڻ ڪان روڪيو ويو آهي.

سندس امت سان الفت آل سان اصحاب سان رک تون
ٻين سان دوستي جو هٿ وڌين دربدر ٿيندين. (مشتاق سچاروي)

باقي وڻج واپار، ڏيتي ليتي يا رسمي ميل ملاقات منع ٿيل نہ آهي. (الممتحنہ: 8/60) اي پيغمبر خاتم النبیین ﷺ! هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ اوهان جي دلين ۾ جو ڪجهہ آهي. انهيءَ مطابق اوهان ڪافرن سان ظاهر ظهور تعلقات قائم رکو يا لڪي ڇپي دوستيءَ جو هٿ وڌائيندا رهو. الله هر حال ۾ ان ڪان پوري طرح باخبر آهي. ”يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي

الصُّدُوۡرُ ؕ‎"(المؤمن: 19/40) اکين جي خيانت ۽ دل جا راز ڄاڻي ٿو. اوهان جون دليون ته ڇا پر جو ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهه زمين ۾ آهي، سڀ ڪجهه هن کي معلوم آهي، هن جي قدرت جي دائري کان ڪا به شيءِ ٻاهر نه آهي. ياد رکو ته اوهان جي لمحي لمحي، گهڙي گهڙي جو حساب لکيو وڃي ٿو. ان ڪري ان ڏينهن کي نه وساريو، جيڪو يقينًا اچڻ وارو آهي. جنهن ڏينهن هر ماڻهو پنهنجا نيڪ عمل به ڏسندو جيڪي هن ڪيا ۽ پنهنجون برايون به ڇٽي طور ڏسندو جيڪي هن ڪيون هونديون. (الزلزال: 99/8-7) هو پنهنجا برا اعمال ڏسي چوندو ته ڪاش هن ڏينهن ۽ مون ۾ وڏو عرصو هجي ها ۽ مون کي هي ڏکيو ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. ياد رکو اوهان جي بهتري لاءِ اوهان کي اهڙي عذاب کان بچائڻ واسطي اوهان جو مهربان رب اوهان کي بروقت آگاهه ڪري رهيو آهي ته جيئن اوهان پنهنجي اصلاح ڪري ان ڏينهن لاءِ نيڪي جو ثمر ساڻ کڻي هلو ۽ پاڻ کي الله جي پڪڙ کان جيڪا مڪافات عمل جو لازمي نتيجو آهي، بچائي سگهو. (البقره: 2/48-43، الفاطر: 18/35، الشوريٰ: 47/42، عبس: 34/80، الانفطار: 18/82، الماعون: 1/107)

وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نه ضياع
سا ڪا هڙ هلاءِ، اڳه جنهن جي ابهين. (شاهه)

قُلۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوۡنِىۡ يُحۡبِبۡكُمُ اللّٰهُ وَيَغۡفِرۡ لَـكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ‌ؕ
وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝٣١ قُلۡ اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوۡلَ‌ۚ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ
لَا يُحِبُّ الۡكٰفِرِيۡنَ ۝٣٢ اِنَّ اللّٰهَ اصۡطَفٰۤى اٰدَمَ وَنُوۡحًا وَّاٰلَ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاٰلَ عِمۡرٰنَ
عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَۙ ۝٣٣ ذُرِّيَّةًۢ بَعۡضُهَا مِنۡۢ بَعۡضٍ‌ؕ وَاللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ‌ۚ ۝٣٤

(اي منهنجا حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم!) تون هنن کي چؤ ته جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪريو ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪريو (نقش قدم تي هلو) تڏهن الله

اوهان کي پنهنجو محبوب بڻائيندو ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا گناهہ معاف ڪندو. بيشڪ الله بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحمت ڪررڻ وارو آهي. (31) (اي حبيب خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ!) تون هنن کي ٻڌاءِ تہ الله ۽ رسول (خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ) جي اطاعت ڪريو. پوءِ ان هوندي بہ جيڪڏهن هو روگرداني ڪن تا تہ الله ڪافرن کي پسند نٿو ڪري (32) بيشڪ الله، آدم (عليه السلام) کي ۽ نوح (عليه السلام) ۽ آل ابراهيم کي ۽ آل عمران کي تمام جهان وارن تي (بزرگي ۾) منتخب ڪيو. (33) اهي سڀ هڪ نسل ئي آهن، جنهن ۾ بعض بعض جو اولاد آهن. (ڪو بہ الله جي اولاد يا الوهيت ۾ شريڪ ناهي) الله خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي. (34)

---

هن ڪان اڳ ڪافرن سان دوستي ۽ دلي تعلق ڪان روڪيو ويو آهي، ڇوتہ اهي الله جا دشمن آهن ۽ هاڻي هت الله جي محبت، ان جي معيار ۽ حاصل ڪرڻ جو ذريعو ٻڌايو ٿو وڃي. (اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ) پنهنجي جماعت جي مؤمنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ جيڪڏهن واقعي اوهان الله تعالىٰ سان محبت رکو ٿا ۽ ان جي دل سان اطاعت ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ اوهان کي گهرجي تہ منهنجي پيروي ڪريو. جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو ۽ منهنجي دل وجان سان اطاعت ۽ اتّباع (پيروي) اختيار ڪئي تہ پوءِ يقينًا الله تعالىٰ بہ اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان جو خطائون ۽ گناهہ بخش ڪري ڇڏيندو، هو نهايت بخشش ڪرڻ وارو ۽ وڏو ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوي تہ مان الله تعالىٰ سان محبت ڪريان ٿو پر هو ان جي رسول جي پيروي ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ٿو تہ اهو الله سان محبت نٿو ڪري سگهي، ڇو تہ الله تعالىٰ جي محبت ۽ ان جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جو انڪار يا نافرماني هڪ دل ۾ گڏ رهي نٿا سگهن. الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي اطاعت ۽ ان جي شريعت موجب زندگي گذارڻ ڪان سواءِ الله جي اطاعت ٿي نٿي سگهي. ”مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ“ يعني رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي هر حڪم ۽ فيصلي کي دل جي گهراين سان قبول ڪرڻ ۽ اکين تي رکڻ گهرجي. پنهنجي هر معاملي کي سندس سيرت مبارڪ، اسوهِ حسنه ۽ رضا طرف رجوع ڪرڻ گهرجي. الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي محبت ۽ اطاعت لازم ملزوم آهن.

ڪنهن بہ هڪ جي اطاعت ۽ محبت کان خالي هجڻ ڪفر ۽ الحاد آهي. محبت ڇا آهي؟ محبوب جي خيال ۾ ايترو تہ مستغرق ٿي وڃي، جو هن جو ٻين ڏانهن توجّه نہ رهي ۽ محبوب جي تصور کانسواءِ سڪون ۽ قرار ڪسجي وڃي. ”وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ“ (البقره: 165/2) مؤمن الله سان بي انتها محبت ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريمن ﷺ جو ارشاد گرامي آهي: ”لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ“ تيستائين ايمان جي دعوىٰ غلط آهي، جيستائين پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ذات مبارڪ جي محبت ماءُ، پيءُ، اولاد ۽ سمورن انسانن کان وڌيڪ نہ آهي. هي آهي ٻانهي جي الله سان محبت، پر الله جي ٻانهي سان محبت اها آهي تہ الله تعالىٰ ٻانهي کي پاڻ ڏانهن اهڙو متوجه ڪري ڇڏي ٿو، جو پوءِ ٻانهو ڪنهن ٻئي طرف نهاري بہ نٿو.

اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيون،
اکيون عبداللطيف چئي، ماڳ نہ مٿائين،
جي ٻيو در واجهائين تہ ڪدي ڪانگن کي ڏيان. (شاھ)

* * *

لوري جت لڳوم، ات ايوئي آهيان،
سوره پرين سندوم مان ٻاجهائي ٻيو هٽي.

* * *

منجهان منهنجي روح جي، وڃي ساجن وسري،
تہ مر لڳي لوھ ٽر ٻاٻيهو ٿي مران. (شاھ)

محبوب جي تصور ۾ لازم آهي تہ سڀ کان سٺو ۽ نرالو لڳي. هن جي برابر ڪو نظر نہ اچي. جنهن ۾ ڪا ڪمي ۽ خامي نظر نہ اچي. هن جو هر انداز بي مثال هجي. ”اِنَّ اللّٰهَ جَمِيْلٌ وَّ يُحِبُّ الْجَمَالَ“ الله بي انتها جميل ۽ حسين آهي ۽ جميل ۽ حسين کي پسند ڪري ٿو. جنهن جو حسن لازوال هجي ۽ هر روز خوب کان خوبصورت لڳي، اهڙو حسن الله عزوجل جو آهي، پر جنهن جي حسن مثال مخلوق ۾ ڪو نظر نہ اچي، يا ٿي نہ سگهي، اهو محبوبِ خدا حضرت محمد مصطفىٰ جو حسن و جمال آهي. تڏهن تہ حضرت حسان بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنه چيو هو:

وَ اَحۡسَنُ مِنۡكَ لَمۡ تَرَ قَطُّ عَيۡنِيۡ وَ اَجۡمَلُ مِنۡكَ لَمۡ تَلِدِ النِّسَآءُ
خُلِقۡتَ مُبَرَّءًا مِّنۡ كُلِّ عَيۡبٍ كَاَنَّكَ قَدۡ خُلِقۡتَ كَمَا تَشَآءُ

ترجمو: منهنجا سهڻا سائين! تو جهڙو حسين ۽ جميل منهنجي اکين نہ ڏٺو آهي ۽ تو جهڙو ڪامل، مڪمل، اڪمل ڪنهن ماءُ نہ ڄڻيو آهي. تون اهڙو تہ عيبن ڪان پاڪ پيدا ٿيو آهين، جو گويا تو جيئن گهريو، اهڙو پيدا ڪيو ويو آهين.

هنن ٻن آيتن ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت ۽ اتباع ڪرڻ جو حڪم آهي. الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي حڪمن جي هر حال ۾ اطاعت ڪرڻ لازم آهي. ان جو انڪار ڪفر آهي، نہ ڪرڻ ڏوهہ آهي، پر حضور خاتم النبيين ﷺ جي شب و روز جي زندگي گذارڻ ڪي پنهنجي زندگي جو شعار بنائڻ اتباع آهي. جنهن جي ڪرڻ وارو الله تعالىٰ جو محبوب بڻجي وڃي ٿو. (بيان القرآن) اطاعت رسول خاتم النبيين ﷺ فرض آهي، اطاعت ڪان انڪار ڪفر آهي، پر سندن زندگي مبارڪ جي نقش قدم تي هلڻ اتباع آهي. ان ڪري انهن ڪي ٻڌائي ڇڏ تہ نيڪي، نجات، سعادت ۽ فلاح جو فقط هڪ رستو آهي ۽ اهو هي آهي تہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ۽ اتّباع ڪريو. ان چٽي چٽي رهنمائي باوجود بہ جيڪڏهن هو منهن موڙين ٿا تہ پوءِ اهي مؤمن تي نٿا سگهن ڇو تہ هنن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ الله ڪفر ڪندڙن ڪي پنهنجو دوست نٿو ڪري. هنن ٻن آيتن جو اندازِ بيان الڳ الڳ آهي. پهرين آيت ۾ شفقت ۽ محبت آهي تہ ٻي آيت ۾ تنبيه ۽ تهديد آهي. گويا نرمي ۽ سختيءَ ڪي جوڙي، هڪ حقيقت جو اعلان ڪيو ويو آهي تہ ايمان جو اصل روح الله سان اهڙي محبت آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جي محبت جو شائبو نہ هجي. الله جي اهڙي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ واحد رستو رسول الله ﷺ جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي، جنهن ڪان سواءِ الله سان محبت نہ هوندي، بدعت ۽ گمراهي هوندي، ڇوتہ خدا جي محبوبيت جو رستو بہ رسول ڪريم ﷺ جي پيروي ۾ آهي، جنهن جي برڪت سان نہ رڳو تنهنجي الله سان محبت قائم ٿي ويندي، پر الله توسان محبت ڪندو. يعني الله جي محبوب بڻجڻ لاءِ مصطفىٰ ﷺ جي غلامي ۽ اطاعت ئي واحد ذريعو آهي. (البيان) هن ڪان اڳ بہ رسولن ۽ نبين جو سلسلو جاري رهيو آهي، انهن جي اطاعت بہ الله جي اطاعت هئي ۽ انهن سان محبت، الله سان محبت هئي. حضور اڪرم ﷺ سان دوري، الله ڪان دوري آهي.

خلافِ پیغمبر کسے رہ گزید ‏ کہ ہرگز بمنزل نخواہد رسید

ترجمو: جنهن به حضور خاتم النبيين ﷺ جي خلاف راهه اختيار ڪئي، اهو ڀٽڪي ويندو ۽ هرگز منزل تي نه پهچي سگهندو.

ان ڪري الله پنهنجي انهيءَ قانون مطابق هڪ ٻئي پٺيان نبي ۽ رسول ڪرام موڪليندو رهيو آهي. (آل عمران: 19/3) جنهن جو هميشه هڪ نتيجو نڪتو آهي، اهو هي آهي ته پيروي ڪندڙن کي ڪاميابي نصيب ٿي آهي ۽ مخالفت ڪندڙن کي ذلت، رسوائي ۽ نامرادي ملي آهي. نبوت ۽ رسالت جي ذريعي هدايت جو سلسلو هي ڦيريون ڦيريون ناهي، پر هن کان اڳ جيئن آل عمران ۾ به بيان ٿي چڪو آهي ته هن مقصد جي لاءِ مختلف قومن ۾ مختلف وقتن اندر خدا جي پيغمبرن جو اهو سلسلو جاري رهيو آهي. (البقره: 213/2، مريم: 19 /31-30، العنڪبوت: 27/29، الفاطر: 25/35، الحديد: 25/57) ”وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ“ هر قوم لاءِ نبي ۽ رهبر آيو آهي. هرهڪ نبي سڄوري جو اهوئي هدف هيو ته ٻانهي کي الله جي قريب ڪري. سندس دل ۾ الله جي محبت جو مچ مچائي ته الله عزوجل به ان تي پنهنجي احسان ۽ ڪرم جي بارش وسائي.

زمين وارن جا ٿي ويا آسمان سان رابطا قائم
هميشه لئي کلي ويا در سندس گولن غلامن جا. (مشتاق سچاروي)

هن کان اڳ داستان آدم جو تمثيلي تفصيلي بيان ڪيو ويو آهي. (البقره: 2/38-30) نوح، آل ابراهيم، آل عمران کي قومن جي هدايت لاءِ منتخب ڪيو ويو. (النساءِ: 54/4، الانعام: 75/6) هي انبياءِ ڪرام هڪٻئي جي نسل مان هئا. هي سارو بندوبست الله تعاليٰ جي نظام مطابق جاري ساري رهيو. انهن بزرگن نبين جي علم ۽ عمل بابت جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سان بحث ڪري رهيا آهن، ڪين سوچڻ گهرجي ته هو هڪ سميع بصير رب کي ڪجهه ٻڌائڻ جي جسارت ڪري رهيا آهن. الله تعاليٰ هر شيءِ جي ٻڌڻ سڻڻ وارو ۽ تمام حالات کان پوري طرح باخبر رهڻ وارو آهي. اهل ڪتاب ۾ يهودين جا حضرت مريم ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام بابت غلط الزام ۽ عيسائين جو حضرت عيسىٰ عليه السلام بابت غلط عقيدي جي اصلاح ۽ رد ۾ ايندڙ آيتن ۾ ارشاد رباني آهي.

اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّیْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِیْ بَطْنِیْ مُحَرَّرًا
فَتَقَبَّلْ مِنِّیْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ ﴿۳۵﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ
اِنِّیْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰی ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ؕ وَلَیْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰی ۚ
وَاِنِّیْ سَمَّیْتُهَا مَرْیَمَ وَاِنِّیْۤ اُعِیْذُهَا بِكَ وَذُرِّیَّتَهَا مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ﴿۳۶﴾
فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّكَفَّلَهَا زَكَرِیَّا ۚؕ
كُلَّمَا دَخَلَ عَلَیْهَا زَكَرِیَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ یٰمَرْیَمُ اَنّٰی
لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یَرْزُقُ مَنْ یَّشَآءُ بِغَیْرِ
حِسَابٍ ﴿۳۷﴾

(اهو واقعو ياد ڪيو) جڏهن عمران جي زال عرض گذار ٿي ته اي منهنجا رب!
جو ڪجهه منهنجي پيٽ ۾ آهي، مان ان کي (زماني جي ذميدارين کان) آزاد
ڪري خالص تنهنجي نذر ڪيان ٿي. سو تون (پنهنجي ڪرم سان) منهنجي
پاران (هي نذرانو) قبول ڪرڻ فرماءِ بيشڪ تون (منهنجي عرضداشت کي)
بهترين ٻڌڻ وارو (۽ منهنجي خلوص کي ) خوبتر نموني سان ڄاڻڻ وارو آهين.
(35) پوءِ جڏهن هن نياڻي کي جنم ڏنو ته بارگاهه الاهي ۾ عرض ڪرڻ لڳي
منهنجا پالڻهار مون نياڻي کي جنم ڏنو آهي. حالانڪ هن جو ڪجهه ڄڻيو هو،
الله کي پوري طرح معلوم هو. (غيبي آواز آيو) ته پٽ هن نياڻي جي برابر نٿو
ٿي سگهي (جيڪا توکي رب عطا ڪئي آهي) مون هن جو نالو ئي مريم
(عبادت گذار) رکيو. بيشڪ مان پنهنجي هن نياڻي ۽ سندس اولاد کي شيطان
مردود (جي شر) کان تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿي. (36) الله تعالیٰ (عمران جي زال
جي) نياڻي جي اولاد (مريم) کي سٺي قبوليت سان قبول ڪري ورتو ۽ ڪيس

سنـي پرورش جي ذريعي پالڻ جو اهتمام ڪيو ۽ سندس نگهباني زڪريا (عليه السلام) جي حوالي ڪئي. جڏهن جڏهن به زڪريا (عليه السلام) هن (مريم) وٽ سندس عبادت گاهه (حجري) ۾ داخل ٿيندو هو ته هو هن وٽ (نئين نئين نموني واريون) کاڌي جون شيون موجود ڏسندو هو، جنهن تي هن (زڪريا عليه السلام) کانئس پڇيو ته اي مريم! هي شيون تو وٽ ڪٿان اچن ٿيون؟ جنهن تي هن (مريم) وراڻيو ته اهو (رزق) الله جي طرفان عنايت ٿئي ٿو. بيشڪ الله جنهن کي گهري ته بي حساب رزق سان نوازي ٿو(37)

ياد ڪريو ان واقعي کي جڏهن عمران جي زال پنهنجي ان وقت جي رواج موجب دعا گهري ته اي منهنجا رب جيڪو ٻار منهنجي پيٽ ۾ پرورش وٺي رهيو آهي ان جي پيدا ٿيڻ بعد ان کي مان پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ۽ دنياداري جي ڪاروبار کان آزاد ڪري تنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ نذر ڪريان ٿي ته جيئن هو تنهنجي عبادت ۾ مشغول رهي ۽ هيڪل (مسجد قدس) جي خدمت گذار جو شرف حاصل ڪري. منهنجي هن پيشڪش کي قبول ڪرڻ فرماءِ ۽ بيشڪ تون ئي دعائن جو ٻڌڻ وارو ۽ قبول ڪرڻ وارو آهين ۽ منهنجي خلوص ڀريل تمنائن ۽ آروزئن کي ڄاڻڻ وارو آهين. هن دعا ۾ دراصل اها تمنا هئي ته مون کي نرينه اولاد ٿيندي ۽ ان وقت جي رواج مطابق اهو هن مذهبي فرض ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيندو. پر جڏهن ٻار جي ولادت ڇوڪري ٿي ته هن بار گاهه خداوندي ۾ وري عرضداشت پيش ڪئي ته مون کي ته ڇوڪرو نه پر ڇوڪري ڄائي آهي. ان وقت جي رواج مطابق ڇوڪريءَ کي هيڪل جي خدمت لاءِ قبول ڪرڻ ممڪن نه هيو. ان ڪري گويا الله آڏو پنهنجي دل افسردگيءَ جو اظهار ڪيو، پر الله کي پوري طرح معلوم آهي ته هن کي ڇا ڄائو آهي، بيبي مريم جي ماڻهن وڏيڪ ڇيو ته ڇوڪري، (عورت) ڇوڪري (مرد) وانگر راهب ٿي، ان وقت جي رواج موجب هيڪل جي خدمت گذاري کهڙي طرح ڪري سگهندي. عورت کي مرد وانگر هر طرح جي آزادي به حاصل نه آهي. بهرحال آءٌ هن جو نالو مريم رکان ٿي ۽ هن کي ۽ سندس اولاد کي شيطان مردود جي شر کان ۽ وسوسن کان اي منهنجا الله تنهنجي حفاظت ۽ پناهه ۾ ڏيان ٿي.

وَلَيۡسَ الذَّكَرُ كَالۡاُنۡثٰىۚ مان ٻئي معنائون نڪري سگهن ٿيون. جيڪڏهن اهو مريم جو قول آهي ته پوءِ معنيٰ هوندي ڇوڪري (عورت) ڇوڪري (مرد) جي برابر ٿي نه ٿي سگهي، پر جيڪڏهن اهو جملو الله تعاليٰ ڏانهن منسوب ڪجي ته پوءِ مطلب ٿيندو ته مريم اهڙي نياڻي آهي، جنهن جي برابر ڪو پٽ ٿي نٿو سگهي. ۽ هي پويون قول وڌيڪ اصل مطلب جي قريب آهي. اڳتي ايندڙ آيتون ان جي تصديق ڪن ٿيون. (خداوند ڪريم پاران ڪيس جواب آيو ته) ڇوڪرو هن ڇوڪريءَ جي برابر نٿو ٿي سگهي. مريم خدا جي هڪ وڏي پروگرام جو ذريعو بڻبي ان ڪري ان جي پرورش ان ڪي غيبي رزق جي فراواني ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ولادت جهڙا عظيم ڪارناما الله جي منشا مطابق روپذير ٿيڻا آهن. الله جل شانه هن جي هن پر خلوص نذراني ۽ دعا کي قبوليت بخشيندي، هن جي آرزوئن ۽ تمنائن کي پذيرائي ڏيندي، حضرت مريم جي پرورش جو بهترين انتظام ڪيو ۽ حضرت زڪريا کي، جيڪو ان وقت بيت المقدس جو محافظ به هيو ۽ مريم جو رشتيدار به هو. ان جي ڪفالت ۾ ڏنو ويو. حضرت زڪريا جي زال مريم جي ماسي هئي. مريم ٻاراڻي اوستا ۾ ئي هيڪل جي محافظ ۽ نگران جي پرورش وني رهي هئي، جيڪو بظاهر هن جو نگران هو، پر اصل ۾ اها الله تعاليٰ پاران هڪ عمدي انتظام ۾ پلجي رهي هئي. ان ڪري حضرت زڪريا جڏهن جڏهن به هن جي عبادتگاهه واري حجري ۾ ايندو هو ته مريم وٽ ڪاڏي پيتي جو بي موسمي سامان جهڙوڪ ميوا، رزق ڏسي، جيڪو بظاهر هڪ عجيب ڪرشمو هو، حيرت کان پڇيو ته هي رزق يعني کاڌو ڦل وغيره ڪٿان آيو آهي. مريم جواب ڏنو ته اهو سڀ ڪجهه الله جي عطا آهي. بيشڪ جنهن کي به الله گهري، بي حساب رزق عنايت ڪري ٿو. بعض مفسرين جو خيال آهي ته هت رزق مان مراد ميوا ڦل وغيره نه پر علم و حڪمت آهي. جڏهن حضرت زڪريا عليه السلام هن ننڍڙي مريم سان ڳالهائيندو هيو ته حيران ٿي ويندو هو، هن کي ايتري حڪمت ۽ دانش ڪٿان آئي. (بيان القرآن)

معلوم هئڻ کپي ته هڪ عمران موسيٰ عليه السلام جو والد هيو، ۽ حضرت مريم عليها السلام جي والد جو نالو به عمران هو.

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ
اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ
اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّ نَبِيًّا
مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ
عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ؕ
قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا
وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾ ع

انهيءَ هنڌ ئي زڪريا (عليه السلام) پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ دعا گهري عرض گذار ٿيو تہ اي منهنجا رب! مون کي پنهنجي پاران (ڪرم ۽ احسان سان) پاڪيزه اولاد عطا ڪرڻ فرماءِ. بيشڪ تون ئي دعا ٻڌڻ (قبول ڪرڻ) وارو آهين. (38) (حضرت زڪريا عليه السلام اڃان پنهنجي حجري ۾ اقامة الصلواة ۾ رڌل هيو يا دعا ئي ڪري رهيو هو) تہ ڪيس فرشتن آواز ڏنو تہ بيشڪ الله توکي فرزند يحيٰ (عليه السلام) جي بشارت ڏئي ٿو، جيڪو ڪلمة الله (يعني قانونِ خداوندي) جي تصديق ڪرڻ وارو هوندو. سردار ۽ پاڪ دامن هوندو (عورتن جي رغبت کان محفوظ هوندو) ۽ صالحين جي اوصاف وارو نبي هوندو. (39) (هن بشارت ٻڌڻ بعد زڪريا عليه السلام بارگاهہ الاهيءَ ۾) عرض گذار ٿيو تہ اي منهنجا رب! مون کي فرزند ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن مان پيرسنيءَ ۾ پهچي چڪو آهيان ۽ منهنجي زال سنڍ آهي. جواب مليو تہ الله ائين ئي ڪري ٿو جهڙي طرح هو گهري ٿو. (40) عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪرڻ فرماءِ (جنهن سان مونکي معلوم ٿئي) فرمان خدا آيو (ان ڳالهہ جي)

تنهنجي لاءِ اها نشاني آهي تہ تون ٽن ڏينهن تائين ماڻهن سان اشارن کانسواءِ گفتگو ڪو نہ ڪري سگهندين ۽ پنهنجي رب کي ڪثرت سان ياد ڪندو رهہ ۽ صبح شام ان جي تسبيح ڪندو رهہ. (41)

حضرت مريم تي الله جل شانه جون ايڏيون وڏيون نوازشون ڏسي ۽ حضرت زڪريا عليه السلام اهو سوچيو تہ منهنجو بہ ڪو اولاد ناهي، جيڪو علمِ نبوت جو وارث ٿئي ۽ توحيد جي هن پيغام کي جاري رکي. طبعي حالات تہ اولاد ڄڻڻ کان قاصر آهن، پر يارب! تولاءِ ڪا ڳالهہ مشڪل نہ آهي. منهنجي اميد قائم آهي. (مريم: 19/ 6-4) انهيءَ هنڌ هيڪل ۾ ئي حضرت زڪريا عليه السلام پنهنجي رب جي حضور دعا گهري تہ منهنجا پروردگار پنهنجي فضل و ڪرم سان مون کي پاڪيزه اولاد عطا ڪر جيڪو هن نياڻي مريم وانگر عبادت گذار هجي ۽ هن هيڪل (بيت المقدس) کي آباد ڪري، بيشڪ تنهنجي ذات گرامي ئي پنهنجن ٻانهن جا سڏ سڻڻ واري ۽ مرادون پوريون ڪرڻ واري آهي. (مريم: 2-6-7-8-9/19) هن دعا ۽ التجا جي قبوليت ۾ خداوند ڪريم جي موڪليل فرشتن حضرت زڪريا عليه السلام کي جڏهن هو هيڪل جي محراب (حجري) ۾ نماز ادا ڪري رهيو هو خوشخبري ڏيندي چيو تہ الله توکي تنهنجي هجڻ واري پٽ جي بشارت ڏئي ٿو، جنهن جو الله پاران رکيل نالو يحيٰ هوندو. "كَلِمَةُ اللّٰهِ" معنيٰ الله جي ڪلمي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نبوت جي تصديق ڪندڙ هوندو. عيسيٰ عليه السلام کي "كَلِمَةُ اللّٰهِ" ان ڪري چون ٿا، جو هو بغير پيءُ جي الله جي حڪم "كُنْ" سان پيدا ٿيو ۽ يحيٰ خدا جي احڪامن (ڪلمة الله) کي سچو ثابت ڪندڙ ۽ تصديق ڪندڙ هوندو. (مريم: 7/19) مؤمنن جي هڪ وڏي جماعت جو سردار، پارسا، پرهيزگار اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ ۽ خدا جي پاران سلسله انبياءَ جي موڪليل صالح ۽ نيڪ نبين مان هڪ نبي هوندو. حضرت زڪريا عليه السلام پنهنجي مهربان پروردگار پاران اهڙي خوشخبري ٻڌي نهايت خوش تہ ٿيو پر پنهنجي وڏي پيرسني ۽ پنهنجي زال جي عدم صلاحيت (سنڍ هجڻ) جو سوچيندي چيو تہ اسان ٻنهي جي طبعي حالت اها آهي تہ پوءِ اسان کي ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح پٽ جو اولاد ٿيندو. حضرت زڪريا عليه السلام جي زال اولاد ڄڻڻ کان معذور هئي، ان ڪري حضرت زڪريا عليه السلام ٻي اولاد هيو ۽

حضرت مريم ▯ عليها السلام تي الله تعالىٰ جون عنايتون ڏسي، هن کي بہ خواهش ٿي ۽ دعا گھريائين. حضرت زڪريا عليه السلام کي الله تعالىٰ تي شڪ ڪونہ هيو، پر طبعيت بشري جي اها تقاضا هئي. الله جي پاران اهو حڪم آيو تہ الله جيڪو ڪجھہ گھري ٿو اهو ٿي وڃي ٿو (الانبياءِ: 21/90-89، مريم 19/9-1) اهو الله تعالىٰ جي قدرت کان بعيد ناهي، پر آسان آهي. (مريم: 19/9) اهڙي تسلي ۽ بشارت ملڻ کان پوءِ زڪريا عليه السلام جي سڪ ۽ اشتياق وڌي ويو، جنهن تي هن عرض ڪيو تہ منهنجا رب! مون کي انهيءَ بابت ڪا نشاني ڏني وڃي. ڪيس الله طرفان آگاهي ڏني وئي تہ تنهنجي نشاني اها هوندي تہ تون ٽي ڏينهن اشارن کانسواءِ وڏي آواز سان ڳالهائي ڪو نہ سگھندين ۽ انهيءَ دوران روزيدار رهندين. ان وقت يهودين جي رسم هئي تہ روزيدار ڳالهائڻ بدران خاموش رهندو. (مريم: 19/26) انهيءَ دوران پنهنجي رب جو ڪثرت سان ذڪر ڪر ۽ صبح شام ان جي تسبيح تحميد يعني حمد و ثنا ۽ شڪر ۾ مشغول ٿي وڃ. (البقره: 2/ 172، ابراهيم: 14/7) تبليغ بہ اشارن سان ڪر. (مريم: 19/11)

حضرت زڪريا عليه السلام جي ذڪر بعد حضرت مريم جي پاڪيزگي، عبادت گذاري ۽ الله طرفان سندس درجات جي بلندي ۽ حضرت عيسىٰ ابن مريم عليه السلام جي بشارت جو مختصر ذڪر بيان ٿي رهيو آهي، جنهن جو تفصيلي بيان تہ سورت مريم ۾ آهي اهو وحي الاهي جي ذريعي حضور خاتم النبيين ﷺ کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ جيئن هو يهودين ۽ عيسائين جي غلط الزامن ۽ بگڙيل عقيدن جو جواب ڏئي سگھي ۽ انهن جي اصلاح ڪري سگھي.

وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ وَطَهَّرَكِ وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى
نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۲﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾
ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ
اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۪ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۴۴﴾

۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن فرشتن چيو تہ اي مريم! بيشڪ الله توکي

منتخب ڪيو آهي (چونڊيو آهي) ۽ تو کي پاڪيزگي عطا ڪئي آهي ۽ توکي (اڄ) ساري جهان جي عورتن تي برگزيده ڪيو آهي. (42) اي مريم! تون پنهنجي رب جي وڏي عاجزي سان بندگي ڪندي رهه (رب آڏو) سجده ريز ٿيندي رهه ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪندي رهه. (43) (اي حبيب ﷺ!) هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي اسان تو ڏانهن وحي ڪري رهيا آهيون. حالانڪ تنهنجي ذات گرامي (ان وقت) انهن ۾ موجود ڪا نہ هئي، جڏهن هو (مجاور) پنهنجا قلم اڇلائي رهيا هئا يعني فال ڪڍي رهيا هئا (تہ اهو فيصلو ڪن) تہ انهن مان ڪير مريم (عليها السلام) جي ڪفالت ڪري ۽ نہ وري تون ان وقت انهن ۾ موجود هئين جڏهن هو پاڻ ۾ (مريم جي ڪفالت حاصل ڪرڻ لاءِ) جهڳڙو ڪري رهيا هئا. (44)

هي واقعو بہ قابل ذڪر آهي تہ جڏهن فرشتن حضرت مريم عليها السلام کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ اي مريم! الله توکي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبوليت لاءِ منتخب ڪيو آهي ۽ توکي ظاهري ۽ باطني طور هر طرح جي برائين ۽ آلودگين کان پاڪ صاف ڪيو آهي ۽ دنيا ڀر جي عورتن تي توکي برگزيدگي ۽ برتري عطا ڪئي آهي. حديث شريف مطابق حضرت خديجه رضي الله عنها کي خير النساءِ چيو ويو آهي ۽ حضرت عائشه رضي الله عنها جي تمام عورتن تي ائين فضيلت آهي جيئن ثريد جي تمام کاڌن تي فضيلت آهي. سنن ترمذي جي روايت موجب حضرت فاطمه بنت محمد ﷺ کي فضيلت وارين عورتن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح فرعون جي زال آسيه جو بہ اعلىٰ مرتبو آهي. (صحيح بخاري- صحيح مسلم)

خدا جي هنن عنايتن ۽ احسانن جي تقاضا آهي تہ هاڻي تون الله تعالىٰ جي اطاعت ۽ تابعداري ۾ مشغول ٿي وڃ ۽ الله جي آڏو رڪوع ۽ سجدا ڪندڙن سان گڏ تون رڪوع ۽ سجدن جي پابندي ڪر (نماز باجماعت ادا ڪر) "وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ" بابت تفسيرن جا مختلف خيال آهن. هڪ "جماعت سان گڏجي نماز پڙهو" بہ مراد آهي. ڪن جو خيال آهي تہ هوءَ ٻين عورتن سان گڏجي نماز پڙهي ۽ گڏجي سجدا ۽ رڪوع ڪري. پر هت "رَاكِعِيْنَ" جا لفظ آهن، "رَاكِعَات" نہ آهن، ان ڪري عورتن واري نماز نہ بہ هجي. ڪن

جو خيال آهي تہ ان وقت ڪجھ ماڻهو نماز ۾ رڪوع ڪونہ ڪندا هئا ۽ ڪجھ ماڻهو نماز ۾ رڪوع ڪندا هئا. هت حضرت مريم عليها السلام کي چيو وڃي ٿو تہ تون رڪوع ڪندڙن واري جماعت سان رڪوع ڪرڻ واري نماز ادا ڪر. اي الله جا سچا رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم هي غيب جون خبرون آهن، جيڪي توکي وحي الاهي جي ذريعي ٻڌايون وڃن ٿيون. اها سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ تون ان وقت انهن ماڻهن ۾ موجود ڪو نہ هئين. حضرت زڪريا، حضرت يحييٰ عليهما السلام ۽ حضرت مريم عليها السلام جي ذڪر بعد حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي فرمايو وڃي ٿو تہ تون هنن واقعن وقت موجود نہ هئين ۽ نہ ڪو ٻيو ذريعو هيو، جنهن ڪان معلوم ڪرين. اُمّي هجڻ سبب لکيو پڙهيو بہ نہ آهين، پوءِ بہ هي غيب جون خبرون ٻڌائين ٿو، اهو الله طرفان وحي ٿيل آهي، ۽ وحي نبيءَ تي ٿيندو آهي ۽ تون برحق صادق امين نبي محترم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم آهين. جڏهن مريم عليها السلام جي ماءُ ننڍڙي مريم کي الله سان ڪيل نذر نياز جي بجاآوري ۾ هيڪل ۾ ڪٺي آئي هئي ۽ ان وقت هيڪل جي هر هڪ مجاور جي اها خواهش هئي تہ مريم عليها السلام جي ڪفالت هن جي حصي ۾ اچي ۽ هر مجاور پنهنجي پنهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ سرگرم هيو ۽ آخرڪار انهن فال وجهڻ جو فيصلو ڪيو تہ مريم جي ڪفالت اهو ڪندو جنهن جي نصيب ۾ فال ذريعي مريم جو ڪٺو نڪرندو. هتان معلوم ٿيو تہ ڪن حالتن ۾ ڪٺو (فال) وجهڻ جائز آهي ۽ ڪجھ حالتن ۾ جائز ناهي. مثلاً هڪ شيءِ ۾ پنج پائيوار آهن، اتي فال وجهي، هڪ کي ڏيڻ ۽ ٻين کي محروم ڪرڻ جائز ناهي، پر ڪنهن جي ڪفالت آهي يا هڪ گهر جا بہ حصا آهن ۽ بہ پائيوار گهرن ٿا، تہ فال ذريعي ڪنهن کي ڪهڙو حصو ملي، تہ اها جائز فال آهي.

اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تنهنجي ذات با برڪات ان وقت بہ انهن مجاورن جي درميان موجود نہ هئي، (القصص: 46/28، 44) جڏهن هو پاڻ ۾ مريم جي ڪفالت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان جهيڙو (بحث مباحثو) ڪري رهيا هئا. معلومات جا مُک ٽي ذريعا آهن: (1) عقل سان ڄاڻڻ (2) ڪن سان ٻڌڻ ۽ (3) اک سان مشاهدو ڪرڻ. اهي ٽئي ذريعا توکي ميسر نہ هئا، پر توکي هن پوري واقعي جي سچي سچي ڪهاڻي وحي الاهي ذريعي ٻڌائي وڃي ٿي تہ جيئن تون يهودين ۽ عيسائين جي باهمي متضاد بيانن کي حقيقت حال کان پوري طرح آگاهہ ڪري سگهين.

اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ
الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٥﴾
وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى
يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ۭ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَاۗءُ ۭ
اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٧﴾

جڏهن فرشتن چيو هو تہ اي مريم (عليها السلام) الله تعالىٰ توکي پنهنجي پاران هڪ ڪلمي (خاص عنايت) جي بشارت ڏئي ٿو، جنهن جو نالو مسيح عيسىٰ بن مريم (عليهما السلام) هوندو، هو دنيا ۾ آخرت ۾ وڏي مانَ مرتبي وارو هوندو ۽ الله جي مُقرّبين (قربت حاصل ڪندڙن) مان هوندو. (45) ۽ هو ماڻهن سان پينگهي ۾ (ننڍ پڻ ۾) ۽ وڏي عمر ۾ (هڪجهڙي) گفتگو ڪندو ۽ الله جي صالح ۽ نيڪوڪار ٻانهن ۾ هوندو. (46) (مريم عليها السلام) عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب مون کي پٽ جو اولاد ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ مون کي ڪنهن انسان جي هٿ بہ نہ ڇهيو آهي. ارشاد رباني ٿيو تہ بلڪل اهڙي طرح (بنا نڪاح جي ٿيندو) الله جو گهري ٿو، اهو پيدا ڪرڻ فرمائي ٿو. هو (الله) جڏهن ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو تہ ان کي رڳو ايترو چوي ٿو "ڪُن" (ٿي وڃ) "فيڪون" (تہ اهو ٿي وڃي ٿو). (47)

حضرت مريم جي هيڪل ۾ ڪفالت جي معاملي واري بحث کان پوءِ ابن مريم حضرت عيسىٰ عليه السلام جي ولادت جيڪا غير معمولي طريقي سان ٿي آهي، ان جو بيان ٿي رهيو آهي تہ اهو واقعو ۽ وقت بہ قابل ذڪر آهي. جڏهن فرشتن چيو تہ مريم الله پنهنجي حڪم (ڪلمي) "ڪن" ذريعي توکي فرزند جي خوشخبري ڏئي ٿو. (النساء: 171/4) تہ

تنهنجي پيٽ مان فرزند پيدا ٿيڻ وارو آهي، جنهن جو نالو مسيح ابن مريم آهي. (مريم: 39/19) جيڪو هن دنيا توڙي آخرت ۾ وڏي مرتبي وارو عزت مآب ۽ آبرومند هوندو ۽ هو الله جي مقربين مان هوندو يعني هڪ نبيءَ وانگر جيڪا گفتگو وڏي عمر ۾ ڪندو، اهڙي گفتگو ننڍي عمر ۾ به ڪندو ۽ ننڍي عمر ۾ ئي چوندو ته مان الله جو نبي آهيان. (مريم: 30/19 کان 34) هي "اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ" پوئين آيت "اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ" جو بدل آهي. هتي هن قصي کي نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ پاران بيان ڪرڻ جو ذريعو وحي الاهي آهي، جيڪو حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ جي نبوت جو چٽو دليل آهي. ۽ الله جي طرفان اهڙين خاص عنايتن سان نوازيل هوندو جو هو پينگهي واري ننڍڙي عمر ۾ ئي ماڻهن جي سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ انهن سان همڪلام ٿيندو، بلڪل اهڙي طرح جهڙي طرح هو وڏي عمر ۾ پهچي فصاحت ۽ بلاغت جو اظهار ڪندو. (المائده: 110/51) ۽ هن جو شمار به خدا جي صالح ٻانهن (نبين) ۾ هوندو. اهڙي بشارت ٻڌڻ سان حضرت مريم کي خوشي ته ضرور ٿي پر پوءِ به فطري طور وضاحت لاءِ اهو پڇڻ تي مجبور ٿي ته اي منهنجا رب (عزو جل)! مون کي پٽ جو اولاد ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن ته هيئنر تائين ڪنهن به بني آدم مون کي ڇهيو يا هٿ به نه لڳايو آهي. (آل عمران: 47/3) حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ اهو سوال حيرت مان پڇيو ته اولاد ڪيئن ٿيندو؟ منهنجو نڪاح بعد پٽ ٿيندو يا نڪاح کان سواءِ، جيڪڏهن نڪاح کان سواءِ ٿيو ته پوءِ ماڻهو ضرور لعنت ملامت ڪندا. سندس هن فڪر کي دور ڪرڻ ۽ تسڪين ڏيڻ لاءِ چيو ويو ته هو عام انسان نه هوندو، پر الله هن کي "اَلْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ" جو وحي الاهي وارو علم عطا ڪندو. سندس ذات گرامي تنهنجي ۽ پنهنجي پارسائي جي شهادت هوندي. ڪنهن به فڪر ۽ تعجب ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جواب ۾ ارشاد الاهي ٿيو ته اهڙي طرح بنا پيءُ جي الله جو ڪجهه پيدا ڪرڻ گهري ٿو ته اهو پيدا ڪري ڇڏي ٿو. (آل عمران: 47/3) ۽ جنهن به شيءِ جي پيدا ڪرڻ يا وجود ۾ اچڻ جو فيصلو ڪندو آهي ته هو رڳو حڪم "كُنْ" ڪندو آهي ته "فيڪون" اها شيءِ يا ڪم وجود ۾ اچي ويندو آهي. هت به انهيءَ الله جي اها ئي مشيت ۽ قدرت ڪار فرما آهي ان ڪري ڪنهن به قسم جي فڪر يا شڪ شبهي جي گنجائش نه آهي. (البقره: 117/2)

قرآن مجيد حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ کي آيت نمبر 42 ۾ "يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ

وَطَهَّرَكِ وَاصْطَفٰكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ” چئي، يهودين جي بهتان تراشي، الزام بازي ۽ هر قسم جي تهمت کان صاف، پاڪ، پرهيزگار قرار ڏنو. اهڙيءَ طرح ابن مريم حضرت عيسىٰ عليه السلام کي الله طرفان ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ۽ بني اسرائيل ڏانهن رسول ڪري موڪلڻ ۽ معجزن جو عطيو عطا ڪرڻ سان ماءُ ۽ پٽ کي الله جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن ۾ شمار ڪيو ويو آهي، جيڪو مخالفن جي منهن بند ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

---

وَ يُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ ﴿٤٨﴾ وَ رَسُوْلًا اِلٰى بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّيْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ
الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًۢا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُبْرِئُ
الْاَكْمَهَ وَ الْاَبْرَصَ وَ اُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا
تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٤٩﴾ۚ
وَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ حُرِّمَ
عَلَيْكُمْ وَ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۟ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٥٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ
رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٥١﴾

---

۽ الله هن کي ڪتاب ۽ حڪمت توريت انجيل (سڀ ڪجهه) سيکاريندو. (48)
۽ هو بني اسرائيل طرف رسول ڪري موڪليو ويندو (انهن کي چوندو) تہ بيشڪ مان توهان ڏانهن توهان جي رب طرفان هڪ نشاني کڻي آيو آهيان. مان اوهان جي (يقين ڪرڻ) لاءِ مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو (هڪ پتلو/ مجسمو) ناهيندس، پوءِ مان ان ۾ ڦوڪ ڏيندس تہ اهو الله جي حڪم سان فورًا هڪ اڏرندڙ پکي ٿي ويندو ۽ مان مادرزاد انڌي ۽ ڪوڙهہ واري کي چڱو ڀلو

كيان ٿو ۽ مان الله جي حڪم سان مئل کي زندهہ ڪيان ٿو ۽ اوهان جو ڪجهہ
کائي اچو ٿا ۽ جو ڪجهہ پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪيو ٿا، توهان کي اهو سڀ
ڪجهہ ٻڌايان ٿو، بيشڪ هن (معجزن) ۾ اوهان لاءِ (هدايت جي) نشاني موجود
آهي، جيڪڏهن اوهان ايمان آڻڻ گهرو ٿا. (49) ۽ مان مون کان اڳ آيل (ڪتاب)
تورات جي تصديق ڪرڻ وارو آهيان ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ توهان لاءِ ڪجهہ اهڙيون
شيون حلال قرار ڏيان جيڪي اوهان تي حرام ڪيون ويون هيون ۽ اوهان ڏانهن
توهان جي رب طرفان نشاني (آيت) کڻي آيو آهيان، ان ڪري الله کان ڊڄو ۽
منهنجي اطاعت ڪريو (50) بيشڪ الله منهنجو رب آهي ۽ اوهان جو بہ اهو ئي
رب آهي، پوءِ ان جي عبادت ئي ڪريو، اهو ئي سڌو رستو آهي. (51)

هاڻي انهيءَ نو مولود ابن مريم تي خدا پاران ٿيل عنايتن ۽ نوازشن جو ذڪر آهي،
تہ مريم تنهنجي هن فرزند ارجمند کي ڪتاب ۽ حڪمت جو علم عطا ڪيو ويندو يعني
ان کي تورات ۽ انجيل جي جاڻ ڏني ويندي. "الْحِكْمَةَ" کان بعد وارو "وَ" تفسيري آهي ۽
پهريون "وَ" عطف آهي. تورات ۾ رڳو احڪامات هئا ۽ انجيل ۾ حڪمت آهي. (بيان
القرآن) ۽ هن کي بني اسرائيل طرف رسول بنائي موڪليو ويندو، جنهن جو اهو اعلان
هوندو تہ مان اوهان جي پروردگار جي نشاني سان اوهان وٽ آيو آهيان. مان اوهان لاءِ مٽيءَ
مان اهڙي شيءِ بنايان ٿو، جيڪا هڪ پکي جي صورت ۾ هجي پوءِ ان ۾ ڦوڪ هڻان تہ پوءِ
اهو الله جي حڪم سان پکي ٿي پوي ٿو. انسان بہ مٽي جو بوتو آهي، جيڪو الله جي اذن
۽ فيض سان نبين جي ذريعي روحاني پرواز ڪري ٿو. ۽ الله جي حڪم سان مادرزاد انڌن
کي نور جي روشني ڏيڻ ۽ ڪوڙهہ ۾ مبتلا مرضن کي چڱو ڀلو بنايان ٿو، يعني عقل جا
انڌا ۽ گناهن جي ڪوڙهہ ۾ ورتل ايمان جي دولت سان روحاني بيمارين کان ٺيڪ ٿي ويندا
هئا. ۽ مئلن کي دوباره زندهہ ڪري ڏيکارڻ وارو آهيان. نبي سڄورا مئل يعني گمراهہ قوم
کي نئين زندگي ڏيندا آهن. ان کان علاوه اوهان جيڪو ڪجهہ کاڌو کائي آيا آهيو ۽
جيڪي اوهان جي گهر ۾ ذخيرو ٿيل آهي، ان جي خبر ڏيان ٿو. (المائده: 110/5) يعني حلال
حرام شين کان آگاهہ ڪيان ٿو. هنن معجزن ۾ جيڪي الله جي حڪم ۽ اذن سان اوهان

جي آڏو پيش ڪري رهيو آهيان، انهن ۾ اها پوري پوري نشاني موجود آهي ته مان مسيح ابن مريم خدا جو رسول ۽ ڪلمة الله يعني الله جي حڪم "ڪُن" سان پيدا ٿي اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ آيو آهيان، جيڪڏهن اوهان حق ۽ سچائي کي تسليم ڪرڻ وارا آهيو ته هن ۾ اوهان جي هدايت ۽ رهبريءَ جو ڪافي سامان ۽ نشان موجود آهي. مان الله تعالىٰ جي انهيءَ پروگرام جنهن ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ نبين، رسولن جو سلسلو هر دور ۾ جاري رهيو آهي، ان پوري سلسلي ۽ مون کان اڳ موسىٰ ﷤ تي نازل ٿيل ڪتاب جي خدا طرفان نازل ٿيل سچي هجڻ جي تصديق ڪندڙ آهيان. (المائده: 45/5) ۽ ڪجهه شيون جيڪي اوهان لاءِ حرام ٿي ويون آهن، انهن کي اوهان جي لاءِ حلال ڪريان، جيڪي اوهان لاءِ اڳوڻي شريعت يا مشائخ علماء ۽ راهبن جي ڪري ممنوع آهن. انهن سمورين ڳالهين جي اطاعت ڪرڻ لاءِ اوهان آڏو الله پاران عطا ڪيل نشانيون پيش ڪري رهيو آهيان ته جيئن الله جي قدرت، حڪمت ۽ هدايت و نصيحت کي مڃي پاڻ کي الله جي عذاب کان بچايو ۽ منهنجي اطاعت ڪري الله آڏو سرخرو ٿيو. پنهنجن غلط عقيدن ۽ ڪوڙن الزامن کان پرهيز ڪري خالق ڪائنات آڏو سر نگون ٿيو ۽ هن جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃو.

ياد رکو ته هي اهو هڪ الله ئي آهي، جيڪو منهنجو پالڻهار به آهي ته اوهان جو پروردگار به آهي ان ڪري رڳو انهي هڪ وحده لاشريڪ له الله جي آڏو سربسجود ٿيو اهو ئي سڌو ۽ صحيح رستو آهي، جنهن جي اطاعت اختيار ڪري پنهنجي انساني ڪمال ۽ عروج تي پهچي سگهو ٿا. (الاعراف: 176/7)

فَلَمَّآ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ
نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾ رَبَّنَآ اٰمَنَّا بِمَآ
اَنْزَلْتَ وَاتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَكَرُوْا وَمَكَرَ اللّٰهُ ؕ
وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ ع ٥ ١٣ ١٣ الثلثة

پر پوءِ جڏهن عيسىٰ (﷤) هنن جو ڪفر محسوس ڪيو ته هن چيو ته الله خاطر کهڙا ماڻهو منهنجا حمايتي آهن؟ جنهن تي هن جي مخلص دوستن عرض

ڪيو تہ اسان الله (جي دين) جا مددگار آهيون، اسان ايمان آندو آهي ۽ تون شاهد ٿجانءِ تہ اسان يقينًا مسلمان آهيون. (52) اي اسان جا رب! اسان هن ڪتاب تي ايمان آندو آهي، جيڪو تو نازل ڪرڻ فرمايو آهي ۽ اسان ان رسول جي تابعداري ڪئي آهي، سو اسان کي (حق ۽ سچ) جي شاهدي ڏيڻ وارن سان گڏ شمار ڪر (53) وري (يهودي) ڪافرن (عيسىٰ عليه السلام جي قتل ڪرڻ جي) خفيہ سازش ڪئي ۽ الله (عيسىٰ عليه السلام کي بچائڻ جي) مخفي تدبير ڪرڻ فرمائي ۽ الله سڀ کان وڌيڪ مخفي تدبير ڪرڻ وارو آهي.(54)

پوءِ جڏهن چٽن معجزن، الله جي واضح نشانين ۽ دين ۾ آسانيون ۽ سهولتون ملڻ باوجود عيسىٰ عليه السلام بني اسرائيل ۾ حق ۽ سچائي کان انڪار ۽ ڪفر جو طريقو اختيار ڪرڻ محسوس ڪيو ۽ يهودي علماء ۽ مشائخ ۾ ڪفر جي شدت، ضد ۽ مخالفت محسوس ڪئي تہ هن بني اسرائيل کي مخاطب ٿيندي چيو تہ آهي ڪو جو الله جي دين جي سربلنديءَ لاءِ منهنجي مدد ڪري تہ انهن مان ڪجهہ جان نثار حوارين جواب ڏنو تہ اسان الله جي دين جي مدد ڪرڻ وارا آهيون. (آل عمران: 160/3، الصف: 14/61، الحج: 40/22) (حواري جي معنىٰ آهي ساٿي) اسان پنهنجي الله تي دل جي سچائيءَ سان ايمان آندو آهي ۽ اوهان ان ڳالهہ جا شاهد ٿجو تہ اسان الله جي حڪمن جا فرمانبردار آهيون. اسان جي هن فرمانبرداريءَ جا بارگاهہ الاهي ۾ تصديق ڪندڙ ٿجو تہ اسان الله ۽ الله جي رسول جي اطاعت ڪئي آهي ۽ ان جي حڪمن جي پوري پوري تصديق بہ ڪئي آهي ۽ ان تي عمل پيرا بہ ٿيا آهيون. ان سان گڏ اسان جي الله جي در اها دعا آهي تہ اي اسان جا رب! اسان تنهنجي نازل ڪيل ڪتاب تي بہ ايمان آندو آهي ۽ تنهنجي رسول جي اتباع ۽ تابعداري بہ ڪئي آهي. اسان کي انهن ماڻهن ۾ شمار ڪر جيڪي حق ۽ سچائي جي شاهدي ڏيندڙ آهن. پر ٻئي طرف وري حق جي انڪار ڪندڙ يهودين مسيح عليه السلام خلاف مخالفت جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ ان جي خلاف ڳجهيون ڳجهيون رٿون سازشون ۽ تدبيرون جوڙڻ لڳا، جنهن ۾ عيسىٰ عليه السلام جي قتل جو منصوبو بہ شامل هو. پر ان جي مقابلي ۾ الله تعالىٰ

حضرت مسيح عليه السلام جي حفاظت جو بندوبست ڪيو. بيشڪ الله انهن سيني تدبيرن
جوڙيندڙن ڪان وڏيڪ سٺي تدبير ۽ حفاظت ڪرڻ وارو آهي. خدا جو قانون غالب آهي ۽
حق جي منڪرن کي ذلت آميز شڪست ڏيندڙ آهي.

"حواريُون" جمع آهي ان جو واحد "حواري" معنیٰ انصار، مددگار. نبي ڪريم
خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم جو فرمان آهي: "اِنَّ لِكُلِّ نَبِيٍّ حَوَارِيًّا وَ حَوَارِيُّ الزُّبَيْرُ" هر نبيءَ جو خاص مددگار
هوندو آهي ۽ منهنجو مددگار زبير آهي. (رضي الله تعالىٰ عنه)

اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰۤى اِنِّىْ مُتَوَفِّيْكَ وَ رَافِعُكَ اِلَىَّ وَ مُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا وَجَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَىَّ
مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ۝٥٥ فَاَمَّا الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۫ وَمَا لَهُمْ مِّنْ
نّٰصِرِيْنَ ۝٥٦ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ
وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ۝٥٧ ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ۝٥٨

جڏهن الله فرمايو ته اي عيسیٰ بيشڪ مان توکي پوري عمر تائين پهچائڻ وارو
آهيان ۽ توکي مان پاڻ ڏانهن (آسمان تي) کڻڻ وارو آهيان ۽ توکي ڪافرن ڪان
نجات ڏيارڻ وارو آهيان ۽ تنهنجي پوئلڳن کي (هنن) ڪافرن تي قيامت تائين
برتري ڏيڻ وارو آهيان. وري توهان کي مون ڏانهن واپس اچڻو آهي. سو جن جن
ڳالهين ۾ اوهان جهڳڙو ڪندا هئا، مان اوهان جي درميان فيصلو ڪندس. (55)
پوءِ جيڪي ماڻهو ڪفر ڪندا، انهن کي دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ سخت
عذاب ڏيندس ۽ انهن جو ڪو به مددگار نه هوندو (56) ۽ جيڪي ماڻهو ايمان
آڻيندا ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته (الله) انهن کي ان جو پورو پورو اجر ڏيندو. الله

**ظالمن کي پسند نٿو ڪري. (57) هي جو ڪجهه اسان توکي پڙهي ٻڌايون ٿا، اهي آيتون (نشانيون) آهن ۽ حڪمت واريون نصيحتون آهن. (58)**

يهودي عيسىٰ ﷺ جي رسالت کي تسليم نہ ڪندا هئا. سندن غير معروف طريقي سان ولادت تي بہ اعتراض ڪندا هئا ۽ حضرت مريم ﷺ تي بهتان ۽ غلط الزام لڳائيندا هئا. ان ڪري شروع کان ئي سندس مخالفن ۽ ملڪ شام جي رومي بادشاهہ جي مدد سان ڪيس رومي عدالت مان موت جي سزا ڏياري هئي ۽ سولي تي چاڙهي مارڻ ٿي گهريو، ياد ڪريو تہ اهڙي ڏکئي وقت تي فرمان الاهي ٿيو تہ اي عيسىٰ (ﷺ) تنهنجو وقت پورو ڪري هاڻي آءُ توکي واپس گهرائي وٺندس. (آيت 16 ۾ ”تَوَفّٰى“ جو لفظ هن معنىٰ ۾ آيو آهي) يا وصول ڪندس. (I Will Recall you) ۽ توکي پاڻ ڏانهن کڻي وٺندس. (آل عمران: 45/3) ”مُتَوَفِّيْكَ“ جو مادو ”وَفٰى“ فعل ثلاثي آهي، جنهن جي معنىٰ آهي واپس وٺڻ، وصول ڪرڻ، پنهنجي سپردگيءَ ۾ وٺڻ، پورو ڪرڻ جيئن چوندا آهن، وعده وفا ڪريو، پورو ڪريو، ان ”وَفٰى“ مان وَفّٰى يُوَفِّيْ (تفعيل) پورو ڏيڻ. ”وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ“ (الانعام: 25/6) هر هڪ کي ان جي اعمال مطابق پورو پورو ڏنو ويندو. ”اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ“ (البقره: 2/ 40) مون سان ڪيل عهد پورو پورو نڀايو، تہ مان بہ پنهنجو عهد پورو ڪريان. ”اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ“ (المائده: 1/5) وعدا پورا ڪريو. ”اَوْفُوا الْكَيْلَ“ (الانعام: 152/6، بني اسرائيل: 135/17) ماپ پوري پوري ڪريو. ”اِبْرٰهِيْمَ الَّذِيْ وَفّٰٓى“ (النجم: 37/53) ابراهيم خدا جي حڪمن کي پورو ڪيو. ”وَ وَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ“ (النور: 39/24) الله سندن حساب پوري جو پورو ڏنو. ٿيون آهي. تَوَفّٰى يَتَوَفّٰى (تَفَعُّل) پوري جو پورو واپس وٺڻ. جيئن سورت الزمر 42/39 ۾ ”اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ“ آيو آهي. هنن گستاخن جي تهمتن ۽ بهتانن کان توکي گهڻو مٿانهون مقام عطا ڪندس ۽ تنهنجي پاڪيزگي آشڪار ڪندس يعني توکي يهودين جي پليت ۽ خبيث منصوبن ۽ ارادن کان پاڪ ڪري، پورو پرو صاف ڪندس ۽ جن ماڻهن تنهنجي پيروي ڪئي آهي، انهن کي قيامت تائين منڪرين حق جي مٿان برتري ڏيندس. فيصلو هنن جي خواهش مطابق نہ ٿيندو، چو تہ آخرڪار هنن سڀني کي حساب ڪتاب لاءِ جوابدار جي صورت ۾ منهنجي قانون ازلي آڏو ئي پيش ٿيڻو آهي. ان ڏينهن هنن جي درميان جنهن ڳالهہ ۾ هو اختلاف ڪندا هئا، ان جو انصاف سان فيصلو

ڪندس. پوءِ جن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو هوندو، انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ درد ناڪ عذاب ڏيندس. دنيا ۾ قتل ڪيا ويندا. هميشہ محڪوم رهندا، قيد ۽ غلاميءَ جي ذلت واري زندگي ڏسندا. انهي سخت عذاب کان ڪين بچائڻ لاءِ ڪو بہ مددگار ڪو نہ هوندو. (النساء: 4/ 158-155، الرعد: 34/13) اهو ان ڪري آهي، جو هو ڪوڙا بهتان هڻن ٿا. (الڪهف: 5/18)

قرآن حڪيم جي هن بيان ۾ عيسائين جي مسيح ﷺ کي الله بنائڻ واري عقيدي جي ترديد ۽ اصلاح آهي تہ هن کي صليب تي ڪونہ چاڙهيو ويو هو، جو هو صليب تي چڙهي اوهان سيني جي گناهن جو بار ڪٽي ويو آهي، پر هو الله جي غيبي مدد ۽ حفاظت ۾ بچي نڪتو هو. پوءِ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن کي سندن نيڪ عمل جو پورو پورو اجر ڏنو ويندو، جنهن ۾ ڪا بہ ڪمي ڪوتاهي ڪا نہ هوندي، پر جن انڪار ڪيو، اهڙن ظالمن سان الله هرگز محبت نٿو ڪري. هي الله پاران آيل آيتن ۽ حڪمتن سان لبريز تذڪرو آهي، جيڪي توکي ٻڌايو وڃي ٿو.

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ
فَيَكُوْنُ ﴿٥٩﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ
مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَنِسَآءَنَا
وَنِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَكُمْ قف ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى
الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦١﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ۚ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ؕ
ع ٦ ٩ ١٤ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٢﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٣﴾ ع

بيشڪ عيسىٰ (عليہ السلام) جو مثال الله وٽ آدم (عليہ السلام) جهڙو آهي، جنهن کي هن (الله) مٽيءَ مان ناهيو، پوءِ هن کي چيو تہ ”ڪُن“ (ٿي وڃ) ”فيڪون“ (پوءِ ٿي پيو) (59) هي (بيان) تنهنجي رب پاران بلڪل حق ۽ سچ آهي. ان ڪري شڪ

ڪندڙن مان نہ ٿجانءِ. (ھي گويا امت جي تنبيه لاءِ آيل آھي، توڙي ظاھر ۾ خطاب پاڻ ڪريم ﷺ کي آھي) (60) پوءِ تو وٽ اھڙي ڄڻي علم جي اچڻ باوجود بہ جيڪڏھن ڪو شخص عيسىٰ (عليه السلام) جي معاملي ۾ تو سان جھڳڙو (بحث مباحثو) ڪري تہ پوءِ تون کين چؤ تہ اچو اسان (سڀ گڏ ٿي) پنھنجي پٽن کي ۽ توھان جي پٽن کي ۽ پنھنجي عورتن کي ۽ توھان جي عورتن کي ۽ اسان پنھنجي پاڻ کي بہ ۽ توھان کي بہ (ھڪ ھنڌ) گھرايون ٿا پوءِ اسان مباھلو (عجزوزاري سان دعا) ڪيون ٿا ۽ ڪوڙن تي الله جي لعنت موڪليون ٿا. (61) بيشڪ ھي سچو بيان آھي ۽ الله کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آھي. بيشڪ الله زبردست غالب وڏي حڪمت وارو آھي. (62) ان ھوندي بہ جيڪڏھن اھي ماٺھو روگرداني ڪن ٿا تہ الله يقينًا فساد ڦهلائيندڙن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو. (63)

---

حضرت عيسىٰ عليه السلام جي غير معمولي يا اعجازي ولادت ھن جي الوھيت جو دليل ٿي نٿي سگھي، ڇو تہ الله جي قانون قدرت ۾ عيسىٰ عليه السلام جو مثال بہ آدم عليه السلام وارو آھي. حضرت عيسىٰ عليه السلام جي تہ والده ماجده جو ذڪر موجود آھي، پر آدم عليه السلام بنا ماءُ پيءُ جي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو ھو. ھيستائين يھودين جو ذڪر ٿي رھيو ھو، ھاڻي عيسائين جي ان گمراھ ڪن غلط عقيدي جو ذڪر آھي تہ ’عيسىٰ عليه السلام بنا پيءُ جي پيدا ٿيو آھي تہ ان ڪري ھو الله جو فرزند آھي‘ جو بحث شروع ٿئي ٿو. حضرت عيسىٰ عليه السلام جي بنا والد اعجازي ولادت سندس معبود ھجڻ جو دليل ٿي نہ ٿي سگھي. ھن جي والده ماجده ھئي، پر آدم عليه السلام کي تہ بناماءُ پيءُ جي يعني توليدي سلسلي کان بالاتر مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آھي، جيڪو الله جو امر ”ڪُن“ سان وجود ۾ اچي ويو تہ ڇا ھوبہ الله ٿي ويو. (الانبياء: 90/21) حضرت زڪريا پوڙھو ۽ سندس زال توڙي جو سَنڍ ھئي، ان کي بہ اولاد ڏنو ويو. اھڙي طرح حضرت ابراھيم عليه السلام ۽ سندس زال کي بہ اولاد سؤ سال کان وڏي عمر بعد ڏنو

ويو. هن پوري قصي جي اصل اها ئي حقيقت آهي، جيڪا تنهنجي پروردگار پاران توکي ٻڌائي وڃي ٿي. ان ڪري تون اصل حقيقت جي آگاهيءَ کان پوءِ انهن ماڻهن ۾ شامل نه ٿجاءِ، جيڪي هن حق ۽ سچ واري بيان ۾ شڪ شبها پيدا ڪري رهيا آهن ۽ هنن پاران حضرت عيسىٰ عليه السلام جي اعجازي ولادت ۽ غير معمولي معجزن تي هن کي الله جو درجو ڏيڻ غلط آهي.

هنن لاجواب دليلن جي روشنيءَ ۾ صحيح صحيح معلومات حاصل هجڻ باوجود به جيڪڏهن هو پنهنجي هٺ ڌرمي ۽ ضد تي قائم آهن ۽ تو سان جهڳڙو ۽ بي جا بحث مباحثو ڪري رهيا آهن ته پوءِ اي منهنجا پيارا رسول خاتم النبيين ﷺ هنن کي چؤ ته اچو ته اسان پاڻ به اچون، پنهنجي اولاد ۽ عورتن کي به وٺي اچون ۽ پوءِ ٻئي ڌريون گڏجي خدا کان دعا گهرون ته اسان مان جيڪو به ڪوڙ ۽ ناحق تي هجي، ان تي الله جي لعنت ۽ غضب هجي. ياد رهي ته نجران جو وفد جنهن ۾ هنن جا عالم ۽ دانشور شامل هئا. هن چئلنج کي قبول ڪرڻ کان ڊڄي ويا. ۽ مباهلو ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

حضرت جابر رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته هت ”اَبۡنَآءَنَا“ مان مراد حضرت حسن رضي الله تعالیٰ عنه ۽ حضرت حسين رضي الله تعالیٰ عنه، ”نِسَآءَنَا“ مان مراد خاتون جنت سيدتنا بيبي فاطمة الزهراء رضي الله تعالیٰ عنها ”اَنۡفُسَنَا“ مان مراد خود نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن ۽ حضرت علي المرتضىٰ ڪرم الله وجهه آهن. (درمنثور اردو: ج2، ص110-109)

اي پيغمبرِ حق خاتم النبيين ﷺ عيسىٰ عليه السلام جي بشريت بابت جو ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي، اهو بلڪل برحق ۽ سچ آهي. الله وحده لا شريڪ له جي ذات پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪو به معبود يا عبادت جي لائق ناهي. بلاشڪ اهو هڪ الله ئي آهي، جيڪو هر شيءِ تي غالب ۽ قدرت رکڻ وارو ۽ لائق حڪمت رکڻ وارو آهي. ان هوندي به جيڪڏهن هي مخالف ڌر فيصلي جي هن طريقي کي قبول نٿي ڪري ۽ مباهلي کان پڇي وڃن ته پوءِ تون پنهنجي ڪاميابي تي مطمئن ٿيءُ. الله اهڙن فسادي ۽ فتنه گر ماڻهن جي حال کان پوري طرح آگاهه آهي. هنن کي پنهنجي بداعمالي جي پوري پوري سزا ملندي.

قُلۡ يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ تَعَالَوۡا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمۡ اَلَّا نَعۡبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشۡرِكَ بِهٖ شَيۡـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعۡضُنَا بَعۡضًا اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقُوۡلُوا اشۡهَدُوۡا بِاَنَّا مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۶۴﴾

(اي پيارا حبيب خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه واٰله وسلم) تون هنن کي چؤ تہ اي اهل ڪتاب! توهان ان ڳالهہ (ڪلمة) طرف اچو جيڪا اسان ۽ اوهان جي درميان يڪسان ۽ برابر آهي (اها هيءَ آهي تہ) اسان الله ڪانسواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪنداسون ۽ نہ وري ان سان ڪنهن کي شريڪ ڪنداسون ۽ اسان (ٻنهي ڌرين) مان ڪو هڪ بہ ٻئي کي الله ڪانسواءِ رب نہ بڻائيندو. پوءِ بہ جيڪڏهن روگرداني ڪن (ڦري وڃن) تہ پوءِ ڪين چئي ڇڏيو تہ اوهان گواهہ ٿجو تہ اسان الله جا فرمانبردار مسلمان آهيون. (64)

اي پيغمبر حق خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه واٰله وسلم) هنن يهودين ۽ عيسائين کي واضح ڪر تہ اي اهل ڪتاب! هي خواهہ مخواهہ جو جهڳڙو ۽ اختلاف ڇڏي ان حقيقت تي اچو، جيڪا اسان ۽ توهان ٻنهي ڌرين وٽ هڪ جهڙي مُسلّمه ۽ قبوليت واري آهي. اوهان جي ڪتابن توريت ۽ انجيل ۾ ۽ اسان تي نازل ٿيل ڪتاب قرآن ۾ يڪسان طور لکيل آهي تہ هڪ الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نہ ڪريو ۽ نہ وري ڪنهن ٻي هستيءَ کي ان جي همسر، برابر ۽ شريڪ سمجهو ۽ اسان مان ڪو بہ الله ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو پروردگار ۽ معبود نہ بنائي. ”اِتَّخَذُوۡۤا اَحۡبَارَهُمۡ وَرُهۡبَانَهُمۡ اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ“ هنن پنهنجن احبار ۽ رهبان کي پنهنجو رب بڻايو آهي. سندس اهي پيشوا حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال جو درجو ڏين ٿا. حالانڪ حلال ۽ حرام صرف الله طرفان هوندو آهي، گويا هي الله جو درجو احبار ۽ رهبان کي ڏين ٿا. ”اَمَا اِنَّهُمۡ لَمۡ يَكُوۡنُوۡا يَعۡبُدُوۡنَهُمۡ وَلٰكِنَّهُمۡ اِذَا حَلُّوۡا لَهُمۡ شَيۡـًٔا اِسۡتَحَلُّوۡهُ وَاِذَا حَرَّمُوۡا شَيۡـًٔا حَرَّمُوۡا“ هو هنن جي آڏو سجده ريز نہ ٿيندا هئا، پر جنهن کي هو حلال چوندا هئا تہ

هي بہ ان کي حلال سمجهندا هئا ۽ جنهن کي هو حرام چوندا هئا تہ هي بہ حرام چوندا هئا.

جيڪڏهن هو پنهنجن ڪتابن توريت ۽ انجيل توڙي هن ڪتاب قرآن جي انهي چٽي بيان کان ڦري وڃن ٿا ۽ الله جي وحدت جا انڪاري ٿين ٿا تہ ڪين چٽو چٽو ٻڌائي ڇڏ تہ انڪار اوهان جي طرف کان آهي، هاڻي اوهان بہ هن حقيقت جا گواهہ هجو تہ اسان خدا کي هڪ معبود سمجهڻ وارا مسلمان آهيون. جيڪڏهن اهل ڪتاب يهود ۽ نصاریٰ تعصب ۽ هٺ ڌرمي کي ڇڏي، خدا پرستي جي صداقتن تي متفق ٿي وڃن ۽ غلط طريقي سان پنهنجي يهوديت ۽ عيسائيت جي عقيدي کي ابراهيم ؑ ڏانهن منسوب نہ ڪن ۽ سمجهي سگهن تہ سندن بگڙيل عقيدا بعد جي پيداوار آهن تہ هنن جو عقل سليم ۽ وحي الاهي جو آواز ڪين حقيقت کان آگاهہ ڪري سگهي ٿو. پر هنن جي گمراهي حق ۽ هدايت جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. هن آيت سڳوريءَ ۾ اهل ڪتاب کي اتحاد لاءِ ٽن ڳالهين جي دعوت ڏني وئي آهي: (1) عبادت صرف الله جي ڪرڻ (2) الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪرڻ (3) ڪنهن کي شريعت سازي ۾ الله جو مرتبو نہ ڏيڻ.

معلوم هجي تہ 9 هجري ۾ نجران کان عيسائين جو هڪ وفد حضور خاتم النبيين ﷺ جي خدمت ۾ آيو ۽ حضرت عيسیٰ ؑ بابت غلو آميز بحث ڪرڻ لڳو. حقيقت معلوم ڪرڻ باوجود هٺ ڌرمي تي قائم رهيو تہ ڪين مباهلي جي دعوت ڏني وئي. (آل عمران 61/2)

يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوۡنَ فِىۡۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَمَاۤ اُنۡزِلَتِ التَّوۡرٰٮةُ وَالۡاِنۡجِيۡلُ اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِهٖ‌ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۶۵﴾ هٰۤاَنۡتُمۡ هٰٓؤُلَاۤءِ حَاجَجۡتُمۡ فِيۡمَا لَـكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ فَلِمَ تُحَآجُّوۡنَ فِيۡمَا لَيۡسَ لَـكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ‌ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ اِبۡرٰهِيۡمُ يَهُوۡدِيًّا وَّلَا نَصۡرَانِيًّا وَّلٰكِنۡ كَانَ حَنِيۡفًا مُّسۡلِمًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۶۷﴾

اي اهل ڪتاب! اوهان ابراهيم (ؑ) جي باري ۾ ڇو ٿا تڪرار ڪريو (يعني

هن کي يهودي يا نصراني چو ٿا بنايو) حالانڪ تورات ۽ انجيل (جيڪي اوهان جي مذهب جو بنياد آهن) تہ نازل ئي هن کان بعد ٿيا آهن. ڇا اوهان ۾ ايترو بہ عقل ناهي (جو حق ۽ سچ سمجهي سگهو) (65) توهان تہ اهي ماڻهو آهيو جيڪي انهن ڳالهين ۾ بہ جهڳڙندا رهيا آهيو، جن جي (ڪجهہ نہ ڪجهہ) توهان کي معلومات هئي، پر ان معاملن ۾ ڇو ٿا جهڳڙا ڪيو جنهن جو توهان کي ذرو پر بہ علم ناهي. اوهان کي ڪا خبر ڪانهي پر الله هر شيءِ ڄاڻڻ وارو آهي. (66) ابراهيم (عليه السلام) نہ يهودي هيو ۽ نہ نصراني، هو هر باطل کان منهن موڙيندڙ سچو مسلمان هيو. هو مشرڪن مان نہ هيو. (67)

يهود ۽ نصاريٰ پنهنجي توحيد واري عقيدي کي حضرت ابراهيم عليه السلام ڏانهن منسوب ڪندا هيا ۽ چوندا هيا تہ اسان جنهن دين تي آهيون، حضرت ابراهيم عليه السلام جو بہ اهوئي دين هيو. عيسائي چوندا هيا تہ حضرت ابراهيم عليه السلام نصاريٰ هيو ۽ يهود چوندا هيا تہ حضرت ابراهيم عليه السلام يهودي هيو ۽ ٻنهي جي دعويٰ هئي تہ اسان نصاريٰ ان جي ملّت تي آهيون. ۽ يهود بہ چوندا هيا تہ اسان ان جي ملّت تي آهيون. هن آيت ذريعي ڪانئن پڇا ڪئي وئي آهي تہ اي اهل ڪتاب اوهان حضرت ابراهيم عليه السلام بابت ڪهڙي طرح دعويٰ ڪري رهيا آهيو تہ هو يهوديت يا نصرانيت تي ڪاربند هيو. (آل عمران: 67/3) اوهان جي اها دعويٰ ۽ حجت بي بنياد ۽ بنا ڪنهن ثبوت جي آهي، ڇو تہ توريت ۽ انجيل جيڪي موسيٰ عليه السلام ۽ عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيا هئا، اهي حضرت ابراهيم عليه السلام کان گهڻو بعد ۾ آيا. توريت هڪ هزار سال بعد ۽ انجيل 1975 سال بعد نازل ٿيو. پوءِ اوهان ڪهڙيءَ طرح يهوديت ۽ نصرانيت کي ان سان جوڙي رهيا آهيو. ڇا اوهان کي ايتري بہ خبر ناهي؟ اوهان جو جن حقيقتن بابت ڪجهہ علم هيو، ان بابت تہ اوهان جو تڪرار ۽ بحث تہ ٺهي ٿو، مثال طور حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم بابت سندن واضح بشارتون، پر جن شين جي اوهان کي ڪا بہ سُڌ نہ آهي ۽ بلڪل اڻ ڄاڻ آهيو تہ انهن بابت اوهان جو بحث ڪرڻ ۽ اختلاف ڪرڻ نهايت غير مناسب ۽ ناجائز آهي پنهنجي ٻُڌ سُڌ تي

حلال حرام جا حوالا ڏئي ۽ الله جي وحدانيت تي پنهنجي اسلاف جو طريقو بيان ڪري، گمراهيءَ ۾ مبتلا ٿي رهيا آهيو ۽ وحي الاهي جي ڪلم ڪلا خلاف ورزيءَ جا مرتڪب ٿي رهيا آهيو، جنهن جي اوهان کي صحيح معلومات بہ ناهي. الله اوهان جي هن سموري صورتحال کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي، پر اوهان کي ان جي خبر نہ آهي. ڪن ڪولي ٻڌو تہ ابراهيم عليه السلام نہ يهودي هو، نہ وري عيسائي هو ۽ نہ وري اهڙي ڪنهن فرقہ بندي جو پيرو ڪار هو، پر هو پنهنجي دور جي سمورن گمراهين کان هٽي بلڪل هڪ طرف (حنيف) الله جو فرمانبردار ٻانهو هو. يهود ۽ نصاريٰ بنا ڪنهن ثبوت ۽ سَنَد جي لغو ۽ بيجا بڪواس ڪري رهيا آهن. حضرت ابراهيم عليه السلام سان پنهنجي نسبت جوڙي ڪوڙا ناهہ ٺاهي مسلمانن ۾ غلطي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، حالانڪہ هن جو طريقو مشرڪن وارو نہ، پر حق پرستي جو طريقو هو، جنهن جي صحيح طور پيروي مسلمان ڪري رهيا آهن. (الروم: 24/31-30) "اِنَّ لِكُلِّ نَبِيٍّ وُلَاةً مِنَ النَّبِيِّيْنَ اِنَّ وَلِيِّيْ اَبِيْ وَ خَلِيْلُ رَبِّيْ عَزَّ وَجَلَّ" هر نبيءَ جا پنهنجن نبين مان ڪي دوست هوندا آهن، منهنجو ولي (دوست) منهنجو والد منهنجي رب جو خليل ابراهيم عليه السلام آهي.

اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَهٰذَا النَّبِيُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ط
وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ط
وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٩﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ
بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ
ع ٨ ١٥ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٧١﴾ ع

(يهود ۽ نصاريٰ جي حضرت ابراهيم عليه السلام بابت ڪوڙي دعويٰ ۽ باطل نسبت جو رد اچڻ بعد چيو وڃي ٿو تہ) بيشڪ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ ابراهيم (عليه السلام) جي قريب (حقدار) تہ اهي ماڻهو آهن جن سندن دين جي پيروي ڪئي ۽

هي نبي مڪرم (خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ) ۽ (ان تي) ايمان آڻيندڙ (مؤمن) آهن. الله مؤمنن جو معين ۽ مددگار آهي. (68) (اي مسلمانو) اهل ڪتاب مان هڪ گروهه (ٽولو) سخت خواهش رکي ٿو، ته ڪاش هي توهان کي گمراهه ڪري سگهن. درحقيقت هو ڪوڙا ناهه ناهي، باطل دعوائون ڪري، پنهنجو پاڻ کي ئي گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪري رهيا آهن ۽ کين (انهيءَ گمراهيءَ جو) شعور به نه آهي. (69) اي اهل ڪتاب! اوهان الله جي آيتن جو انڪار ڇو ٿا ڪريو، حالانڪه اوهان پاڻ شاهد آهيو (گواهي ڏئي رهيا آهيو) ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ ان جو مشاهدو ڪري رهيا آهيو. (70) اي اهل ڪتاب! توهان حق کي باطل سان گڏ مڏ ڇو ٿا ڪريو ۽ ڄاڻي ٻجهي معلوم هوندي حق کي ڇو ٿا لڪايو. (71)

---

يهود ۽ نصاري کي ٻڌايو وڃي ٿو ته اوهان جو طريقو ابراهيمي طريقي جي ابتڙ آهي. ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ سان پنهنجي نسبت جوڙڻ جو حق سڀ کان زياده جيڪڏهن ڪنهن جو آهي ته رڳو انهن ماڻهن کي آهي جيڪي هن جا پابنديءَ سان پوءِئلڳ آهن. هي نبي خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ ۽ ان جا اطاعت گذار مؤمن هن نسبت جي دعوىٰ ڪرڻ جا وڌيڪ حقدار آهن. ڇو ته اهي دين ابراهيمي جا سچا پيروڪار ۽ مڃيندڙ آهن ۽ الله به انهن جو حامي ۽ مددگار آهي جيڪي پڪا مؤمن ۽ سچا پيروڪار آهن ۽ ڪافرن جي سازشن، شرارتن ۽ زيادتين کان کين محفوظ رکڻ وارو آهي. (البقره: 2/ 257، ابراهيم: 12/14) اي مومنؤ! اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته اهل ڪتاب مان هڪڙي ٽولي جي ڪوشش آهي ته هو اوهان کي ابتيون سبتيون حقيقتون بيان ڪري سڌي رستي کان ٿيڙي ڇڏي ۽ پاڻ وانگر گمراهه بنائي. (المائده:/5 68، يونس: 10/2) "وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" (القلم: 9/68) هو گهرن ٿا ته تون نرمي ڪر ته هو به نرمي ڪندا يا تون ان ۾ ڪجهه تبديلي ڪر". "قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِيْ" (يونس: 15/10) مان ان کي پنهنجي طرفان تبديل ڪرڻ جو مجاز ئي نه آهيان. هو اهڙي ناڪام ڪوشش ڪري ڪنهن ٻئي کي گمراهه ڪرڻ بدران پاڻ کي گمراهيءَ جي انڌيرن ۾ ڌڪي رهيا آهن. هنن کي ايترو به شعور ناهي ته هو پنهنجو پاڻ کي

نقصان ڏئي رهيا آهن.

اي اهل ڪتاب! اوهان الله جي آيتن جو ڪهڙيءَ طرح انڪار ڪري رهيا آهيو. حالانڪ اوهان پاڻ ان جو روزمره چڱي طرح مشاهدو ڪريو ٿا ته حضور خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي پاڪيزه زندگيءَ ۽ صحابہ ڪرام جي قابل رشڪ طريقِ حيات تي ان جو اثر ۽ اسوهِ حسنه جو اظهار قرآن حڪيم جون هدايت ڀريون روشن آيتون ڪيتريون نہ سبق آموز ۽ دلڪش دليل آهن. پر اوهان ان جي باوجود ڄاڻي واڻي حق ۽ سچائيءَ تي باطل ۽ ڪوڙ جو لباس پهرائي پيش ڪيو ٿا. (البقره: 42/2) اهو اوهان اڻ ڄاڻائي ۾ نہ پر ڄاڻي ٻجهي حق کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا. (البقره: 75/2-90) حالانڪ توريت ۽ انجيل ۾ آنحضرت خاتم النبيين صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي نبوت ۽ رسالت جي بشارت موجود آهي، مگر ان کي بہ لڪايو ٿا، ظاهر نٿا ڪريو. ڪجھ ڳالهين (آيتن) ۾ تحريف ڪيو ٿا ۽ ڪجھ ۾ ڪجھ ملائي مطلب تبديل ڪيو ٿا.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ
هندو هٺ نہ آهيين جٽيو تو نہ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ سچا جي شرڪ سين. (شاهہ)

وَقَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِیْٓ اُنْزِلَ عَلَى الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا
وَجْهَ النَّهَارِ وَاكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ۚۖ ۝۷۲ وَلَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا لِمَنْ تَبِعَ
دِیْنَكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنْ یُّؤْتٰۤى اَحَدٌ مِّثْلَ مَآ اُوْتِیْتُمْ اَوْ یُحَآجُّوْكُمْ
عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِیَدِ اللّٰهِ ۚ یُؤْتِیْهِ مَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ
عَلِیْمٌ ۝۷۳ ۚۙ یَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِیْمِ ۝۷۴

۽ اهل ڪتاب جو هڪ ٽولو (پنهنجي ماڻهن کي) چوي ٿو تہ اوهان هن ڪتاب (قرآن) تي جيڪو مسلمانن تي نازل ٿيو آهي پهرئين پهر (صبح وقت) ايمان جو اقرار ڪيو ۽ شام جو انڪار ڪري ڇڏيو تہ جيئن (اوهان جي ديکا ديکي)

هو بہ (پنهنجي دين کان) منهن موڙي ڇڏين. (72) ۽ (ياد رکو) ڪنهن جي بہ ڳالهہ قبول نہ ڪجو سواءِ اهڙي شخص جي جيڪو توهان جي ئي دين جو پيروڪار هجي (اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم!) هنن کي آگاهہ ڪر تہ هدايت تہ رڳو الله واري هدايت ئي آهي (اهل ڪتاب جو ٽولو پنهنجن ماڻهن کي اهو بہ چوي ٿو تہ اهو بہ ڪڏهن نہ مڃجو تہ) جيڪو ڪتاب (يا دين) اوهان کي ڏنو ويو آهي تہ اهڙو (ڪتاب اهل ڪتاب کانسواءِ) ڪنهن ٻئي کي بہ ڏنو ويندو يا ڪير توهان جي خلاف توهان جي رب وٽ ڪا حجت پيش ڪري سگهي. (ان ڪري اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم) هنن کي ٻڌائي ڇڏ تہ فضل (ڪتاب ۽ وحي) تہ الله جي هٿ وس آهي. هو جنهن کي گهري عطا ڪري ٿو. الله نهايت وڏي وسعت وارو ۽ وڏي علم وارو آهي.(73) هو جنهن کي گهري ٿو تنهن کي پنهنجي رحمت لاءِ مخصوص ڪري ٿو ۽ الله تعالىٰ عظيم فضل جو مالڪ آهي. (74)

دليل ۽ برهان جي ميدان ۾ شڪست کائڻ بعد اهل ڪتاب جي مذهبي اڳواڻن مسلمانن ۽ عام ماڻهن کي دين اسلام کان پري رکڻ ۽ متنفر ڪرڻ لاءِ هڪ خطرناڪ سازش تيار ڪئي ۽ پنهنجن شرير ماڻهن کي سمجهائي تيار ڪري چيو تہ مسلمانن وٽ صبح سويري وڃي ظاهري طرح پاڻ کي مسلمان بنائي انهن جي دين اسلام تي ايمان آڻيو. انهن سان ميل جول ڪريو، شام جو يا ڪجهہ وقت کان پوءِ ان دين ۾ رهڻ کان انڪار ڪريو ۽ پوءِ خوب ڍنڍورو ڪيو تہ اسان اسلام جي پيغمبر ۽ مسلمانن کي نهايت قريب کان ڏٺو آهي پر اهو سڀ ڪوڙ ۽ ٺڳي جو ناهہ آهي. هن جو اثر اهو ٿيندو تہ خود نون مسلمانن ۾ شڪ شبها پيدا ٿيندا ۽ عام ماڻهو ان دين ۾ وڃڻ کان ڪيٻائيندا ۽ دين کان متنفر ٿي ويندا. چوندا تہ هي ڪتاب جو علم رکن ٿا ۽ سچ ۽ ڪوڙ کي سمجهن ٿا. هنن جو اسلام قبولڻ بعد انڪار ۾ ضرور وزن آهي. اهڙيءَ طرح هنن کي اسلام کان ڦرندو ڏسي ٻيا بہ ڦري ويندا هو انهن منافقي ڪردار ادا ڪندڙ ماڻهن کي اهو بہ چوندا هئا تہ جيڪي ماڻهو اوهان جي اهل ڪتاب واري دين جي پيروي ڪندا هجن انهن کانسواءِ ڪنهن بہ ٻئي

ماڻھو جي ڪا بہ ڳالھہ نہ مڃجو، ڪٿي ھن جي ڳالھہ اوھان کي ڪيتري بہ سٺي ۽ صحيح چو نہ لڳي (اي پيغمبر خدا خاتم النبيين ﷺ) ھنن ماڻھن کي ٻڌائي ڇڏ تہ اصل ھدايت تہ اھا آھي جيڪا ھدايت الله پاران نصيب ٿئي، جيڪا ڪنھن خاص قوم نسل يا جماعت جي ميراث نہ آھي پر اھا خدا جي عطا آھي. اھل ڪتاب جا مذھبي اڳواڻ ھنن منافقت جو ڪردار ادا ڪندڙن کي اھا بہ تسلي ڏيندا ھئا تہ جھڙو دين اوھان جو آھي، اھڙو ڪنھن ٻئي کي نہ ڏنو ويو آھي. ياد رکو تہ اوھان جي پروردگار آڏو اوھان جي خلاف ڪنھن جي بہ حجت يا دليل ھلي ڪو نہ سگھندا. ڇو تہ يھوديت ۽ عيسائيت ئي سچو مذھب آھي.

اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ! تون ھن ڪوڙي دعویٰ ڪندڙ ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ تہ انھن چالاڪين ۽ شرارتن مان ڪجھہ حاصل نہ ٿيندو. فضل ۽ ڪرم تہ الله وٽ ئي آھي ۽ جنھن کي ھو گھري ٿو پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان نوازي ٿو ۽ ھدايت ڏئي ٿو، ھو جنھن کي ايمان تي مضبوط رکڻ گھري ٿو، ان کي ڪير بہ گمراھہ نٿو ڪري سگھي. ھو وڏي وسعت جو مالڪ آھي ۽ ھر لائق نالائق، اھل نااھل کي چڱي طرح ڄاڻي سڃاڻي ٿو. ھو جنھن کي گھري ٿو پنھنجي رحمت لاءِ منتخب ڪري ٿو. ھت ٻن ڳالھين طرف اشارو آھي: ھڪ اھا آھي تہ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جن جي رسالت ۽ بعثت ھڪ عظيم ۽ بي پايان برڪت ۽ رحمت آھي. ٻي ڳالھہ اھا آھي تہ بني اسماعيل تي الله عزوجل جو وڏو احسان آھي، جو ان ۾ رسالت ۽ نبوت مرحمت ڪرڻ فرمائي آھي. بني اسرائيل يعني اھل ڪتاب جي مقابلي ۾ الله تعالیٰ اُمّيّين کي نوازيو آھي. ھو نھايت وڏي فضل ۽ ڪرم وارو آھي.

ھتان معلوم ٿيو تہ اھل ڪتاب مسلمانن کي گمراھہ ڪرڻ لاءِ حيلا ۽ حربا ھلائيندا رھيا، پر اصحاب ڪرام رضي الله عنھم ھر تڪليف برداشت ڪرڻ لاءِ تيار رھيا، مگر ايمان بالله ۽ رسول الله خاتم النبيين ﷺ کان منھن موڙڻ وارا نہ ھيا.

وَمِنْ أَهْلِ الْكِتٰبِ مَنْ إِنْ تَأْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُّؤَدِّهٖٓ إِلَيْكَ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ إِنْ تَأْمَنْهُ بِدِيْنَارٍ لَّا يُؤَدِّهٖٓ إِلَيْكَ إِلَّا مَا دُمْتَ عَلَيْهِ قَآئِمًا ۗ ذٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُوْا لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْأُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ٧٥ بَلٰى

مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ وَاتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ
بِعَهْدِ اللّٰهِ وَاَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ وَلَا
يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۠ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٧﴾

۽ اهل ڪتاب مان اهڙا (ماڻهو) بہ آهن، جيڪڏهن تون هنن وٽ قنطار (ڍير مال) امانت رکين تہ اهي توکي موٽائي ڏيندا ۽ انهن ۾ اهڙا (ماڻهو) بہ آهن، جيڪڏهن هنن وٽ هڪ دينار (ٿوري رقم) بہ امانت طور رکين تہ اهي توکي اهو (هڪ دينار) بہ واپس ڪونہ ڪندا، جيستائين تون هنن جي سر تي بيٺو نہ هجين. اهو ان ڪري آهي جو هو چون ٿا تہ هنن اُميين (جٽ اڻ پڙهيل يا غير اهل ڪتاب) جي معاملي ۾ اسان جو ڪو مؤاخذو ڪو نہ ٿيندو. هو الله تي ڪوڙا بهتان هڻن ٿا ۽ هنن کي خود انهي ڳالهہ جي خبر آهي(75) پر ها! جيڪو پنهنجو وعدو پورو ڪندو ۽ تقويٰ جو رستو اختيار ڪندو تہ ان جو برابر ڪو مؤاخذو نہ هوندو. بيشڪ الله پرهيزگارن سان محبت ڪري ٿو. (76) بيشڪ جيڪي ماڻهو الله سان ڪيل عهد ۽ پنهنجن قسمن تي ٿورڙي رقم (فائدي) کي ترجيح ڏين ٿا (گويا سودو ڪن ٿا) اهي ئي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت ۾ ڪو بہ حصو ناهي ۽ نہ قيامت جي ڏينهن الله انهن سان ڪلام ڪرڻ فرمائيندو ۽ نہ وري انهن ڏانهن (شفقت جي) نگاهہ ڪرڻ فرمائيندو ۽ نہ انهن جي پاڪيزگي (يا نشونما) ٿيندي. هنن لاءِ دردناڪ عذاب هوندو (77)

هن ڪان اڳ جي آيتن ۾ يهودين جي خيانت في الدين جو ذڪر هيو. هو پاڻ تہ گمراهہ هيا، پر مسلمانن کي دين اسلام کان متنفر ڪرڻ، شڪ شبها پيدا ڪرڻ ۽ آخرڪار اسلام جي سڌي رستي تان ٿيڙي، گمراهيءَ ڏانهن وٺي اچڻ جي سازشن ۾ رڌل هوندا هيا.

هن آيت ۾ يهود جي خيانة في المال جو ذڪر آهي تہ انهن ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي مالي معاملن ۾ امانت واپس ڪرڻ ۾ امانتدار ۽ ايماندار آهن، پر ڪجهہ ماڻهو نهايت ئي بي ايمان ۽ خائن آهن. توهان جو جڏهن اهڙن يهودين سان لين دين جو واسطو پوندو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ هنن اهل ڪتاب وارن مان ڪجهہ اهڙا ديانتدار ماڻهو بہ آهن، جن وٽ اوهان سون چاندي جا ڍير امانت ۾ رکرايو تہ اهي اوهان جو پورو پورو مال اوهان کي واپس ڪري ڏيندا ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي خيانت ڪو نہ ڪندا، پر انهن ۾ ڪي اهڙا بہ آهن جن وٽ هڪ دينار (هڪ روپيو) بہ امانت طور رکو تہ اهي اوهان کي اها ٿورڙي رقم بہ تيستائين ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا جيستائين اوهان هن جي سر تي نہ بيٺا هجو ۽ لڳاتار واپسي جي گهر ڪري رهيا هجو.

هنن ۾ اها بدديانتي ۽ معاملات ۾ اڻنگي روش ان ڪري اچي وئي آهي، جو هنن جو خيال آهي تہ "اُمِّـيّـين) غير اهل ڪتاب سان اسان جو ڪجهہ بہ ڪريون، ان لاءِ اسان جي ڪا بہ گرفت يا پڇاڻو ناهي. ديانتداري رڳو هم مذهب اهل ڪتاب سان ڪرڻي آهي. ان ڪري اهل ڪتاب ڪانسواءِ ٻين ماڻهن سان ڏيتي ليتي ڪرڻ وقت جيڪڏهن انهن جو مال هڙپ ڪري وڃون، تہ اهو جائز آهي ان ۾ ڪو گناهہ يا بديانتي جو شبهو نہ آهي، ڇوتہ اسان جي ڪتاب ۾ غير اهل ڪتاب جي حقن جو ذڪر ناهي. ان ڪري انهن جو مال هڙپ ڪرڻ ۾ ڪو ڏوهہ يا پڪڙ ناهي ۽ پنهنجي هن خيانت کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ الله جي ڪتاب جو ڪوڙو حوالو ڏئي، الله تي بهتان مڙهين ٿا، پر قرآن جي تعليم آهي تہ ديانت هر ماڻهوءَ سان ڪرڻ لازمي آهي. ڇو تہ ديانت ديانت آهي ۽ خيانت خيانت آهي. هو اهڙي تاويل ڪري دراصل وحي الاهي جي تعليمات جي نفي ڪن ٿا. ۽ ڄاڻي ٻجهي الله جي ٻڌايل طريقي جي خلاف ورزي ڪري ان کي مذهبي رنگ ڏئي خدا تي ڪوڙو بهتان هڻن ٿا.

"وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ" (المؤمنون: 8/33، المعارج: 32/70) مؤمن پنهنجي عهد ۽ امانت جا محافظ آهن. "اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَا" (النساء: 58/4) الله جو فرمان آهي تہ توهان ماڻهن جون امانتون انهن حوالي ڪريو. "لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَّا اَمَانَةَ لَهٗ وَلَا دِيْنَ لَهٗ لِمَنْ لَّا عَهْدَ لَهٗ" جيڪو امانت ۾ خيانت ڪري ٿو، اهو بي ايمان آهي ۽

جيڪو وعده وفائي نٿو ڪري اهو بي دين آهي. حضرت ابوهريره رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وسلم جن فرمايو: ”آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ اِذَا حَدَثَ كَذَبَ وَاِذَا وَعَدَ اَخْلَفَ وَاِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ“ (صحيحين) منافقن جون ٽي نشانيون آهن: (1) جڏهن ڳالهائيندو ڪوڙو هڻندو. (2) وعدو ڪندو ته وعده خلافي ڪندو ۽ (3) امانت ۾ خيانت ڪندو. اهڙي طرح عبدالله بن عمر رضي الله تعالیٰ عنهما مطابق منافقن جي چئن نشانين مان هڪ امانت ۾ خيانت آهي.

پر هنن جو هر حال ۾ مواخذو ضرور ٿيندو ڇو ته خدا جو قانون اهو آهي ته جيڪو ماڻهو به پنهنجو معاهدو ۽ معاملو سچائي ۽ ايمانداري سان ڪري ٿو ۽ دل ۾ خوف خدا رکي پرهيزگاريءَ جو رستو اختيار ڪري ٿو ته الله اهڙن حق ۽ سچائيءَ جو ساٿ ڏيندڙن کي پسند ڪري ٿو پوءِ پلي هن جو ڪهڙي به جماعت يا گروه مذهب يا رنگ و نسل سان واسطو هجي.

بيشڪ جيڪي ماڻهو الله سان ڪيل وعدي يعني وحي الاهي جي روشني ۾ ڏنل هدايت مطابق ديانتداريءَ سان ڏيتي ليتي نه ڪندا ۽ ماڻهن کي يقين ڏيارڻ لاءِ پنهنجن قسمن کي ٿوري نفعي يا قيمت تي فروخت ڪن ٿا ”قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ“ (النساءِ: 77/4) ۽ خيانت جا مرتڪب ٿين ٿا، اهڙن بدعهد ماڻهن جي حصي ۾ آخرت ۾ ڪائي چڱائي نه آهي. اهڙن ماڻهن سان قيامت ڏينهن الله نه ئي گفتگو ڪندو ۽ نه رحم جي نگاهه سان ڏسندو ۽ نه وري هو پنهنجي گناهن جي آلودگي کان پاڪ صاف ٿي بلند درجات حاصل ڪندا. هنن جي لاءِ نهايت درد ناڪ عذاب هوندو، جيڪو سندن مڪافات عمل جو لازمي نتيجو آهي. (يونس: 10/8-7، حٰم السجده: 16/41، الشوریٰ: 20/42)

وَاِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَمَا هُوَ
مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ
عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ
وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ

كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَلَا يَاْمُرَكُمْ
اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ وَالنَّبِيّٖنَ اَرْبَابًا ؕ اَيَاْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ
مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾ ع

ع ٨ ٩ ١٢

بيشڪ هنن ۾ هڪ اهڙو ٽولو بہ آهي جيڪو ڪتاب پڙهندي پنهنجي زبان کي مروڙ ڏين ٿا تہ جيئن هنن جي هيري ڦيري (تحريف) کي توهان ڪتاب (جو حصو) سمجهو. حالانڪ سندن اها تحريف ڪتاب مان نہ آهي ۽ هو چون ٿا تہ اهو (سڀ) الله جي طرفان آهي. حالانڪ اها (هير ڦير) الله جي طرفان نہ آهي. هي ماڻهو الله ڏانهن ڪوڙ منسوب ڪن ٿا، حالانڪ هو ڄاڻن بہ ٿا (تہ اهو سڀ ڪوڙ آهي)(78) ڪنهن بہ بشر کي اهو حق نٿو پهچي تہ هن کي الله ڪتاب ۽ حڪمت ۽ نبوت عطا ڪري پوءِ هو ماڻهن کي چوي تہ توهان الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها بڻجي وڃو پر (هو تہ اهو ئي چوندو) اوهان رباني يعني الله وارا بڻجي وڃو. اهو ان ڪري جو توهان ڪتاب جي تعليم ڏيو ٿا ۽ توهان پاڻ ان کي پڙهو ٿا. (79) ۽ هي پيغمبر نہ وري اوهان کي اهڙو حڪم ڏئي ٿو تہ توهان فرشتن ۽ پيغمبرن کي پنهنجو رب بڻايو، ڇا ڀلا هو اوهان جي مسلمان هجڻ بعد اوهان کي (هاڻي) ڪفر جو حڪم ڏيندو (هرگز نہ) (80)

هن ڪان اڳ بيان ٿيو تہ يهود جا علماءِ ۽ مشائخ الله جي آيتن کي ذاتي مفادن جي لاءِ ٿورڙي موڙي تي وڪڻن ٿا، يعني دنيا جي وڏي مان وڏي شيءِ بہ قرآني آيتن جي مقابلي ۾ حقير آهي. هاڻي ذڪر ٿي رهيو آهي تہ هو آيتن ۾ تحريف يعني ڦيرڦار ڪن ٿا، لفظن کي اڳتي پنتي ڪن ٿا، ڪجهہ لفظ وجهن ٿا ۽ ڪجهہ لفظ ڪڍن ٿا تہ جيئن هو پنهنجي ذاتي مفاد جو مطلب ڪڍي سگهن. اهل ڪتاب جي عالمن ۽ پيشوائن مان ڪجهہ اهڙا

آهن، جيڪي خدا پاران نازل ڪيل ڪتاب ۾ پڙهڻ وقت پنهنجي مطلب جي هيرا ڦيري ڪري، هن جو اصل مقصد بدلائي ان جو مفهوم ۽ مطلب ڪجھ مان ڪجھ ڪري بيان ڪن ٿا تہ جيئن ٻڌڻ وارا سمجھن تہ ڪتاب الله ۾ ائين آيو آهي. مثلاً "حِطَّةٌ" کي "حِنْطَةٌ" ۽ "رَاعِنَا" کي "رَاعِيِنَا" چوڻ لڳا. حالانڪ اهو ڪتاب ۾ نہ آهي، پر اهي عالم ۽ اڳواڻ ماڻهن کي غلط بياني ڪندي چون ٿا تہ جو ڪجھ اسان بيان ڪيو آهي، اهو ئي ڪتاب جو حڪم آهي، جيڪو الله جي طرفان آهي. (البقره:79/2) در حقيقت اهو نہ ڪتاب جو حڪم آهي ۽ نہ وري الله جو فرمان آهي. اهڙي طرح هو خدا تي ڪوڙ مڙهن ٿا ۽ ڄاڻي ٻجهي ائين ڪري رهيا آهن. هي انهن عالمن ۽ اڳواڻن جا ڪڌا ڪرتوت آهن، جيڪي ڪتاب الله جي معنىٰ ۽ مطلب ۾ هيرا ڦيري ڪري ماڻهن کي گمراھ ڪن ٿا ۽ انهن کي خدائي حڪمن جي بجاءِ پنهنجن گمراھ ڪن روشن ۽ طريقن جو غلام بنائن ٿا. حالانڪ ڪنهن بہ انسان کي اهو نٿو جڳائي تہ الله پاران ڪتاب اقتدار ۽ نبوت ملڻ بعد ماڻهن کي ائين چوي تہ الله جي حڪمن کي ڇڏي منهنجي حڪمن جي اطاعت ۽ تابعداري ڪيو ۽ منهنجا عبادت گذار ٻانها ٿي وڃو. (الفرقان: 25/ 18-17، سبا: 34/41-40)

هو تہ چوي ٿو: "كُونُوا رَبَّانِيِّينَ" يعني الله جا ٻانها ٿي وڃو. ڪتاب الله جي تعليم ۽ تدريس جي نتيجي ۾ رب جي شناخت ۽ ان سان خصوصي ربط ۽ تعلق هئڻ گهرجي، جڏهن الله جي پيغمبرن کي اهو حق ناهي تہ اهي ماڻهن کي پنهنجي عبادت جو حڪم ڏين تہ پوءِ ٻئي ڪنهن کي حق حاصل آهي، جو اهي الله جي حرام ڪيل شين کي حلال ۽ حرام کي حلال ڪن. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي فرمان مبارڪ جو مفهوم آهي تہ يهودين ۽ علماءِ مشائخ جي طرفان الله جي حلال ڪيل شين کي حرام ۽ حرام ڪيل شين کي حلال سمجھڻ، انهن جي عبادت ڪرڻ آهي. ياد رهي تہ يهود و نصارىٰ جي علماءِ مشائخ حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال جو حڪم ڏئي احڪام الاهي جا انڪاري هوندا هئا. "لَوْلَا يَنْهٰىهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ" (المائده: 63/5)

اوهان لاءِ مناسب تہ ائين آهي تہ اوهان پنهنجي نسبت الله سان قائم ڪريو ۽ خلق خدا جي رهبري ۽ رهنمائي جو ڪردار ادا ڪريو ڇو تہ اوهان الله جي ڪتاب جي عوام

كي تعليم بہ ڏيندا رهو ٿا ۽ ان جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مشغول رهو ٿا. هڪ رباني شخص ڪڏهن بہ توهان کي ڪو بہ اهڙو حڪم ڪو نہ ڏيندو تہ فرشتن يا نبين کي پنهنجو الله بنائي ڇڏيو ۽ انهن جي آڏو اهڙي طرح سربسجود ٿيو، جهڙي طرح الله جي بارگاهہ ۾ سجده ريز ٿيندا آهيو. ڇا ائين ممڪن آهي تہ هو اوهان کي ڪفر ڪرڻ جو حڪم ڏئي حالانڪ اوهان مسلمان ٿي چڪا آهيو، پر هن جو توحيد وارو پيغام اهو آهي تہ الله ئي "رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" آهي، ان ڪري فرشتا، نبي، ولي سمورا "بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ" خدا جا معزز ٻانها آهن. محڪوميت ۽ اطاعت الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي نٿي ڪري سگهجي، عبادت جي لائق بس اهوئي آهي. مڪي جي مشرڪن فرشتن کي رب ٻڌايو ۽ ان جي نالي تي لات، منات ۽ عزىٰ جهڙا بت ٺاهيا ۽ انهن جي عبادت ڪئي. اهڙيءَ طرح عيسائين الله جي نبي حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجو الله ناهيو، ڇا الله جو سچو ٻانهو اوهان کي مسلمان ٿيڻ بعد ڪفر اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو؟ هرگز نہ.

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّ حِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَاَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِيْ ؕ قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ فَاشْهَدُوْا وَاَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨١﴾ فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَ لَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾

۽ (اي منهنجا محبوب خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن الله (تعالىٰ) نبين کان پڪو پختو عهد ورتو تہ جڏهن بہ مان (الله) اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪريان پوءِ توهان وٽ اهو (سڀ کان وڏي عظمت وارو) رسول (خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

تشريف فرما ٿئي، جيڪو انهن (آسماني) ڪتابن جي تصديق ڪندڙ هجي،
جيڪي اوهان سان گڏ هوندا، تہ پوءِ ضرور بضرور ان تي ايمان آڻيندا ۽ ضرور
بضرور ان جي مدد ڪندا. فرمايو (الله) ڇا اوهان اقرار ڪيو ۽ انهيءَ (شرط) تي
پنهنجو ڀاري عهد مضبوطي سان پڪڙڻ (پورو ڪرڻ) قبول ڪيو؟ سمورن
عرض ڪيو تہ اسان اقرار ڪيو آهي. فرمايو (الله) تہ توهان شاهد ٿجو (نگراني
ڪجو) ۽ مان بہ اوهان سان گڏ گواهي ڏيندڙن (نگراني ڪندڙن) مان هوندس.
(81) (اهو حڪم پوري نوع انسان لاءِ تنبيه طور خبردار ڪندي فرمايو) تہ جنهن
بہ هن اقرار ڪرڻ بعد منهن موڙيو (عمل نہ ڪيو) تہ اهي ماڻهو نافرمان هوندا.
(82) ڇا هي (نافرمان) الله جي دين کانسواءِ ڪو ٻيو دين طلب ڪن ٿا ۽
(حالانڪہ) جو ڪجهہ بہ آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي، طوعاً و ڪرهًا يعني خوشي
سان يا لاچاري سان (هر حال ۾) ان جي فرمانبرداري قبول ڪئي آهي. ۽
(آخرڪار سيني کي) انهيءَ طرف ئي واپس آندو ويندو. (83)

جنهن وقت الله نبين جي باري ۾ نبين ۽ قومن کان سندن نبين جي معرفت عهد ورتو هيو تہ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪئي وئي آهي، پوءِ بہ اوهان وٽ (اوهان جي دور ۾) ٻيو اهڙو رسول اچي، جيڪو پنهنجي تعليم جي ذريعي ان ڪتاب جي سچائي جي تصديق ڪري جيڪو اوهان وٽ آهي (البقره: 89/2، المائده: 48/5) تہ پوءِ اوهان تي لازم آهي تہ هن جي نبوت کي تسليم ڪريو ۽ ان جي تائيد ڪريو. (الاحزاب: 7/33) هن آيت ڪريمہ جا ٻہ قسمن ۾ تفسير بيان ٿيل آهن: (1) هڪ مٿي بيان ٿيل جيڪو ترجمان القرآن ۾ ابو الڪلام آزاد، شاهہ ولي الله ۽ ٻين اختيار ڪيو آهي. هن جو ٻيو مفهوم آهي تہ جڏهن الله نبين کان عهد ورتو تہ جيئن مان اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت سان سرفراز ڪريان پوءِ اوهان وٽ اهڙو رسول اچي، جو اوهان وٽ موجود ڪتاب جي تصديق ڪري ۽ ان جي سچائي جو اقرار ڪري تہ پوءِ اوهان تي لازم آهي تہ ان تي ايمان آڻيو ۽ ان جي مدد ڪريو.

چو تہ الله طرفان شروع کان ئي هڪ دين آهي، جيترا بہ نبي ۽ رسول آيا آهن، انهن سيني انهيءَ هڪ دين جي دعوت ڏني آهي. (الاعراف: 172/7) حديث شريف ۾ آهي: "اَلۡاَنۡبِيَاءُ اَوۡلَادُ عَلَّاتٍ وَ دِيۡنُهُمۡ وَاحِدٌ " (صحيح بخاري) سمورا انبياء ڀيءُ شريڪ (هڪ پيءُ) جي اولاد آهن. انهن جون مائرون (شريعتون) الڳ الڳ پر سندن دين هڪ آهي. "اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ " (آل عمران: 19/3) بيشڪ اسلام ئي الله جو دين آهي. " وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ ۚ وَهُوَ فِى الۡاٰخِرَةِ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ " (آل عمران: 85/3)

ثابت ٿيو تہ اصل دين هڪ ئي آهي ۽ سمورا رسول ڪرام انهيءَ هڪ دين جي ئي دعوت ڏيندا آيا آهن. ارشاد رباني ٿيو تہ ڇا اوهان سڀ هن حقيقت جو اقرار ڪيو ٿا ۽ ان جي پوري ڪرڻ جو ذمو ڏيو ٿا ۽ عهد ڪيو ٿا. انهن سيني عرض ڪيو تہ اسان ان جو اقرار ڪيون ٿا. اهو عهد عالم ارواح ۾ "عهد الستي" ورتو ويو هو. " اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ ؕ قَالُوۡا بَلٰى ۚ " (الاعراف:172/7)تڏهن الله ڪين چيو تہ اوهان پنهنجي هن اقرار جا شاهد (نگران) ٿجو ۽ آءُ الله بہ ان جو شاهد (نگران) آهيان.

الست بربکم جڏهن کن پيوم
قالوا بلىٰ قلب سين تڏهن تت چيوم
تنهين وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سين (شاهہ)

هت اهل ڪتاب کي چيو ويو آهي تہ اوهان تي نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ تي ايمان آڻڻ لازم آهي. (النساء: 170/4، البقره: 91/2، الاعراف: 158/7) انهيءَ پڪي عهد ۽ اقرار کان پوءِ جيڪو بہ انهيءَ کان ڦري ٿو وڃي ۽ الله جي آخري رسول ﷺ جي رسالت جو انڪار ڪري ٿو تہ يقيناً اهڙا ماڻهو ئي فاسق ۽ فاجر آهن ۽ اسلام سان انهن جو ڪو بہ تعلق نہ آهي. معلوم هئڻ گهرجي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ خاتم النّبيّين آهن. (الاحزاب: 40/33) عالمِ غيب ۾ سڀ کان اول ۽ عالمِ شهادت ۾ سڀ کان آخر اچي يعني رسالت جي عمارت جي آخري سر آهن، جنهن هن سلسلي کي هميشہ هميشہ لاءِ بند بہ ڪري ڇڏيو ۽ اتمام پذير ڪيو. " اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا " (المائده: 3/5) جڏهن قرآن دين اسلام جي تڪميل ۽ اتمام جو آخري

ڪتاب آهي تہ جنهن تي اهو قرآن نازل ٿيو، اهو بہ آخري ۽ خاتم الانبياء آهي.

سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ فَخْرُ الْاَوَّلِيْنَ

آخر آمد بود ختم المرسلين (عطار)

پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو: ”كُنْتُ نَبِيًّا وَّ آدَمُ مُنْجَدِلٌ بَيْنَ الْمَآءِ وَالطِّيْنِ“ آدم عليه السلام اجان آب و گل ۾ هيو تہ آءٌ نبي هوس. ”كُنْتُ نَبِيًّا وَ آدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ“ چا آهي؟ ”اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِيْ وَ خَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ مِّنْ نُّوْرِيْ“

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪي مورت ماهہ
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ
اڪين ۾ ارواح اها ساجاهہ سپرين (شاهہ)

هن اٽل حقيقت جي باوجود هي ماڻهو الله جي دين کي ڇڏي ڪو ٻيو رستو اختيار ڪرڻ گهرن ٿا تہ ا ها هنن جي گمراهي آهي ۽ اختياري بانهپ قبول ڪرڻ بدران انحرافي ڪرڻ ڏوهہ آهي، حالانڪہ زمين ۽ آسمان ۾ جو ڪجهہ بہ آهي اهي (پنهنجي فطرت جي مطابق) سرگردانِ عمل آهن ۽ ان ۾ هڪ وار برابر بہ ڪمي بيشي نٿا ڪن. هن تسخيري بانهپ سبب هر حال ۾ ان جو حڪم مڃين ٿا. (الرعد: 15/13، حٰم السجده: 41/ 110) سيني نبيبن کان اهو عهد ورتو ويو آهي. پر پاڻ ڪريمن ﷺ کان اهو عهد نہ ورتو ويو آهي چو تہ هو خاتم النَّبيّين آهن. هي آخري نبي آهي. هن بعد ڪو بہ نبي يا رسول اچڻ وارو نہ آهي. ان ڪري هاڻي ڪو بہ ماڻهو حضور ﷺ کي ڇڏي ٻئي ڪنهن نبي جي اطاعت نٿو ڪري سگهي، جي اطاعت ڪندو تہ فاسق هوندو. (الفرقان: 25) هي حق جا انڪاري الله سان ڪيل وعدن کان بہ ڦري ويا آهن. ڪين خبر آهي تہ ڪائنات جو سارو نظام جنهن ۾ زمين آسمان سڀ شامل آهن، انهيءَ هڪ الله جي حڪم ۾ سرگردان عمل آهن. تہ برابر بہ انحرافي نٿا ڪري سگهن. (الرعد: 15/13، حٰم السجده: 11/41) تہ پوءِ انسان هوش حواس هوندي هنن حقيقتن جو ڪهڙيءَ طرح انڪار ڪري ٿو. حديث شريف ۾ آهي: ”وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ اَلَا يَسْمَعُ بِيْ مِنْ هٰذِهِ الْاُمَّةِ يَهُوْدِيٌّ وَّ لَا نَصْرَانِيٌّ ثُمَّ لَا يُؤْمِنُ بِيْ اِلَّا دَخَلَ النَّارَ“ (صحيح مسلم) ان ذات جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ منهنجي هن امت مان

جو شخص بہ منهنجي خبر ٻڌي، اهو پلي يهودي هجي يا نصاریٰ هجي ۽ مون تي ايمان نہ
آڻي تہ اهو جهنمي آهي. سورة البقره: 137/2 ۾ آهي: ”فَاِنۡ اٰمَنُوۡا بِمِثۡلِ مَاۤ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ فَقَدِ
اهۡتَدَوۡا“ جيڪڏهن هي يهودي ۽ عيسائي مؤمنن وانگر ايمان آڻين تہ هدايت پائيندا، نہ تہ
گمراهہ ٿي ويندا. (آل عمران: 108/3) ياد رهي تہ سورة البقره آيت 62 جو ڪجهہ ماڻهو اهو
مطلب ڪڍن ٿا تہ يهود، نصاریٰ، صابئي هينئر بہ يعني نبي آخر زمان خاتم النبيين ﷺ جي بعثت
کان بعد اڄ بہ الله ۽ آخرت تي ايمان آڻن، نيڪ عمل ڪن، پر نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي
شريعت ۽ اطاعت جو پلي انڪار ڪندا هجن ۽ مؤمن نہ هجن، تہ بہ انهن جو اهو عمل جائز
آهي. اها سوچ غلط آهي. انهيءَ آيت مان بہ اهو مراد آهي تہ يهود، عيسائي ۽ صابئي پاڻ
ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جي بعثت کان اڳ پنهنجي دور ۾ الله ۽ آخرت تي ايمان آندو ۽ عمل
صالح ڪيا تہ اهي الله وٽ قبول هيا. پر پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جي بعثت بعد شريعت
محمدي خاتم النبيين ﷺ قبول ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي. وڌيڪ ان آيت جو تفسير سورة
البقره: 62/2 ۾ ڏسو.

وحده لا شريڪ له جان تو چئين ائين
تان مڃ محمد خاتم النبيين ﷺ ڪارڻي نرتان منجهان نينهن
سو تون وڃيو ڪيئن نائيين ڪنڌ ٻين ڪي

—— * * * ——

وحده لا شريڪ له جن اُتو سين ايمان
تن مڃيو محمد خاتم النبيين ﷺ ڪارڻي، قلب ساڻ لسان
اُوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا (شاهہ لطيف)

قُلۡ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا وَمَاۤ اُنۡزِلَ عَلٰۤى اِبۡرٰهِيۡمَ وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ
وَيَعۡقُوۡبَ وَالۡاَسۡبَاطِ وَمَاۤ اُوۡتِىَ مُوۡسٰى وَعِيۡسٰى وَالنَّبِيُّوۡنَ مِنۡ رَّبِّهِمۡ ۖ
لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ ۚ وَنَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۸۴﴾ وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ
الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ ۚ وَهُوَ فِى الۡاٰخِرَةِ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۸۵﴾

(پيارا حبيب ﷺ !) تون هنن کي چؤ (ٻڌاءِ) تہ اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جو ڪجهہ اسان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جو ڪجهہ ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب (عليهم السلام) ۽ سندن اولاد تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جو ڪجهہ موسىٰ ۽ عيسىٰ ۽ سمورن نبين (عليهم السلام) تي سندن ربّ پاڪ پاران عطا ڪيو ويو آهي. (انهن سمورن تي ايمان آهي) اسان هنن مان ڪنهن بہ هڪ تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نٿا ڪريون ۽ اسان الله جا فرمانبردار آهيون. (84) ۽ ڪير بہ اسلام کانسواءِ ڪو ٻيو دين قبول ڪندو تہ اهو هن کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو ۽ اهو (شخص) آخرت ۾ (پنهنجو) نقصان ڪندڙن مان هوندو. (85)

اهل ڪتاب کي ٻڌايو ويو آهي تہ اسلام الله جو دين آهي ۽ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو نالو آهي. اهوئي سمورن نبين ۽ رسولن جو دين آهي ۽ پوري نوع انسان لاءِ اهوئي نظامِ خداوندي آهي. حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ الله جي طرفان موڪليل هن سلسلي جو آخري نبي ۽ رسول آهي. جهڙيءَ طرح پوئين آيت ۾ ذڪر آيو آهي تہ ان تي ايمان آڻيو. (اي پيغمبر ﷺ) تون هنن (منڪرين حق) کي ٻڌاءِ تہ اسان الله تي ۽ جيڪو هدايت جو ڪتاب اسان تي نازل ٿيو آهي ان تي ايمان آندو آهي. ۽ اهڙي طرح هن کان اڳ ابراهيم، اسماعيل، اسحاق، يعقوب عليهم السلام ۽ ان جي اولاد تي نازل ٿيو، ان تي ايمان رکون ٿا ۽ ان جي سچي هجڻ جي تصديق ڪيون ٿا ۽ جو ڪجهہ موسىٰ عليه السلام کي عيسىٰ عليه السلام کي ۽ ان کان علاوه ٻين نبين کي خدا جي طرفان مليو آهي. ان سڀ تي اسان ايمان آڻيون ٿا. (البقره: 2/136-285، النساءِ: 4/163-152) اسان انهن رسولن مان ڪنهن کي ٻين کان جدا نٿا ڪريون، يعني ڪجهہ کي نبي قبول ڪيون ۽ ڪجهہ جو انڪار ڪريون، اسان خدا جا فرمان بردار ٻانها آهيون ۽ ان جي طرفان موڪليل يا نازل ڪيل ڪتاب سڀ سچا آهن. ان ڪري اسان ان جي دل جي گهراين سان اطاعت ڪندڙ ۽ ان کي قبول ڪندڙ آهيون. (البقره: 136/2) پر ڪير بہ اسلام کان سواءِ، جيڪو حق جو دين آهي

ڪنهن ٻئي دين جي خواهش رکندو تہ اهو ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو ويندو ۽ آخرت واري ڏينهن اهو خساري ۾ نقصان وارو هوندو. البقره: 32/2، (آل عمران: 19/3-85) هن دين قيّم جو روح انهن سمورن عناصر کان پاڪ آهي، جيڪي انسان کي انسان سان ملڻ نٿا ڏين. هي ڪنهن خاندان، نسل يا قوم جي خدا جو دين ناهي، پر رب العالمين جو دين آهي، جنهن جو داعي رحمت للعالمين يعني سمورن جهانن جي رحمت، هدايت ۽ رهبريءَ جو علمبردار آهي. ان جي اطاعت جو انڪار تباهي ۽ بربادي‌ءَ کي دعوت ڏيڻ آهي.

کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں
یہ جہاں چیز ہے کیا، لوح و قلم تیرے ہیں (اقبال)

كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَ شَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّ جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۶﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۸۷﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۟ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۸۹﴾

ڀلا الله انهن ماڻهن کي ڪيئن هدايت ڪرڻ فرمائيندو، جيڪي ايمان قبول ڪرڻ کانپوءِ ڪافر ٿي ويا. حالانڪ هو اها گواهي ڏئي چڪا هئا تہ هي رسول (خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلی اللہ علیہ وسلم) سچو آهي ۽ هن وٽ صاف چٽيون نشانيون بہ اچي چڪيون آهن. الله ظالم قوم کي هدايت ڪرڻ نٿو فرمائي(جيڪي خود گمراهي جي ڪڌ ۾ ڪرن ٿا.) (86)اهڙن ماڻهن جي اها سزا آهي تہ هنن تي الله جي ۽ فرشتن جي ۽ تمام انسانن جي (هميشه) لعنت پوندي رهي ٿي. (87) اهي (ماڻهو) انهيءَ لعنت ۾ هميشه (موجود) رهندا ۽ سندن هن عذاب ۾ ڪا بہ ڪمي ڪا نہ ڪئي

ويندي ۽ نہ وري کين ڪا مهلت ملندي (88) سواءِ انهن ماڻهن جي، جن هن (گناهہ) بعد توبه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي (چڱا ڪم ڪيا) تہ بيشڪ الله وڏو بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي.(89)

ايمان الله جي وڏي نعمت آهي، جيڪا الله جي توفيق سان عنايت ٿئي ٿي، جنهن کي دائم قائم رکڻ لاءِ مؤمن هر وقت الله تعالىٰ ڏانهن متوجه رهي. ٻانهو چوي ٿو: ”اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ“ ۽ چوي ٿو: ”رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ“ ان ڪري دين اسلام قبولڻ بعد ان تي قائم رهڻو آهي. (حٰم السجده: 30/41) ان هوندي بہ ڪو منهن موڙي ٿو تہ پوءِ اهو مُرتد آهي. هنن آيتن ۾ مُرتد جا بہ قسم بيان ڪيا ويا آهن: هڪ اهڙا، جن اسلام قبولڻ بعد هميشہ لاءِ اسلام کان انڪار ڪيو ۽ ٻيا اُهي، جن انڪار ڪرڻ بعد وري توبه ڪري، اسلام کي دل سان قبول ڪيو ۽ ان تي عمل پيرا ٿيا. هي بدنصيب ماڻهو جيڪي ايمان جو شرف حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪفر جي راهہ اختيار ڪن (الاعراف: 7/177-175، الاحزاب: 68/33) يعني صحيح اسلامي نظام حيات قبول ڪري، وري غير اسلامي نظام جي گمراهي ۾ وڪوڙجي وڃن تہ الله اهڙن گمراهہ ماڻهن لاءِ ڪاميابي جا رستا ڪونہ (ڪيئن) کوليندو. ”غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ“ (الفاتحه: 7، التوبه: 7/9، النمل: 14/27) حالانڪ هنن پنهنجين اکين سان ڏٺو هو تہ جيڪو ڪجهہ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صلى الله عليه وسلم چيو هو، سو سراپا حق ۽ سچائي تي مبني هو ۽ حقيقت جا روشن دليلَ هن جي آڏو چٽا ٿي چڪا هئا. ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪا قوم حق ۽ صداقت کي صاف صاف ڏسڻ جي باوجود ان کان سرڪشي ۽ بي رخي اختيار ڪري تہ اهڙن نامراد ماڻهن جي نصيب ۾ ناڪاميءَ کانسواءِ ڪجهہ نہ آهي، جو تہ سچائيءَ جي ڪا بہ نشاني يا ڪوئي دليل جيڪڏهن هنن جي عبرت ۽ بصيرت جو سبب نہ بڻجي سگهي ۽ رڳو ضد ۽ شرارت سان حق جي راهہ جا انڪاري هجن ۽ ان گمراهيءَ کي ئي سچو سمجهن تہ اهڙن بدبخت ماڻهن جو مقدر ذلت ۽ خواري ئي آهي. ياد رکو تہ اهڙن ماڻهن جي غلط روش سرڪشي ۽ شرارت جي بدلي ۾ ڪين الله، جي، فرشتن جي ۽ سمورن ماڻهن جي لعنت ۽ ڦٽڪار ملي آهي.

چائت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن

تن جو صرافن دڪو داخل نہ ڪيو (شاهہ)

هو انهيءَ عذاب ۾ هميشہ گرفتار رهندا، جنهن ۾ ڪين ڪنهن بہ قسم جي تخفيف يا آساني ڪا نہ ملندي. (البقره: 161/2) انهيءَ بري حالت مان نڪرڻ ۽ بچڻ جو رڳو هڪڙو ذريعو آهي تہ جن بہ توبه جو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي اصلاح ڪئي ۽ غلط طريقي کي ڇڏي حق طرف قدم وڌايا تہ الله اهڙن ٻانهن جون خطائون معاف ڪندڙ ۽ مٿن رحم جي نظر ڪندڙ آهي. "توبه" جي معنيٰ آهي "موٽ ڪائڻ" يعني گناهن کي ڇڏي، نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ، توبه ۾ ڪيل گناهہ کي برو سمجهي، ڇڏي ڏيڻ ۽ پنهنجي غلطيءَ تي شرمسار ٿيڻ. وري گناهہ نہ ڪرڻ جو عهد ڪرڻ ۽ ڪيل گناهہ کان تدارڪ ڪرڻ جو نالو توبه آهي.

محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن،

تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهائيو. (شاهہ)

---

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ۚ

وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ

مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّلَوِ افْتَدٰى بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ

ع ٩ ١١ ١٧ اَلِيْمٌ وَّمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع

---

بيشڪ جن ماڻهن بہ پنهنجي ايمان آڻڻ کان بعد ڪفر اختيار ڪيو ۽ پوءِ اهي ڪفر (واري زندگي) ۾ اڳرا رهيا. اهڙن ماڻهن جي هرگز توبه قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اهي ئي (علي الاعلان) گمراهہ ڄاڻايل آهن. (90) بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اهي ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويا تہ اهڙن (گمراهہ) ماڻهن مان ڪو ئي شخص زمين جيترو سون بہ (پنهنجي نجات لاءِ) معاوضي ۾ ڏيڻ گهري تہ اهو هن کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو. اهڙن ماڻهن لاءِ ئي درد ناڪ عذاب آهي. ۽ نہ وري ڪو بہ هنن جو مددگار ٿي سگهندو. (91)

هنن آيتن ۾ ٻه ٻن قسمن جي توبه جو بيان آهي. هڪ اهڙي توبه، جيڪا دل سان نه هجي، رڳو ظاهري نمائشي توبه هجي، زبان سان توبه ڪري، وري گناهن ۾ غرق ٿي وڃي، پر ڪفر نٿو ڪري، رڳو هڪ گناهه بعد ٻيو گناهه ڪري ٿو. گويا ظاهري طور توبه ڪري ٿو ۽ وري گناهه ڪندو رهي ٿو ته اهڙي بار بار جي توبه ۽ بار بار گناهن جو ارتڪاب سچي توبه نه آهي. هن جو اهڙو ڪمزور ايمان هن کي سزا کان بچائي نه سگهندو، پر جيڪڏهن ڪو ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر اختيار ڪري ٿو ۽ سچي توبه جو رستو اختيار نٿو ڪري ۽ پنهنجي ڪفر ۽ سرڪشيءَ جي رستي تي اڳتي وڌندو رهي ٿو، رڳو ظاهر طرح زبان سان توبه ڪري ٿو ۽ دل ۾ ڪفر رکي ٿو ته اهڙن ماڻهن جي ظاهري توبه يا پشيماني جنهن ۾ حقيقي شرمندگي ۽ اصلاح جو پڪو ارادو نه هجي ۽ ايمان جي نور کان به بلڪل محروم آهي، ڪفر جي زندگي اختيار ڪري رهيو آهي. ڪنهن به صورت ۾ الله وٽ قبول نه آهي. هي اهي بدڪردار ماڻهو آهن، جيڪي صراط مستقيم يا سڌي رستي کان ڀٽڪي چڪا آهن. اهڙن مرتد ماڻهن جو انجام موت آهي. حديث شريف ۾ آهي. ”مَنْ بَدَّلَ دِيْنَهٗ فَاقْتُلُوْهُ“ (صحيح بخاري) مرتد توبه نه ڪري ۽ ڪفر کي سچو سمجهي ۽ دين حق کي ڪوڙو ڪري ته ان جي سزا قتل آهي. اهڙيءَ طرح جن ماڻهن اسلام جي فلاح ۽ بهبود واري خداوندي نظام کي ڇڏي ڪفر ۽ انڪار جو رستو اختيار ڪيو ۽ مرندي گهڙيءَ تائين ڪفر ۾ مضبوطي سان قائم رهيا ته اهڙن ماڻهن جي هن بداعماليءَ جي سزا کان بچاءَ ۾ ڪائنات دنيا ۾ جو ڪوبه وڏي مان وڏو معاوضو يا بدلو ڪٺي پوري زمين جيترو سون ڏين، قبول نه ڪيو ويندو. (البقره: 48/2) هنن لاءِ هميشه نهايت درد ناڪ عذاب آهي ۽ ڪين هن دائمي عذاب مان ڇڏائڻ وارو يا مدد ڪرڻ وارو ڪو به ڪو نه هوندو. (البقره:123/2، 254) يا موت ڏسي توبه ڪن ٿا ته به انهن جي توبه قبول نه ڪئي ويندي. ”اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَالَمْ يُغَرْغِرْ“ (مسند احمد) الله تعالىٰ ٻانهي جي توبه تيستائين قبول ڪري ٿو، جيستائين نزع جو وقت نه اچي. جيئن فرعون به غرق ٿيڻ وقت موسىٰ ۽ هارون جي الله تي ايمان آڻڻ لاءِ آماده ٿيو ته ڪيس الله چيو ته هاڻي ڪهڙو ايمان ڪم ايندو؟ فيصلو ٿي چڪو آهي. (النساءِ: 8/4، المائده: 36/5)